# شاهہ لطيف جي شرح

(فقيراڻي انداز ۾)

شارح

فقير يار محمد پيرزادو

سنڌ ادبي اڪيڊمي ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاهہ لطيف جي شرح

(فقيراڻي انداز ۾)

شارح

فقير يار محمد پيرزادو

SINDH ADABI ACADEMY

سنڌ ادبي اڪيڊمي ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب جا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | شاھ لطيف جي شرح<br>(فقيراڻي انداز ۾) |
| شارح: | فقير يار محمد پيرزادو |
| ڪتاب نمبر: | نائون |
| ڇپائيءَ جو سال: | جون ١٩٩٩ع |
| ڇپائيندڙ: | سنڌ ادبي اڪيڊمي<br>٥٣٢ سي، بلاڪ-٢،<br>سينٽرل ڪمرشل ايريا،<br>پي.اي.سي.ايڇ.ايس ڪراچي.<br>فون: ٧٧٨٢٥٩٧ |
| ڇپيندڙ: | ايڊيوڪيشنل پريس، ڪراچي |
| ڳاڻيٽو: | هڪ هزار |
| قيمت: | ٨٠ رپيا |
| ڪمپوزنگ: | ورڊس ڪمپوزرس-ڪراچي<br>فون: ٧٧٧١٦١٨ |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ارپنا

شاهه لطيف تي
ڪيل ڪم جي ارپنا پنهنجي ناني
حاجي لعل بخش شيخ
جي نانءِ-

- فقير يار محمد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ترتيب


١- مون سي ڏٺا ماءِ - ستار

٢- خيالِ فقير - فقير يار محمد پيرزادو

٣- سُر ڪاموڏ

٤- سُر ڪيڏارو

٥- سُر ڪنيات

٦- سُر سريراڳ

٧- سُر سامونڊي




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مون سي ڏنا ماءِ

اسان پڙهندڙن سان ڪيل وعدي مطابق هي نائون نمبر ڪتاب شاهه لطيف جي شرح ڏئي رهيا آهيون، هن ڪتاب ۾ صرف پنج سُر آهن، ڪاموڏ، ڪيڏارو، ڪنيات، سريراڳ ۽ سامونڊي. شاهه لطيف ڀٽائيءَ جي ساليانـي عرس جي حوالي سان، ڇاپي پڙهندڙن تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. شاهه لطيف ڀٽائيءَ جي شاعري، سنڌ ۽ سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ماڻهن لاءِ اجان به دنيا جي گولي تي رهندڙ سيني ماڻهن لاءِ، ڪاش! اهي ڪيس سمجهي سگهن ها- زندگي، جدوجهد، وطن سان محبت، انسانن سان پيار، ڌرتيءَ سان لاڳاپو، ٻوليءَ ڪي لوڙهو، ۽ انهن سيني ڳالهين کان مٿيرو روحانيت جا راز سمجهائڻ ۽ سلجهائڻ لاءِ هڪ عظيم تحفو آهي. شاهه لطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جي سڀ کان وڏي خوبي اها آهي ته



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها جهرجهنگ ۾ مال چاريندڙ ڌنار ڪان وٺي، ڊرائنگ روم جي ڳڱاٽيل ماحول ۾ ويٺل ڏاهي ڏاناسري، پڙهيل ڳڙهيل دانشور تائين، پڙهي ۽ سمجهي وجي ٿي. پر هرڪا مَتِ نرالي ٿيندي آهي، انڪري هرڪو ڪيس پنهن جي سمجهہ، عقل ۽ علم جي ڇاڻ مطابق سمجهي ٿو سگهي. ٻيا اهي بہ آهن جيڪي انهن مٿين ٻنهي طبقن مان ناهن، اهي آهن فقراء. اهڙيء طرح ڀٽائيء جي رسالي جا هيل تائين جيڪي بہ سهڙيندڙ ۽ شارح ٿيا آهن، اهي پنهن جي پنهن جي وقت جا وڏا اڪابر، ڊاڪٽر، شمس العلماء ۽ سند ڌرتيء جا دانشور هئا. جيڪي ڏاريا ڀٽائيء جا سهيڙيندڙ ۽ شارح رهيا آهن، اهي بہ سند ڌرتيء تي هئڻ ڪري. پر اسان جي مطالعي هيٺ هن ڪتاب ۾ آيل شاهہ لطيف جي جن سرن جي بيتن جي شرح ڪئي آهي، اهو هڪ لاطمع فقير هو. جنهن وٽ مال ملڪيت جي طلب نہ هئي، هو انهن مان نہ هو جن لاء ڀٽائي گهوٽ فرمايو آهي تہ:

طلب جي تنوار، متان ڪرين مڱڻا،
ڏِڪي ڪندئي ڏار، ماٺڪ ڏيئي مَٿِ ۾.

هُو مال جو طاماعو نہ هو، پر ڏيڻ وارن مان هو ۽ عمر ڀر ڏيندو رهيو، اهو آهي فقير يار محمد پيرزادو. فقير يار محمد سنڌ جي ڀهراڙيء جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ فيدر ضلعو نواب شاهہ جيڪو سنڌو درياء جي ڪنار تي هو (اڄڪلهہ آهي الائي نہ) اتي ١٩٢٧ ۾ ڄائو. درياء شاهہ جي مستيء ۾ اچڻ ڪري، لڏي پلاڻي، خيرن سان اچي ڳوٺ ٻلهڙيجي لڳ موهين جو دڙو کان ٻہ ميل ڏکڻ طرف سکونت پذير ٿيو. سندس تعليم ان وقت جي رواج مطابق سنڌي فائينل ٿيل هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فقير يار محمد جو نانو ۽ پڙنانو پنهن جي دؤر جا الله تعاليٰ جا پهتل ٻانها هئا. سندس وڏا ڪنهن حد تائين ٻني ٻاري يا پيري مريديءَ تي گذران ڪندا هئا. سندس پڙ نانو سخي شاهه جمال (اڙين آڏار) جي تربت اڄ به ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ ۾ موجود آهي.

هو ١٩٤٢ع ۾ ڳوٺ ٻُٺَ ۾ معلم ٿيو ۽ ١٩٤٨ع ۾ سنڌي فائنل پاس ڪيائين، پر ڪيس وڌيڪ نوڪري ۾رڪيو نہ ويو. ١٩٥٢ع ۾ ڪيس آبپاشي کاتي ۾ داروغي جي نوڪري ملي، پر ڪن سببن جي ڪري اهي ٻئي نوڪريون ڇڏي، اچي گهر ويٺو ٿيو. پوءِ مال متاع جي ٿهل ٽڪور ڪري پاڻ ۽ پنهن جي خاندان جي پيٽ گذر لاءِ جاکوڙيندو رهيو. ڳوٺ ۾ واندڪائيءَ جي زماني دوران هن جو نظارو ٿيو. بلڪل ائين جيئن سرمد شهيد جو ٺٽي سنڌ ۾ واپار سانگي اچڻ سان ابيچند نالي هڪ خوبرو هندو ڇوڪري سان نينهن نظارو ٿيو ۽ عشق هن وٽ آيو تہ سندس سموري ڪايا تبديل ٿي وئي هئي ۽ هو جڏهن ٺٽي کان دهليءَ پهتو تہ هو ڪپڙن کان پاڪ ٿي چڪو هو. چوڻ جو مقصد آهي تہ انسان کي جڏهن عشق مجازيءَ جي چوٽ لڳي ٿي تہ پتائي چواٿي تہ: "عشق جنين سر آئيو، سي پائنن بڪ". جڏهن اهو عشق سچل سرمست وٽ آيو تہ هن عالماتو ٺٽ ٺانگر ڇڏيو ۽ الفي پائي، يڪتارو کڻي، چوڻ لڳو، "تيري عشق نچايا، ڪرڪي ٿيا ٿيا" يا هن اهو چوڻ شروع ڪيو،" ڪافر مومن ناهيان، جوئي آهيان سوئي آهيان." ائين فقير يار محمد جو نظارو قادر بخش عرف قادن سان ٿيو، هن جي من ۾ هڪ هلچل مچي وئي. هن بہ جڻ الفي پاتي، ڪشتو کڻي سٽر شروع ڪيو ۽ فکر فراق لاءِ شاهه جمال تي ويٺو تہ هن تي ڪيئي راز عيان ٿيڻ لڳا. پر هن اهي راز سيني سان سلڻ ۽ ونڊڻ ورهائڻ شروع ڪيا جو هو قلندر شهباز جو پوئلڳ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عيان ڪندو، اظهاريندو ۽ سيني يارن دوستن جي قلبن تان ڪٽ ڪي ڪوريندو رهيو.

نيٺ ڪيس خيال آيو تہ انهيءَ پنڌ جي پانڌيئڙي هئڻ جي ناتي، ڪنهن اهڙي رهبر جي ڳولا ڪجي، جيڪو منزل مقصود تي پهچائڻ جي رهنمائي ڪري. ان لاءِ سنڌ جي اڪثر، سنڌس خيال سان ٺهڪندڙ درگاهن جي ساجده نشينن وٽ طالب ٿيڻ لاءِ ويو، پر ڪوبہ هن سان بحث مان ڪٿي نہ سگهيو ۽ سندس سوالن جا جوڳا جواب ڏئي نہ سگهيو. انڪري هو ڪنهن جو طالب نہ بڻيو. باقي پنهن جي ليکي هُو پاڻ کي قلندر شهباز جو پوئلڳ چوائيندو هو.

پنهن جي ڳوٺ ۾ اول ملوڪ شاهہ تي ۽ پوءِ شاهہ جمال، يعني پنهن جي پڙ ناني جو متولي ٿي وينو ۽ راڳ سان روح رلائي ڇڏيائين. جتي راتين جون راتيون راڳ رنگ جون محفلون ۽ آئي وئي سان قرب جون ڪچهريون ۽ ڀٽائي جي شاعريءَ تي ڇڻ تہ ليکچر ڏيڻ شروع ڪيائين. هتي هڪ ڳالهہ هيءَ بہ چوان تہ شاهہ جمال تي ويهڻ کانپوءِ فقيراڻو سٺر ڪري آئي وئي کي ڪارائيندو هو، انهن جو بار ڪڏهن بہ پنهنجي يائرن تي نہ وڌائين. ڪيترائي هن جي قرب ۽ ڪچهرين جي ڪري ڪڙجي ويا. هو سدائين اسان نوجوانن کي، شاهہ لطيف کي سياست سان سلهاڙڻ تي رنج هوندو هو ۽ چوندو هو تہ شاهہ لطيف ائين نہ ٿو چوي جيئن اوهين ڪيس سمجهي رهيا آهيو. پر ڀٽائي ائين ٿو چوي جيئن اسين فقير ٿا چئون.

مثال؛ مارئي انساني ارواح آهي، جيڪو پنهن جي ڪل يعني رب پاڪ جو جزو آهي. پنهن جي انهن جزن جي تانگهہ ۾ آهي سندس ملير عالم الارواح آهي ۽ هتي هن انساني جسم، قيدخاني ۾ آيو آهي. هن جا بند بدا ٿيندا تہ هو اصل وطن يعني ڪل سان ملو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شارح ڪلياڻ آڏواڻي، سر سريراڳ، داستان ٻهريون، بيت ٻهريون.

مانَ پُڇَنئي سُپرين، چِتان لاهِ مَ چَرُ،
اُنين جا اَمرَ، ڪڻ تہ خالي نہ ٿئين.

شرح: تون پرينءَ جي پچار دل تان نہ لاهہ تہ من پرين بہ تنهن جي سار لهن. سندن مڙئي حڪم مڃ تہ ڪڏهن بہ سندن فيض کان پالهو نہ رهين.

ساڳيو بيت نمبر ساڳيو سُر ۽ ساڳيو داستان، فقير يار محمد هيئن شارح ٿيو.

شرح: تون اڪيون ٿو هوتي تصور ڪري پرينءَ جي يادگيري فراق سان ڪر تہ محبوب ضرور ايندو. تون صبر ۽ تحمل سان فڪر فراق ۾، سڪ پيار سان رهُ تہ نااميدي نہ ٿيندي.

مرتب ۽ شارح ڪلياڻ آڏواڻي، سُر سامونڊي، داستان ٻهريون، بيت- ٢

پکَهَہ پاسي پَچُ، آيل! سامُونڊِين جي،
مَن ۾ ٻاري مَچُ، جِمَ وَڃَنِئي اوهِري.

شرح: اي منڌ! سامونڊين جي پکهہ جي ڀر ۾ وڃي درد ۽ سوز ۾ پچ، متان هُو تنهن جي من ۾ محبت جي آڳ اٿاري، پنهن جي ٻيڙي هاڪاري هليا وڃن.

ساڳئي داستان ۽ ساڳئي سُر ساڳئي بيت- ٢ جي شرح فقير يار محمد هيئن ٿو ڪري:

شرح: جيڪي روئڻ وارا عاشق آهن تون بہ انهن سان رهي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهن جي مجازي محبوب جو تصور ڪر، اهي تنهن جي محبوب سان پيار وڌائيندا ۽ فراق جو مچ مچائيندا ۽ پوءِ حقيقي محبوب ڏي وٺي ويندا.

مرتب ۽شارح ڪلياڻ آڏواڻي، سُر ڪيڏارو، داستان پهريون، بيت پهريون:

ڏنو مُحَرمُ ماهہُ، سَنَڪو شهزادن ٿيو،
ڄاڻي هيڪ الله، پاڻ وڻنديون جو ڪري.

شرح: محرم جو مهينو ڏنو آهي ۽ دل ۾ شهزادن (امام حسن ۽ امام حسين) جي جهوري لڳي آهي، هڪ الله کي ئي هر راز جي ڄاڻ آهي، جو پاڻ ئي وڻندڙ ڳالهيون ٿو ڪري.

ساڳئي سر جو داستان پهريون ۽ بيت ٻہ پهريون ڏسو تہ فقير يار محمد ڪيئن ٿو شرح ڪري:

شرح: چنڊ جهڙي سهڻي مجازي محبوب کي ڏسي، عاشق کي انتظار ٿيو، عشق انهيءَ راز کي ڄاڻي ٿو جو پنهن جي مرضيءَ سان هلندو آهي ۽ عاشق سان موت ۾ ملاقات ڪندو آهي.

مرتب ۽ شارح ڪلياڻ آڏواڻي، سر ڪاموڏ، داستان پهريون، بيت پهريون.

تون سمون آءٌ گندِري، مون ۾ عَيبَنِ جُوءِ،
پَسي راڻين روءِ، متان ماڳرِ مٽئين.

شرح: تون سمون سردار آهين ۽ مان گندري ذات جي مهاڻي آهيان ۽ مون ۾ اوڻاين جو ماڳ آهي، تون راڻين جو منهن ڏسي، متان ماڳر ذات جي مهاڻيءَ کان منهنڙو مٽي وڃين!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيماري بہ وسري وئي. منهن جي هر ٻئي ٽئين ڏينهن ملڻ واري نير ۾ هو مون کي پڙهي ٻڌائيندو هو، ڪڏهن انهن بيتن جي وڏيڪ تشريح ڪري ٻڌائيندو هو ۽ انئين ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڳالهائيندو هو جو ڪڏهن بہ اهو احساس نہ ٿيندو هو تہ ڪو هو بيمار بہ آهي. اهو هو هن جو شوق ۽ پيناڻيءَ جي شاعريءَ سان لڳاءُ ۽ فقراءَ جي خيالن جي اپٽار سان دلچسپي. جڏهن هن سڄو رسالو تشريح ڪري ورتو تہ ان ۾ ڪافي ڊاهہ ڊوهہ بہ هئي. مون کي اهو فيئر ڪرڻ لاءِ چيائين ۽ اجان ٿوروئي فيئر ڪري سگهيو، تہ هن جي صحت هن جي هٿن مان نڪرڻ لڳي ۽ آخرڪار پورو هڪ سال ۾ اهو پورو ٿيل رسالو فيئر نہ ٿي سگهيو ۽ پاڻ ١٩٩٨ع ۾ اڌورو ڇڏي وڃي پنهنجي اصل سان مليو.

شاهہ لطيف جو اهو پار اسان کي فقير يار محمد ڏيڪارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، هاڻ اهو اسان تي، پڙهندڙن تي ڇڏيل آهي تہ پريان سندي ڳالهہ ٻڌي، هنئين سان هنڊائين تہ فقير يار محمد ۽ اسان جو پورهيو ثاب پوي. آخر ۾ دعا آهي تہ:

پورهيو سندو پورهيتين، والي ڪيمَ وڃاءِ.

**ستار**

١٦.٥.٩٩
١٣ڊي، گلشن ڪامپليڪس فيز-٢
راشد منهاس روڊ، ڪراچي ٧٥٢٩٠.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# خيالِ فقير

هن جهان جي ٺهڻ جو سبب ڪهڙو آهي. قرآن شريف ۾ ان جو اظهار هن ريت آهي.

جڏهن الله جل جلاله جي اڪيلي ذات هئي، تڏهن هي جهان نه هئو ۽ ڪابه شئي وجود ۾ نه آئي هئي. هن اڳيان نور جي صورت ظاهر ٿي، جنهن جي ڏسڻ سان مون کي اهڙي راحت ۽ لطف آيو جو مان ستر هزار ورهيه انهيءَ کي ڏسندو هيو. ايتري عرصي گذرڻ بعد انهيءَ صورت سان ڳالهايو ته تون تمام حسين آهين. هن ڪائنات جو مالڪ آهين، ته انهيءَ نور جي صورت مان ڳوڙها ڪري پيا. ته ان صورت ۾ غم جو سبب پڇيو: چيائين ته تون غيب آهين، منهن جو ڪير عاشق آهي، ڪير ربَ چوڻ وارو آهي؟ تنهن تي ان صورت ۾ جذبات اڇي وئي. جڏهن واريءَ جي مٽ ڀري ڀت تي هٿجي ۽ ڪٿو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٿو ٿي وڃي تيئن مون مان روح ٿهي نور پاڪ صورت وٺي اڳيان بيٺا تہ امر ٿيو (الست بربڪم) روحن چيو (قالو بليٰ) تون اسان جو ربُ آهين. ربُ پاڪ ڏٺو هنن ڳڌجي قالو بليٰ چيو پر هنن کي ڏار ڏار ڪري پڇجي. تنهن لاءِ (ڪن فيڪون) جو آرڊر ٿيو، آسمان زمين پاڻي ۽ ملائڪ تيار ٿي ويا. وري ملائڪن کي حڪم ٿيو تہ مٽي آڻيو آدم ٺاهيو. آدم ملائڪن اڳ نہ ڏٺو هئو. تنهن ڪري جيڪا شئي ٺاهن پيا تہ اٺُ گهوڙو، ڪِول، ماڪوڙو اهڙيءَ طرح ارڙهن هزار ڪائنات تيار ٿي مگر آدم نہ ٺهيو. تڏهن ملائڪن کي امر ٿيو تہ هن وڻ ۾ نظر ڪريو. انهيءَ وڻ جي اوٽ ۾ پنهنجي صورت ڏيکاريائين. ملائڪن اها صورت بنائي، حڪم ٿيو تہ اها بوتي آدم جي سان ملايو. جڏهن صورت آدم جي بوتي سان ملي تہ ڪين حڪم ٿيو تہ سجدو ڪيو. روحن ۽ ملائڪن سجدو ڪيو، مگر عزازيل سجدو نہ ڪيو. هن چيو تہ هي اسان ٺاهيو آهي، باقي تون ظاهر ٿي تہ توکي سجدو ڪريان. ايتري چوڻ سان هُو لعنت جو مستحق بڻجي ويو. تہ تو امر نہ مڃيو ۽ هن رمز جي ڄاڻ توکي ناهي. عزازيل چيو تہ هي تو پنهنجي بندگيءَ لاءِ پيدا ڪيو آهي پر مونکي اجازت ملي تہ مان هن کي ڪنهن طرح تنهن جي بندگيءَ تان هٽائيندس. ربُ جي طرف کان اها هن کي موڪل ملي تہ تون لعنتي آهين، جيڪي منهن جا عاشق هوندا تن کي تون هٽائي نہ سگهندين. تنهن ڪانپوءِ آدم ۾ روح ڦوڪيو ويو، آدم تيار ٿي روئڻ ۾ ويٺو تہ مان اڪيلو آهيان. مان تنهن جي صورت جو عاشق هيس، تنهن جي حڪم سان مون قرباني ڪئي، تڏهن سبب ٺهيو ۽ حوا پيدا ٿي ۽ هن جهان ۾ جوڙي جو اضافو ٿيو. تنهن کان پوءِ ڪن سببن جي ڪري آدم زمين تي آيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ربُ پاڪ جو مقصد هرهڪ ڪان قرباني ۽ آزمائش وٺڻ وارو ارادو هميشہ دهرايو ويو. آدم کي عزازيل نفس خواهشن ڏي چڪيندو رهيو. ربُ پاڪ پيغمبري طريقو چالو ڪيو تہ آدم کي هدايت ڪريو. سڀ نبي آيا، مگر انسان کي سمجهائي نہ سگهيا. آخر محمد صلي الله عليہ وسلم جي آمد ٿي، جنهن انسان کي هدايت ڪئي تہ آدم ۾ رب پاڪ ظهور ورتو هو. يعني (آنَا احمد بلاِ ميمي) اهڙي نموني ربُ پاڪ پنهنجي پاڻ اظهاري ڪئي آهي. وڏيڪ هدايت قرآن شريف ۾ آئي (الانسان سري وانا سره) يعني منهن جو سر انسان جي سر جهڙو آهي ۽ پيون بہ ڪيتريون تصديقون آيون. جن ان تي عمل ڪيو، سي قلندر، فقير، درويش ٿيا. هنن جيڪا بندگي ڪئي انهيءَ ۾ (موتو قبلل انت موتو) ڪري حقيقت کي ڏسي آيا. انهيءَ جي اظهار لاءِ شعر چوڻ شروع ڪيائون تہ اسان بہ عوام کي اهو پيغام پهچايون. جنهن لاءِ قلندر شهباز فرمايو تہ (عاشق الله معشوقِ محمّد) لنگ ثابت تہ منزل آسان. جن ادب تن نصيب. وري ڀٽائي سائينءَ فرمايو:

پڙاڏو سو سڏ، ور وائيءَ جو جي لهين،
هئا اڪيهين ڪڏ ڀڏڻ ۾ ڀہ ٿيا.

يعني عاشق ۽ معشوق سچل سائين چيو:

ڪلمہ ڪونہ ڪَيو، مونکي مورئون مسلمان.
مکو ڪونہ محمّد، ڪو عرب ڏهون ايمان،
سچو سر صبحان، عالم ليکي آدمي.

•••

ماٺ ڪريان تان مشرڪ ٿيان، ڪڇان تان ڪافر،
انهيءَ وائيءَ وَرَ، سمجهي ڪو سچو چوي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايندي اڪيون ڀوتني ڏسبي تہ اَنَ تصور تي مک بہ نٿي وهي پاڇو بہ زمين تي نٿو اچي. معنيٰ اهو سيد تنهن جي اندر ۾ آهي يعني اهو پاڪ سيد (محمدﷺ) آهي. هاڻي ثابت ٿيو تہ (عاشقِ الله، معشوقِ محمدﷺ)پوءِ چئبو تہ قلندر جو سخن سچو آهي.

جن انهيءَ عشق کي پاڪ صاف سمجهي انهيءَ سان پيار ڪيو ۽ فڪر فراق سان روئندا اڪيون ڀوتيون پاڻ ڳوليندا رهيا. تن جو موتو قبلل انت موتو ٿِي. اها حقيقت جي اظهار ڪرڻ لاءِ شعر پڙهيائون ۽ چيائون ۽ موسيقي ڪان مدد ورتائون. وقت جو خيال ڪري چيائون تہ من ڪنهن عشق واري کي ڪو ڳڻ لڳي ۽ اچي عشق مان معشوق سان وفادار ٿئي. باقي زندگي نفسا نفسيءَ جي آهي، جنهن ۾ لذت عيش عشرت عزت مانُ مرتبو ڳولهڻ اها عذاب جي زندگي آهي. فقيرن نفي ڪري اثبات ڪئي تہ هنن شعر بہ اثباتي ٻوليءَ ۾ چيا. اثباتي ٻولي عام کي يا علم واري کي يا عالم علماءَ کي سمجهہ ۾ نہ ايندي. تنهن ڪري ڪنهن بہ فقير جو شعر هنن جي سمجهہ ۾ نہ ايندو. تنهن ڪري ٻوليءَ کي سمجهڻ لاءِ هيءَ هدايت ڏجي ٿي. جو تہ ڀٽائي سائينءَ چيو تہ:

جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين،
وڃي لنءُ لائين، پريان سندي پار ڏي.

اهڙي نموني قرآن پاڪ بہ متقين جي لاءِ آهي. جنهن ڪري فقيرن جي منزل شريعت، طريقت، معرفت، حقيقت هوندي آهي، جنهن لاءِ ڀٽائي سائينءَ چيو:

وحــــدہ جي وڍيـــا، الا الله ســـين اوريــنِ،
هِنيــون حَقـيـقـت ڳـڏيـو، طَـريـقـت تورِينِ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معرفت جي ماٿ سين، ڏيساندر ڏورِينِ،
سُک نہ ستا ڪَڏهين، ويهي نہ ووڙين،
ڪُلهنئون ڪورين، عاشق عبداللطيف چئي.

شريعت: پنهن جي مجاز واري محبوب کي پنهن جو خاوند يا مڙس سمجهبو آهي.

طريقت: انهيءَ طريقي سان عورت ٿي حق سمجهي انهيءَ جي ڳولا ڪرڻ اها عبادت اٿن.

معرفت: انهيءَ مجازي محبوب جي معرفت حقيقت سان ملبو. ربّ پاڪ سان ميلاپ ٿيندو، جنهن کي معراج چوندا آهن.

حقيقت: حق ربّ جي ميلاپ لاءِ اهڙي نموني منزلون طئي ٿينديون. فڪر فراق سان جيئڻ مٿئين بيت جي معنيٰ آهي موتو قبل انت موتو کان بعد چيائين:

وحده کي جڏهن ڏنائين تہ نفس ۽ عشق ڏار آهن ۽ پاڳا آهن الاالله. سمجهن تہ هن حق کانسواءِ ٻيو عبادت جو لائق نہ آهي. حقيقت ۾ حق سان دل جو پيار ڪن.

طريقت: انهيءَ طريقي سان عبادت ڪن، ڪڏهن عيش عشرت آرام نہ ڪندا نہ بيڪار ويهي رهن، عبداللطيف ٿو چوي تہ عاشق سر ڏيندا آهن.

اهڙيءَ طرح پتائي سائينءَ سمنڊ، جهاز، ٻيڙيون، ملاح، سپون، موتي، اُٿ ۽ اٺ جا ڪم اهي سڀ ڪردار جوڙيا آهن. جبل، ڏونگر، مارئي، وطن، راڻو، مومل اهي سڀ ڪردار آهن. سڄو رسالو ائين تيار ٿيو آهي.

نبي پاڪ عاشقن يا متقين لاءِ قرآن شريف ۾ سيد لاءِ چيو تہ اهي توهان جي هدايت لاءِ آهن پر سيد انهيءَ کي چئبو آهي، جنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي منهن تي مک نہ وهي يا زمين تي پاچو نہ اچي. تڏهن عاشق پنهنجي مجازي محبوب جي صورت اکيون ٻوٽي تصور ڪندو آهي. انهيءَ تصور ۾ محبوب جي منهن تي نہ مک وهندي، نہ ان جو پاچو زمين تي ايندو. تنهن ڪري اهو سيد بہ آهي تہ محمّد بہ آهي. حسن وارو جنهن جو ڪوبہ ثاني ناهي جو مونکي عشق جهڙي امانت ڏئي، اهو هاڻي حاضر ۽ ناظر آهي.

ڀٽائيءَ جي شاعري جن راڳن تي منحصر آهي انهن جو مختصر احوال هن ريت آهي.

چيو ويندو آهي تہ هندستان جا ڪلاسيڪل راڳ تانسين نالي ڳائڻي اڪبر بادشاهہ جي دؤر ۾ ايجاد ڪيا. پر موسيقي جي ڄاڻ رکندڙ ماهرن جو چوڻ آهي تہ راڳ ۽ موسيقيءَ دراصل موهن جو دڙو وارن ماڻهن جي ايجاد ڪيل آهي. ڄاڪاڻ تہ هرهڪ راڳ جو پنهنجو سرگم هوندو آهي، جنهن جي معنيٰ يا مطلب تانسين کان وٺي اڄ ڏينهن تائين ڪنهن بہ نہ ڪئي هئي. جيئن تہ موهن جو دڙو جي ٻولي اڄ ڏينهن تائين ڪنهن بہ نہ سمجهي سگهي آهي. ايئن سرگم جا اچار سا، ري، گا، ما، پا، ڌا، ني، ڪنهن بہ اڄ ڏينهن تائين نہ سمجهايا ۽ نہ سلجهايا آهن. باقي ڳائڻا ڳائيندا رهندا آهن. تانسين، جنهن ڪي هندستاني راڳ جو ابو ڪوٺيو ٿو وڃي، انهن راڳن کي ميڙيو، چونڊيو ۽ سهيڙيو ۽ انهن کي ترتيب ضرور ڏني. جن لاءِ بہ اهو نٿو چئي سگهجي تہ صحيح نموني سهيڙيل آهن يا نہ؟ جهڙي طرح شاهہ لطيف جي شاعريءَ لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هي ڪيتري قدر صحيح آهي يا نہ؟ پر ڀٽائيءَ جيڪي بيت چيا اهي پوءِ فقيرن جي سينا بہ سينا، نسل در نسل هڪ ٻئي نسل تائين پهچايا ويا جن کي ضرورت مطابق اڳتي هلي ترتيب ڏني ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رسالي جي صورت ۾ عوام لاءِ پيش ڪيا ويا.

هاڻ راڳ بابت منهنجو خيال آهي ته راڳ موهن جو دڙو وارن جو ايجاد ڪيل آهي ڇو جو موهن جو دڙو واري شهر جي کوٽائي مان جيڪو ساز مليو آهي اهو آهي بوڙينڊو. جيڪو ٺڪر جو ٺهيل آهي، ان کي ٽي سوراخ آهن، ٻه سوراخ آڱرين رکڻ لاءِ ۽ هڪ سوراخ ڦوڪ ڏيڻ لاءِ سمجهيو ويجي ٿو.

موهن جو دڙو وارن ماڻهن ٻيا ساز به ايجاد ڪيا هوندا. چاڪاڻ جو سهٽي، راڳڻيءَ جي صورت ۾ پڌايل آهي ته هن جي هٿ ۾ ستار آهي. اها ستار اڄ ڏينهن تائين موسيقي جي خاص سازن ۾ شمار ڪئي ٿي وڃي. جيڪو ثبوت آهي ته ٻيا ساز پڻ ايجاد ڪيل هوندا، جيڪي به موهن جو دڙو وارن جا ئي ايجاد ڪيل آهن پر پنج ڪان ڏهه هزار سال زمين ۾ دفن رهڻ ڪري انهيءَ جا نشان غائب ٿي ويا آهن، چاڪاڻ ته ايترو عرصو مٽي ۾ دٻيل رهڻ ڪري رڳو ٺڪر، پٿر، عاج يا سپي وغيره سلامت رهي سگهن ٿا. پر ان هوندي به اها سمجهڻ جوڳي ڳالهه آهي ته جيڪڏهن سرگم ۽ ان سان گڏ موجوده دؤر تائين جيڪو راڳ ڳائجي ٿو ۽ ان جي صورت اها ئي آهي، جيڪا قديم دؤر کان هلندي اچي ٿي، ان راڳ جو ڏڳ سير ساز آهن، جن جي آڌار تي راڳڻي يا راڳ ڳايو ويجي ٿو. چاڪاڻ ته هر راڳ جي ڏن جدا جدا ٿيندي آهي ۽ وري ڏنن جا به جدا جدا نالا ٿيندا آهن، ان مان اهو ثابت ٿيو ته جيڪڏهن راڳ ساڳي صورت ۾ اڄ ڏينهن تائين موجود آهن ته ساز به موهن جو دڙو جي دؤر کان وٺي، ڪيترائي ساڳئي شڪل ۾ يا ڪجهه نئين شڪل ۾ اڄ تائين موجود آهن.

ان ڪانسواءِ راڳ، سازن جون ڏنون ۽ سرگم مان اهو ثابت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيو تہ ان دؤر ۾ شاعري پڻ رواج پذير ھئي، ورنہ راڳ ۽ ان جون بندشون، شاعريءَ ڪانسواءِ نہ ھي ئي نٿيون سگھن. باقي راڳ ۽ موسيقيءَ کي گھڻو ڪري انھيءَ دؤر ۾ عبادت لاءِ استعمال ڪيو ويندو ھو، جنھن جو مثال مندرن ۾ اڄ بہ جيئن جو تيئن موجود آھي.

مٿين ڳالھہ جي ثابتي اسان کي شاھہ لطيف جي رسالي مان بخوبي ملي سگھي ٿي تہ راڳ ۽ شاعريءَ جو پاڻ ۾ چولي دامن وارو رشتو آھي، جنھن جو مثال خود ڀٽائي جي شخصيت مان ظاھر آھي. ڀٽائي راڳ جي ايتري ڄاڻ رکندو ھو، جو ھر راڳ يا راڳڻي جي جيڪا صورت آھي، ان جي صورت سان ھيلتائين ڳائجندڙ ڳالھہ يا داستان کي موضوع بنايو اٿس. مثال سر سورٺ، جا بيت ڀئي ڪنھن سر ۾ ڳائي نہ سگھبا. يا راڻي جا بيت سر ڪوھياري ۾ نہ ڳائبا. ھر سر سان لاڳاپيل بيت صرف ان ئي سر ۾ ڳائي سگھبا. ان لحاظ کان ڏٺو وڃي تہ راڳ جي ابتدا دراصل سنڌ کان ٿي آھي ۽ سنڌو درياھہ جي ڪنارن تي سنڌو ماتريءَ واري تھذيب راڳ ۽ موسيقي جي موجود آھي. ھتي آءٌ ڪجھہ راڳن جون تصوراتي تصويرون ۽ ڳائڻ جا وقت، راڳن جي ڪيفيت ۽ مزاج بيان ڪريان ٿو.

**ڪلياڻ:** سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آھي، جنھن جي معنيٰ آھي شانتي، خير، سک. سر ڪلياڻ ھڪ راڳ جو نالو آھي. ھندستان جي گوين مطابق ديپڪ راڳ کي آٺَ (٨) پُٽَ آھن جن مان ڪلياڻ ھڪ آھي. سر ڪلياڻ جا پنج قسم يا ان مان ڦٽندڙ پنج راڳ آھن. يمن ڪلياڻ، شام ڪلياڻ، ڀوپالي ڪلياڻ، حمير ڪلياڻ ۽ ڪيدار ڪلياڻ. جڏھن تہ خود ڪلياڻ کي شدّ ڪلياڻ ڪوٺيو ويندو آھي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوان آهي، پوشاڪ اڇي رنگ جي پاتل اٿس، جن ۾ لعل ۽ بلور پوئيل اٿس، هٿ ۾ ڪنول جو گل اٿس. هي راڳ ۴ وڳي شام کان ۸ وڳي رات تائين ڳايو ويندوآهي.

**ديپڪ راڳ:** هي راڳ ۸ وڳي رات کان ۲ وڳي رات تائين ڳايو ويندو آهي، هن کي ۵ زالون ۽ ۸ پٽ آهن. هن جي صورت هيئن آهي: باهه جهڙا چمڪندڙ ڪپڙا پاتل، وات مان باهه جا الا پيا نڪرنس، هڪ مست هاٿيءَ تي سوار آهي. هن جي ڳائڻ مان روايت موجب ڳائڻ وارو جلي سڙي ويندو آهي.

**راڳ مالڪوس:** ۲ وڳي رات کان صبح ۴ وڳي تائين ڳائڻ وارو هي راڳ نوجوان ڳڀرو آهي، منهن مان رت پيو ٽميس، اکيون نشي ۾ مخمور، هٿ ۾ لٺ اٿس، لباس نيلو ۽ ڳچيءَ ۾ موتين جي مالها پيل اٿس.

فقير يار محمد پيرزادو

مجاهد ڪالوني
ڪراچي.
۱۹۹۷ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سر ڪاموڏ

## داستان پهريون

(١)

ٿُون سَمون، آئُون ڳَندِري، مون ۾ عيبنِ جُوءِ،
پَسي راڻِنِ رُوءِ، مَتان ماڳُرُ مَتِئين.

(٢)

ٿُون سَمون آئُون ڳَندِري، مون ۾ عيب اَپارَ،
پَسي لِيَ لَغارَ، متان ماڳَرَ مَتيينِ.

(٣)

ٿُون سَمون آئُون ڳَندِري، مون ۾ عيَبنِ ڪوڙَ،
پَسي ڪِڪَيءَ ڪوڙِ، متان ماڳَرَ مَتيِنِ.

(٤)

ٿُون سَمون آئُون ڳَندِري، مون ۾ عيَبنِ ويهَ،
پَسي مِئَڪي ڏِيءَ، مَتان ماڳرِ مَتيِنِ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محبوب حق وارا تون بادشاهہ ڪائنات جو آهين، مان گندي رئڻ واري آهيان، تون راڻين جو سينگار ڏسي متان مون گندواريءَ کان نفرت ڪرين ۽ مونکي ڇڏي ڏئين.

تون بادشاهہ آهين حق وارا محبوب، مان گندي رئڻ واري آهيان، مون ۾ عيب بہ گهڻا آهن، مون ۾ اها ڪڪيءَ (عيبن) جي بوءِ ڏسي متان مون کان پري ٿي وڃين.

محبوب حق جا تون بادشاهہ ڪائنات جو آهين، مون گندي رئڻ واريءَ جي ڪروڙين عيبن کي ڏسي ۽ وهندڙ گند جي بوءِ ڏسي متان مونکي ڇڏي وڃين.

محبوب حق جا تون ڪائنات جو مالڪ آهين، مان گندي رئڻ واري، مون ۾ عيبن جون ويهون آهن. مون روئڻ واريءَ کي ڪم ذات جي ڏيءَ سمجهي متان ڇڏي وڃين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٧)

ڪـــامِلَ ڪَربَلا ۾، آيـــا جُنـــگَ جُوانَ،
ڏَرتـــي ڏِيـــي لَرزِيِ، ٿَرَٿِلَئـــا آســـمـــانَ،
ڪَرَمِ هُئي ڪانَ، هُنـو نِظارو نيـهَن جو.

(٨)

ڪـــامِلَ ڪَربَلا ۾، پـــانَ آيـــا پـيـــهِي،
پَهـــرُ ڪَيـــائـون پـانَ ۾، مُقـــابِلِ ويـهـي،
قَضا هيءَ ڪيهي، هَئـِ هَئـِ ٿي حُسينَ سينِ.

(٩)

ڪـــامِلَ ڪَربَلا ۾، آيـــا اَڄُ اَمـــيـــرَ،
وِيهي ويرنِ سامُهون، تِڪا هَنيائُون تِيـرَ،
هُئـي اِيَ تـقـديـرَ، اِمـــامَنِ سـين اَڳهـينِ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حقيقت وارا عاشق عشق سان گڏجي حقيقت ڏي هلڻ جي جدوجهد ۾ جڏهن شروع ٿيا. فڪر فراق سان جوش ڪري جڏهن زمين ڇڏيائون تہ ڌرتيءَ بہ لوڏا ڪاڏا ۽ متي جڏهن آسمان جو رخ ڪيائون تہ آسمان بہ ڏڪڻ لڳو. هي حقيقي محبوب وٽ پهتا تہ پيار جي حد ڪانہ هئي، اهو نظارو نينهن جو هو. جنهن ۾ موتو قبل انت موتو تي معراج ٿيو. تہ موت قبول پيو.

حقيقت وارا عاشق، حقيقي محبوب جي ميلاپ لاءِ اڪيون پوتي اندر جي ڪربلا ۾ پاڻ پهچي ويا. محبوب جي تصور سان روبرو ٿي ويچار ڪيائون تہ حسين پاڪ سان هيءَ تقدير ڪهڙي ٿي، جو محبوب جي نظرن سان ڳهائجي مرڻ ۾ ملاقات ڪري آيو. جو اڳي ڪنهن بہ پيغمبر سان بہ ائين ملاقات نہ ٿي آهي. تڏهن ٻڌائين تہ هي حسين پاڪ جو پنهنجو فيصلو آهي جو مون کي بہ مجبور ڪيو ويو.

حقيقت وارا عاشق اڄ اڪيون پوتي اندر جي ڪربلا ۾ امير عاشق آيا آهن. محبوب جي سامهون ويهي نفس جي مارڻ لاءِ تلوارن جا تير هنيائون ۽ مرڻ کان اڳ مري ديدار ڪرڻ لاءِ هن ڪائنات جي وجود کان اڳ ۾ اهو فيصلو امامن لاءِ ٿيو هو. تہ عاشق قرباني ڪندو رهندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٥)

تون سَمون آئون گندِري، مون ۾ عيبَنِ لکَ،
هِنَ منهنجي حالَ جي، توکي سَڀُ پَرکَ،
ڪارَڻِ رَبَ آلکَ، مَتان مانگُر مَتبِينِ.

(٦)

تُون تَماچي تَڙَ ڏَٽي، آئون مُهاڻي مي،
مون ڏهاڳُ مَ ڏي، جا نالي سُيسِ تنهنجي.

(٧)

تُون تَماچي تَڙَ ڏَٽي، آئون گندَري غريبِ،
توسين ڄامَ قَريبَ، ڪِي ڏَنُ ڇڏائي ڏِيج مُون.

(٨)

ڪاڄُ جَنين جو ڪِڪيون، مالُ جَنينِ جا مِڏَ،
سَمي سيئي سِڻَ ڪِيا، هيٺا جَنينِ هَڏَ،
ڄامُ پَرتِئي لَڏَ، سانگِينِ جي سيد چَئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محبوب حق جا تون بادشاهہ ڪائنات جو مان گندي رئڻ واري، مون ۾ عيب ئي عيب آهن. ۽ تون دلين جي ڳالهہ ٻہ ڄاڻين ٿو توکي سڀ معلومات آهي، تون محبوب رب. مون الله واري عاشق کي متان ڇڏي وڃين.

تون شهنشاهہ آهين مجازي محبوب واريءَ ٿر جو ٻہ تون مالڪ آهين، مان گهٽ ذات ۽ ڪکيءَ واري تنهنجي ٿي سڏجان، متان مونکي وڃوڙو ڏئي ڏار ڪرين ۽ مان رهندو عيبدار ٿي وڃان.

محبوب حق وارا تون شهنشاهہ آهين ۽ مجازي محبوب واري ٿرَ جو ٻہ مالڪ آهين. آئون گندي رئڻ واري غريب آهيان. مگر تنهن جي ويجهو آهيان. تون منهنجو ورُ آهين، جيڪو عاشقن تي مجازي محبوب کي سر ڏيڻ، ڏنَ جي صورت ۾ ضرور ڏبو آهي، اهو مونکي معاف ڪر، ڇو تہ مان هاڻي تنهنجي آهيان.

جيڪي اڪيون روئي گذارو ڪن. ۽ تصور ۾ مڏ ٿاهينديون آهن. حقيقت واري محبوب انهن اکين سان پيار ڪيو آهي جيڪي تمام ضعيف آهن. سيّد ٿو چئي تہ محبوب سرڪار هي ڪمزور لڏو تنهن جي حوالي آهي ڇو تہ هِنَنِ مسافر اکين جو گهر ناهي، جي گهر آهي تہ محبوب تون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٩)

ڄارا ۽ ڪارا، مال جَنجو مڪڙيون،
تماچيءَ جي تڪئي، اچن سَوارا،
مي ۽ مڇيءَ مارا، سمي سيئي سين ڪيا.

(١٠)

ڪِڪيءَ هاٿِيون ڪارِيون، ڇِڇيءَ هاٿا ڇَڄَ،
پاند جَنيِن جي پاندَ سِين،لِڱو تِئي لَڄَ،
سَمون ڄامُ سُهَجَ، ايو ڪَري اَنَ سِين.

(١١)

ڪارِيون ڪوجِهيون، ڪُ وَڙِيُون، مورُ نہَ موچارِيون،
وتِي ويتِيون واٽَ تي، ڪِڪيءَ جون ڪاريون،
اَنهَنِ جون آرِيون، سَمي رِيءَ ڪيرُ سَهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عاشقن جون اکيون ننڊيءَ ڀيڙيءَ وانگر سدائين پاٽيءَ ۾ رهنديون آهن، محبوب جي صورت کي اکين جي چار ۾ ڦاسائي اکيون بند کري تصور ڪرڻ ڇڻ ڪاري ۾ وجهي ڇڏڻ آهي ۽ سوير اٿي محبوب جي مڪان واري صورت کي ياد ڪن ٿيون. هتي اکين پاٽيءَ وهائڻ وارن جي ذات اهڙي آهي جو اکيون اکين جو شڪار ٿينديون آهن. محبوب انهن اکين سان مائٽي ڪئي آهي.

رئڻ وارين اکين جي عام ماڻهن ۾ بدنامي هوندي آهي پر انهن ڇڄن جهڙين اکين مان عشق جي اظهاري بہ ٿيندي آهي، انهن جن اکين ۾ هميشہ ڳوڙها هوندا آهن، انهن سان ڪوبہ ماڻهو اک ملائي شرمائبو آهي. محبوب حق وارو انهن اکين کي عشق جو انعام ڏئي ۽ پيار ڪرڻ لاءِ تيار ٿي بيهندو آهي.

عاشق جون ڪاريون اکيون ڳوڙهن سان ڀريل ڇڻ ڪوجهون ۽ عشق ۾ بدنام ٿيل آهن. ڪڏهن بہ اهي سهٽيون ناهن. رئڻ واريون اکيون محبوب جي اچڻ وارو رستو جهلي ويٺيون آهن. انهن جون اميدون محبوب ڪانسواءِ ٻيو پوريون نہ ڪندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٢)

چاريون ڪاريون ڇڄَ ڇپريون، جَنِ جي مُحَبَت مَڇيءَ سانُ
رَهَنِ وِهَنِ سِرِ پانڌِئين، سَيِئي بَدبوءِ هانُ،
لَذِتَنِ جيئَن لطيف چئي، پاٽيءَ وِجهَنِ پانُ
تَنِ مَلاحَنِ جو مانُ، سَمي سِرِ ڪَيو پانهنجي.

(١٣)

گَندُ جَنينِ جي گوڏِ ۾، پاڻوڙا پوشاڪَ،
اُنهين جي اوطاقَ، راجا ريجهي آئِيو.

(١٤)

گَندُ جَنينِ جي گوڏِ ۾، پاڻوڙا پيغامُ،
اُنهينِ کي اِنعامُ، مَچَرُ مِڙوئي ڏِنو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڪيون محبوب جون مڇيءَ وانگر سدائين پاڻيءَ ۾ رهنديون آهن. عاشق جون اڪيون ڪاريءَ ۾ ڇڇ ڇپرن وانگر هٿ ڪرڻ لاءِ اهڙو ڪردار ادا ڪنديون آهن. عشق ۾ بدنام ٿيل سدائين تصور ڪري اکيون پوٽي پنهنجي اندر محبوب جو انتظار ڪنديون آهن. لطيف ٿو چئي ته جيئن لڏڙو سڪيءَ ۾ پاڻيءَ ۾ رهندو آهي. عاشق جون اکيون به سدائين پاڻ کي روئڻ لاءِ پاڻيءَ ۾ وجهنديون آهن. اهڙا جيڪي عاشق آهن، انهن جي سدا پنهن جي محبوب کي ملڻ جي خواهش هوندي آهي، تنهن ڪري انهن عاشقن جو انگل محبوب حقيقت وارو ديدار ڪرائي پورو ڪندو آهي.

جيڪي عاشق، محبوب جو تصور ڪري اکين جا ڇپر بند ڪري روئندي پيا محبوب کي ياد ڪن. انهن جي اکين واري اوطاق تي محبوب حق جو راضي ٿي ايندو آهي. جو ته انهن جي اکين ۾ ڳوڙها گند وانگر ايندا آهن ته اکيون ڇپر جي پوشاڪ ڍڪينديون آهن.

جيڪي عاشق، محبوب جو تصور ڪري اکين جا ڇپر، پاپوڙن وانگر، بند ڪري پوشاڪ ڍڪي رُوئندي محبوب کي ياد ڪندا آهن. انهن عاشقن کي محبوب ديدار ڪرائي، رُوئڻ معاف ڪري هيءَ دنيا جيڪا ڏني آهي انعام طور ڏني انهيءَ ۾ ڏوهه گناهه هنن عاشقن لاءِ ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٥)

ڳنڍ جَنينِ جي ڳوڏِ ۾، مَٿَنِ تي مُوڙِيون.
اَچَنِ سَنيُوڙِيون، سَمي جي سَلامَ تي.

(١٦)

ٿِيا تَماچي ڄامَ سينِ، مُهاڻا مَحرومَ،
نَنڍي وَڏِي ڳنڍِريءَ، مَٿي ماڙِيءَ ڏُومَ
جي ڪِينجُهرُ جي رُومَ، سي سَڀُ اِنعامي ٿِيا.

(١٧)

نَ وَڏِي نَ وِڪِڻي، نَ ماري نَ ڌاري،
ڪارو وِڏائينِ ڪوهَ ۾، نِرتِئُون نِهاري،
سائِي پَرِ پاري، جا ڳهَرِ سَمي جي سَپِجي.

(١٨)

نَ وَڏِي نَ وِڪِڻي، نَ ڪَٽي ۾ ڪاري،
اَهجَ سُهنجَ ساهِميُون، ڏِريان نَ ڌاري،
سائي پَرِ پاري، جا ڳهَرِ سَمي جي سَپِجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيڪي عاشق محبوب جو تصور ڪري، روئندا آهن. محبوب
جي اکين ۾ اکيون ملايون حقيقي محبوب کي نياز ۽ نوڙت
ڪرڻ لاءِ تيار ٿيون پيون اچن.

حقيقت واري محبوب سان سڀ عاشق مائٽ ٿي ويا. نندي وڏي
عاشق جي اک، حقيقت واري محبوب کي ڏسڻ پئي آئي. پوءِ
بيڪي به عاشق هئا. پري يا ويجهو انهن کي ديدار انعام ۾
يو.

عاشق جي اک نه ڪنهن کي وڌي نه وڪرو ڪري نه ڪنهن
ي ڏاري ملڪيت ٿاهي. باقي محبوب جو تصور ڪري اکيون
وٽي اندر جي ڪوهه ۾ تصور ۾ اندر جي اکين سان پئي ڏسي.
سائي ڪار ڪري جنهن ۾ محبوب راضي ٿي اچي ديدار
ڪرائي.

عاشق جي عشق واري اک نه ڪنهن کي وڌي نه ڪنهن کي
ڪرو ڪري نه وري ڪاري ڪٽي وڃي وڪرو ڪري. محبوب
سان حساب ڪتاب شروع ڪان وٺي نه ڪيو اٿئين. مگر تصور
ڪري اکيون ٻوٽي پنهن جي اندر فڪر فِراق سان محبوب کي
اد ڪندي رهي ٿي اها ڳالهه محبوب کي وٽي ۽ اچي ديدار
ڪرايائينس.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٩)

پاڀوڙو پَيشِ ڪِيو، نئون نورِيءَ نِيئي،
حاضِرُ هُيون هَڪِيون، سَميون سِيئي،
نَوازي نيئي، ڳاڏِيءَ چاڙِهي ڳنڊِري.

(٢٠)

مُهاڻيءَ جي مَنَ ۾، نہ ڳيرَبُ نہ ڳاءُ،
نِيڻَن سين نِيازُ ڪَري، ريجهايائين راءُ،
سَمون سِيَنِ مُلاءُ، هيرايائين حِرفَتَ سين.

(٢١)

نوريءَ جي نيازَ جو، عَجَبُ اَجَهلُ هوءِ،
سَمون سِرِ سِيَنِ ۾، ميءَ مون رچيو سوءِ،
اَچئو اڀين پوءِ، هُجَتَ ڀڳي راڻِيئين.

(٢٢)

هٿين پيرين آرڪٽين، مُنهن نہ مهاڻي،
جيئن سڳو وچ سرندڙي، تِئَن راڻِن ۾ راڻي،
اصل هئي ان ڪي، اهل ڄاماڻي،
سمي سڃاڻي، ٻيڙو ٻڌس ٻانهن ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ن زور واريءَ اک ٻين سڀني پيغمبرن کان آلهَدي عبادت ڇپربند
ڪري ڪئي، اندر تصور ڪري ربّ پاڪ وٽ سڀ پيغمبرن
نهنجي اکين سان موجود هئا. انهن سڀني مان اسان جي نبي
حمّد پاڪ کي ربّ راضي خوش ٿي، معراج ۾ گڏ وهاريو
انهيءَ ڪانپوءِ اها عبادت امام ڪئي تنهن ڪانپوءِ قلندر ۽ پوءِ
ر عشق واري لاءِ آساني ٿي پئي.)

شق واريءَ اک جي من ۾ تعصب ۽ ٻيائي نه هئي. تنهن ڪري
ماٽا نيڻ ڪٿي پنهن جي حاڪم کي (وَرَ کي) راضي ڪري
رتائين. سڀن راتين مان هيناهينءَ ۽ سچائيءَ سان سڀني راتين
ي وچ مان پاڻ سان راضي ڪري ورتائين.

ن عشق واري نور واريءَ اک جو هي هيناهينءَ وارو نياز عجيب
ي. رب ته هر ڪنهن ۾ وسي ٿو. پر هن اک هن کي موهي
و. جنهن ڪري پيغمبرن کان دعوا توڙي اسان جو نبي پاڪ
ء مرتبو انهن اکين جي ڪري وڏي ويو ۽ آخري نبي بنجي
و.

سان جي اک جي وصف يا هن جي روش مان ذات پڌري
هي.هن اک جي نظر سڀڪي وانگر آهي پر سڄي جسم ۾ هن
ءِ ڪم اول ڏسڻ آهي. جيئن انسان پيدا ٿيو تيئن هن جو
سڻ شاهاڻو هئو. تڏهن ربّ پاڪ هن محبوب سان پيار ڪيو.
ءَ ڏسي هن جي تعريف ڪندي. انهن جي حالت هن کي
ندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢٣)

مــئــيءَ مَچيءَ ۾ هَتَڙا، ويــتــي ڪَري وَرَن،
راءِ اَکِهِين رکــي، مـــهـــاڻـــي مَنـجهِ مَنِ،
تَمـاچِيءَ جي تَنِ، ڳالِهيُون چَيَسِ ڳجِهيُون.

(٢٤)

تَهڙو ڪِينجَهر ۾ ڪِينَ ٻِيو، جَهڙي سُونهَن سندِياءِ
مَڏَ، مِيــاڻِيـــون، مَڪِڙا، مـــڙِئـي مـــعـــافُ تِيـــاسِ
مـــورِيچَــلَ مَــتــانــسِ، اَيِـــو تَــمـــاچــِي هَــٿــِ

(٢٥)

تَڙِ تَمـــاچي چامَ جو، تمـــاچي تــڙ راءُ،
تماچيءَ جي تڪــبي، تــون تماچي ڪاءُ،
تـ تـون تمــاچيــاءُ، تمــاچي تــڙ لـهـين.

(٢٦)

ڪــوءِ سَمِيــون، ٻَنِ سُومَرِيـون، جي اَچَنِ اوچي ڳاتِ
وَرُسي ڪِـينجُهــرَ ڄائـيـون، جَنِ تماچيءَ جي تـاتِ
راڻــنِ مُــلا راتِ، مـــاڻِڪَ مِـيءَ پـِــرائـــيـــو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عشق واري اک پنهنجي محبوب حق جي اک ۾ هئي ۽ ويئي نياز نوڙت سان محبوب کي ساراهي. محبوب جو هن سان الست کان وٺي پيار هو. تڏهن محبوب حقيقت واري ديدار واريون اهي ڳالهيون ڪيس جيڪي دنيا کان ڳجهيون هيون. موتڻ وارو راز لڪل آهي.

هن رب جي ڪائنات ۾ حسن اخلاق اهڙو پيو ڪونه ٿيو جهڙو عشق واريءَ جو. تنهن ڪري سڀ عبادت به معاف ٿي وَئيَسِ. ۽ محبوب حقيقت وارو پاڻ هن جي مٿان چانوَ ٿي پيو. تڏهن بنا عبادت جي وحي جبرئيل جي معرفت گهرائي ديدار ڪرايائينس.

حقيقت واري محبوب سان. صفات واري محبوب جي معرفت ملبو، ڇو ته صفات واري محبوب جو حقيقت وارو مالڪ آهي. صفاتي محبوب به حقيقت واري جي تعريف آهي ته تون حق جا عاشق صفات واري محبوب جو تصور ڪر ته انهيءَ تڙ تان توکي حقيقت وارو ملندو.

اهي حقي عشق وارا يا مجازي عشق وارا گهوريا جو عشق ۾ غرور ڪن. اهي سچا عاشق آهن، جيڪي پاڻ وساري محبوب جي تعريف ڪن. پوءِ سين عاشق مان جيڪا هيٺاهين ڪنڌڙ ڪ هئي، انهيءَ سان محبوب مليو. اهي هن ڪائنات ۾ پيلي پيدا ٿيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# داستان پهريون

(١)

سِرُ صَلابَتَ سُپرِين، مَرَڪَڻَ تون مَ مَرِيجِ،
آهِينِ نارُ اکين جو، وٺان مون مَ وَڃِيجِ،
تَماچِيَ تڳيجِ، ڪو ڏِينهُن ڪيجهَرَ ڪَنڌِينِ.

(٢)

ڪو ڏِينهُن ڪِينجهَرِ ڪَنڌِين، تون تَماچِي تڳُ،
اونچو تِيومِ اڳُ، مون ڪَرُ مَلاحَنِ ۾.

(٣)

هيٺِ جَرُ مَٿي مَجَرُ، پاسي ۾ پرِين سَندامِ،
ڪوڙِين ڪاچ سِڏامِ، اَڻ سِڏو ڪونَ رهيو.

(۴)

هيٺِ جَرُ مٿي مَجَرُ، پاسي ۾ وٽِراءِ،
اَچِي وَڃي وِچَ ، ۾ تَماچِيءَ جي ساءِ،
لَڳِي اُتَر واءِ، ڪِينجهَرُ هِندُرَو ٿِئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـهنجا مجازي محبوب ڪلٿا تون سدا شاد ۽ آباد هجين. شال وت توڏي نہ اچي، منهنجي اکين جو نار آهين. مونکي اڪيلو ڏي نہ ويڇانءِ. تون سدا خوش گذارين. شال منهنجي وئندڙ اک جي سامهون هن ڪائنات ڪينجهر ۾ اچين.

ي محبوب مجازي منهنجي پيار ڪرڻ وارن هن ڪائنات ۾ اکين ي سامهون ڪجهہ ڏينهن تہ گذار، جو تہ تنهنجي پيار ڪري ن عاشقن ۾ منهنجو ڪنڌ اڳي ڪان مٿي ٿيو آهي.

ذهن عشق اچي جنبش لائيندو آهي، تذهن اکيون ٻوٽي رئندو يان تہ هيٺان پاٽي وهندو مٿان اک ڍنڍ وانگر هوندي. پاسي مجازي محبوب جو تصور هوندو آهي. اهڙيءَ طرح محبوب ِنسان پيو ڪيترا دفعا ملندو آهي. ٻئي طريقي سان ڪونہ ندو.

ذهن اکيون ٻوٽي هيٺ پاٽي پيو وهندو آهي، مٿان اک ڍنڍ گر هوندي آهي ۽ پاسي ۾ تصور مجازي محبوب جو هوندو ي، انهيءَ وچ ۾ حقيقي محبوب لاءِ فڪر فراق ڪبو آهي، هن سان اتر وارين اکين ۾ پاٽي ايندو آهي، اک ڪينجهر ڍنڍ گر لوڏا ڏيندي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۵)

هيتِ جَرُ مَتي مَجَرُ، ڪَنڌِيءَ ڪوئنر ٽِڙِنِ،
وَرئي واهوندَنِ، ڪِينجَهرُ ڪَتُوري ٿِئي.

(٦)

سَمِيُون ڪَري سِينگارُ، راءُ، رِيجهائِڻَ آئِيُون،
چامَ هَٿَ ۾ چارُ، چُلي ڄبيرِن وِچ ۾.

(٧)

مَيءَ هَٿَ ۾ مَڪُڙي، چامَ هَٿَ ۾ چارُ،
سڄو ڏينهن شِڪارُ، ڪينجهر ۾ ڪالَ ٿِيو.

(٨)

جيلانهن نوري نوازيئين، ٿِيؤ تماچِيءَ تي،
ڳاڏيءَ چاڙهي گندَرِي، ماٺهو ڪيائين مَي،
ڪِينجهرِ چُئندا ڪي، تہ سَچ سَيائِي ڳالَهڙِي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عشق جڏهن عاشق تي جنبش ڪندو آهي، تڏهن اکيون ڀوتي هيٺ رئندو آهيان مٿان اکيون ڏنڊ وانگر هونديون آهن. مجاز واري محبوب جون اکيون تہ گلن وانگر پيون ٽڙنديون آهن. مٿان وري عشق جو اهڙو طوفان آيو جو رئندي عاشق سان محبوب جي ملاقات ٿي تہ عاشق جي هن دنيا ۾ نيڪي ٿي وئي.

جيڪي دنيا ۾ محبوب حقيقت واري جا پوڄاري هئا، انهن جون اکيون پنهنجي عبادت ڪٽي محبوب وٽ پهتيون تہ محبوب حقيقت وارو پنهن جن اکين کي کولي ڇار وانگر انهن مان پنهنجي پسند ڳولهڻ لاءِ عاشقن جي وچ ۾ پيو گهمي.

محبوب جي اک مڪڙيءَ وانگر هر عاشق کي ڏسندي رهي. حقيقت وارو محبوب پنهن جي پسند چوندڻ لاءِ عاشق جو متحان وٺندو رهيو، اهو سلسلو ڪالهہ سچو ڏينهن هُنَ ڪائنات ۾ ٿيندو رهيو.

کيون جنهن کي قبول ٿيون ڪن، انهيءَ جو اظهار پاڻ محبوب بان سان ٿو ڪري، جيڪڏهن محبوب ڪنهن کي عزت ڏئي و تہ اها اکين هن کي نڙوت ڏني. هن ڪائنات ۾ هئي ڳالهيون سچيون آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٩)

جامَا اڳي جي ڄائِيون، تَنِ جي نِرتِ نوريءَ کي ناءُ
نہ مَنَهنِ نہ مارکي، نہ وجنِ کنهن وهانءُ
سي ڪِينجَهر ڪنديون ڪاءُ، جَنِ تَماچي تَڪِيو

(١٠)

نہَ کِهہُ ڄائو ڄامَ کي، نَڪو ڄامَ وِياءُ،
ننڍيءَ وڏِيءَ گَندَرِيءَ، سَيِّنِ آهہِ سِياءُ،
لَم يَلِدِ وَلَم يُولَدِ، اِي نِجابَتَ نِياءُ،
ڪِبُر ڪِبرِياءُ، تختُ تماچي ڄام جو.

(١١)

پِکَنِ پَئي پَچارَ، اَڄُ تَماچي آئِيو،
مَرڪَنِ مَلاحَنِ جا، مَٿي ٻانڌِيءَ ٻارَ،
وَڏي ڄامَ ڄمارَ، جَنهنِ مِياٺيون موڪِيُون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا پيغمبر جيڪي اسانجي نبي پاڪ کان اڳي آيا، انهن کي هن
ڪين جي عبادت جي ڪهڙي خبر. هنن نہ ڪو پنهنجو وَرُ ڪيو
، انهيءَ جي خوشيءَ ۾ ڪو ڪردار، ڪين نہ وري ڪو ڪري
معراج ڪين. هُنَنِ کي صرف دنيا جي بادشاهي کپندي هئي.
ن پنهنجي محبوب سان پيارو ڪيو، انهن جو دنيا، دولت،
ادشاهي سان ڪوبہ واسطو ناهي.

ب پاڪ محبوب جيڪو آهي سو ڪنهن جو چٽيل نہ آهي، نہ
ري محبوب جو ڪو اولاد آهي. مگر اک هن محبوب جي عزيز
، آهي ۽ ان تي محبوب جو ڀروسو بہ آهي. ۽ هر اک سان
بجهڙائپ جو واسطو بہ اٿس. محبوب ڪنهن جو چٽيو چائو
هي. تڏهن بہ اکين جي ڪري، اکين جي شرافت ۽ عدل انصاف
ڪري. حقيقت وارو محبوب عام رواجي تخت تي نہ آهي. هو
ي شان و شوڪت وارو بيپرواهہ آهي، ساري ڪائنات هن
و تخت آهي ۽ انصاف تي ٻڌل آهي.

قيقت واري محبوب جي ديدار لاءِ جيڪي عاشق اکيون
تيون تصور ڪيو ويٺا آهن. اڄ محبوب انهن کي ديدار
ڪرائيندو. تڏهن انهن عاشقن جون اکيون خوش ٿيڻ لڳيون.
تازي محبوب کي دعا ڪرڻ لڳيون، انهيءَ جي عمر وڏي
ي، جنهن اڃي اکين کي مجاز جو عشق ڏنو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٢)

پَڪا پڪارِيو، چامُ تماچِي آئِيو،
گوندَرَ لاهِيو گندِرِيُون، آتَڻُ اُجارِيو،
ڪِينجُهرُ قَرارِئو، سَمي سامَ بَخِشي.

(١٣)

ڪو جو ڪامَڻُ مي، آهي اَڪَڙِيُنِ ۾،
تَنُ تَماچِي چامَ جو، ناپِيُون پايو ني،
عشقُ اِيءُ ڪَري، جِيئَن چارو چامُ ڪُلهي ڪَيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اشق اکيون ٻوٽي اندر مجاز جو تصور ڪريو جو حقي محبوب بو آهي، هاڻي عاشق غم نہ ڪريو. تصور ۾ نظر وجهي عشق ان روئي صاف ڪريو. عاشق جي اندر واري ڪائنات خوش يندي جو محبوب حق جي توهان عاشقن جو سڀ بار پاڻ تي نيو آهي.

اشقن جي اکين ۾ هيناهين ۽ سچائيءَ جو اهڙو جذبو آهي جو قيقت واري محبوب کي بہ مجبور ڪري پاڻ ڏي ڇڪي ورتو س. جنهن ڪري حقيقت واري هڪڙي عاشق جي وفا تي ضي ٿي سيني عاشقن جو بار کنيو اٿس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سر ڪيڏارو

## داستان پهريون

(۱)

ڏِنو مُحَرَمُ ماهہُ، سَنڪو شَهزادنِ ٿيو،
ڄاڻي هيڪُ اَللہ، پاڻَ وَٽنديُون جو ڪَري.

(۲)

ڏِنو مُحَرَمُ ماهہُ، سَنڪو شَهزادَنِ ٿيو،
مَڪي، مَديني، ماڻهئين، رُنو مَٿي راهہَ،
تَنهِن واحِدَ ڪي واهہَ، جو حُڪُمَ هَڙائي ڪَري.

(۳)

مُحَرَمُ موٽِي آئِيو، آيا تان نہَ اِمامَ،
مَديني جا ڄامَ، مولِيٰ مُونکي ميڙِيِنِ.

(۴)

مُحَرَمُ موٽِي آئِيو، موٽِيا تان نہَ اَميرَ،
مَديني جا مِيرَ، ڏاتَرَ ڏِيکارِئِينِ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چنڊ جھڙي سھڻي مجازي محبوب کي ڏسي. عاشق کي انتظار ٿيو تہ عشق انھيءَ راز کي ڄاڻي جو پنھنجيءَ مرضيءَ سان ھلندو آھي. عاشق سان موت ۾ ملاقات ڪندو آھي.

چنڊ جھڙي سھڻي مجازي محبوب کي ڏسي عاشق کي انتظار ٿيو تہ عاشق معشوق ۾ عام بہ عشق جي منزلن تي روئي ويٺا. عشق ھڪ اڪيلو اھڙي شئي آھي، جنھن جا اھڙا سخت حڪم آھن، جو عاشق سان موت ۾ محبوب جي ملاقات ڪرائيندو آھي.

مجازي محبوب چنڊ جھڙو تہ موٽي آيو مگر ان جو عاشق جيڪو منھنجي امامت ڪري سو تہ نہ آيو آھي. جيڪو حقيقت واري محبوب وٽ پھچائي سو موليٰ مونکي ملائين. ڇو تہ پاڻ بہ موت ۾ حقيقت واري محبوب سان ميلاپ ڪري نہ موٽيو.

مجاز وارو محبوب تہ موٽي آيو مگر مون وٽ عاشق تہ اڃا نہ آيو. اھو عاشق محبوب جي ملائڻ وارو موليٰ مونکي ڏيکار. جيڪو پاڻ مرڻ ۾ معراج ڪري ويو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۵)

مِيــــرَ مَديـنــــہ نِكـــــري، ڏيـــرا ڏِنــائُون،
ڪاتِيءَ پاٽيءَ گـاهـَ كي، مـاٿُهـو مُكـائُون؛
جَڙَهندي چِيائُون، تہ تِيندي ويڙهہ وَڏاندِري.

(٦)

ميـرَ مَديـنـئـان نِكـري، رِڙهـيـا مَـٿي رَنـدَ،
گِـــهــوڙا تَنِ گـــهــوٽَنِ جا، پُرِيـا مَـٿـي پَـنـدَ،
جِتـي رَهـيـــا راتَڙِي، ســي سُونـهـــارا هـنـدَ،
ڪُلا كَرِنگهَرَ كَندَ، جهرِنَ جُهونجهارَنِ جا.

(٧)

مِيـرَ مـديـنـئـا نِكـري، آئِيـا نـہ مـوٽـي،
كـــارا رَگِجِ كَپـــڙا، اَدا نِيـــــرَوَتـــي،
آءُ تَنِين لَئِي لوٽـي، جي مِيرَ مُسافر رانئِيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عاشق مجازي محبوب کان نڪري حقيقت ڏي هليا تہ پڙها ڏنائون تہ سڪل بہ ساوا ٿيندا. پاڻي سبيل ٿيندو. ۽ ملڪ سبرآباد ٿيندو. اسان هاڻي محبوب حقيقت واري سان ملڻ جي ڪوشش ٿا ڪريون، هن نفس سان ڏکهو عرصو جنگ هلندي آخر مرڻ ۾ ملاقات ٿيندي ۽ هن جهان جو فائدو ٿيندو.

عاشق مجازي محبوب مان نظرون ڪيڍي، اکيون ٻوٽي تصور ڪري پنهن جي اندر وارو رستو وٺي هلڻ لڳا ۽ عشق ڪي هنن عاشقن گهوڙن وانگر تيز ڪري انهيءَ پنڌ تي هليا. جتي اندر ۾ محبوب ڪي انهيءَ اونداهيءَ رات ۾ ڳولهن پيا. اهي بہ ٻلارا هنڌ آهن، جتي عاشقن جا ڪلها ڀنيءَ جو ڪنڊو سور پيو ڪري پر محبوب کان منهن موڙ نہ ڪيائون. مرڻ کان اڳ مري ملاقات معراج ڪيائون.

مجاز کان عاشق جڏهن حقيقت واري محبوب ڏي ويا. تہ وري موٽڻ واري نہ ڪَيَنِ. تنهن ڪري ڪاري رنگ جو ڪپڙو پائڻ فقير لاءِ لازمي ٿيو جو حق جي نور پاڪ جو نزول ڪارڻ تي ٿيندو آهي. يا نير وارو ڪپڙو پائجي، مان انهن لاءِ ٿي پٽي تي سڪ ۾ سڙان جيڪي عاشق عشق جي سفر ۾ محبوب ۾ فنا ٿي رڱجي وڃي ديدار ڪيائون.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٨)

سَختِي شَهادَتَ جي، سُڻُ شادِيءَ جو ڏِينهُن،
ڏَرو ناهِ يَزِيدَ کي، نِسورو ئِي نيهُن،
مَرگُ اَٿو مِينهُن، عَليءَ جي اولادَ تان.

(٩)

سَختِي شَهادَتَ جي، مِڙوئِي مَلارَ،
ڏَرو ناهِ يَذِيدَ کي، اِيُ عِشقَ جو آثارُ،
کُسَڻَ جو قَرارُ، اَصُلَ اِمامَنِ سين.

(١٠)

سَختِي شَهادَتَ جي، مَلارُ مِڙوئِي
ڏَرو ناهِ يَذِيدِ کي، آثارَ اِهوئِي،
کُسَڻُ هو کوئِي، اَصُلَ اِمامَنِ سين.

(١١)

سَختِي شَهادَتَ جي، نِسورو ئي نازَ،
رندَ پَروڙِنِ رازَ، قَضِيي کربَلا جو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موتو قبل انت موتو. حقيقت واري محبوب سان ميلاپ، عاشق پنهنجي محبوب کي وَرَ سمجهندو آهي، تنهن ڪري اهو شاديءَ جو ڏينهن آهي. هن ۾ نفس جو ڏوهہ نہ سمجهبو آهي. هي نينهن جي جدوجهد آهي. موت ۾ ملاقات اڳي پيغمبرن کي بہ نصيب نہ هئي، مگر عليءَ جي اولاد عاشقن ئي ڪئي آهي. جن پوءِ ملاقات عام ڪري ڇڏي.

حقيقت واري محبوب سان مرڻ کان اڳ مرڻ ۾ ميلاپ ٿيندو آهي. جنهن جي تڪليف عاشق لاءِ ملهار جي مثل هوندي آهي ۽ انهيءَ ۾ نفس جو ڪوبہ ڏوهہ نہ ليکيو ويندو آهي، هي سڀ عشق جا پار آهن. عاشقن سان ميلاپ ڪسڻ ۾ ٿيندو آهي. اهو اصل حقيقت جو فيصلو آهي.

محبوب حقيقت واري جو معراج عاشق سان مرڻ کان اڳي مري ٿيندو آهي. انهيءَ جي تڪليف عاشقن لاءِ باغ بهار آهي. هن ۾ نفس جو ڏوهہ نہ هوندو آهي. اهي بہ عشق جا آثار آهن. باقي اصل کان اهو فيصلو ٿيل آهي تہ مرڻ کانپوءِ ديدار ٿيندو.

اهو محبوب جو عاشق سان ناز آهي تہ مرنديِن تہ توسان ميلاپ ٿيندو. موتو قبل انت موتو. انهيءَ راز جا واقف اهي رند نقير آهن تن کي ڪربلا جي قضيي جي بہ خبر آهي، تہ اهو عاشق معشوق جي ميلاپ لاءِ تڪليف هوندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## داستان ٻيو

(١)

چنڊَ وِهائيءَ چڙهئا، مَلَ مَدينئا مِيرَ،
تَنِ سين طَبَلَ بازَ تَبِرُون، ڪُنڊَ ڪَثارا ڪِيرَ،
عليءَ پُٽَ اَمِيرَ، ڪَنڊا راڙو رُڪَ سِين.

(٢)

چنڊَ وِهائيءَ چڙهئا، مَلَ مدينئا ڳهوٽَ،
اَنَ سين طَبَلَ بازَ تَبِرُون، ڪُنڊَ ڪَثارا ڪوٽَ،
علي پُٽَ اَموٽَ، ڪنڊا راڙو رُڪَ سين.

(٣)

چنڊَ وِهائيءَ چڙهئا، مَلَ مدينِئا جامَ،
اَنَ سِين طَبَلَ، بازَ، تَبِرُون، نيزا ۽ نيشانَ،
عليءَ پُٽَ اَيامَ، ڪندا راڙو رُڪَ سِين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عاشق مجازي محبوب کي ڇڏي حقيقت واري محبوب ڏي مجاز وارا عاشق هليا. انهن اکيون ٻوٽي مجازي محبوب جو تصور ڪري وڏيءَ خوشيءَ سان باز وانگر تيز اچي تصور جي اکين سان اکيون ملائي مرڻ لاءِ تيار ٿيا. جو محبوب جون اکيون ڪهاڙن، ٻرڇين، ڀالن، خنجرن جهڙن رڪ وارن سان مرڻ لاءِ پيار ڪندا ۽ موتو قبل انت موتو ماڻيندا. عليءَ شير جا پٽ اکين جي نظرن رڪ سان پيار ۾ روئي محبوب کي به رئاريندا.

عاشق مجازي محبوب کي ڇڏي حقيقت واري محبوب ڏي هليا خوشيءَ سان اکيون ٻوٽي تصور ڪري باز وانگر. انهيءَ تصور تي مرڻ لاءِ تيار ٿي ويا. تصور ۾ محبوب جون اکيون ڪهاڙن، ٻرڇين، خنجرن وانگر آهن. جيڪي عاشق نه موٽڻ وارن کي گهائي. موتو قبل انت موتو ڪرائي ديدار ڪرائيندڙيون آهن.

عاشق مجازي محبوب کي ڇڏي حقيقت واري محبوب ڏي پهلوان عشق جا سردار تيار ٿي هليا. اهي وڏيءَ خوشيءَ سان اکيون ٻوٽي اندر تصور تي باز جان تيز اچي مرڻ لاءِ پيا. محبوب جي تصور جون اکيون ڪهاڙن، ڀالن وانگر ظاهر آهن. انهن رڪ وارن سان معصوم عاشق پيار مان گهائجي موتو قبل انت موتو ڪري محبوب جو ديدار ڪندا. اهي عليءَ شير جا پٽ آهن، جيڪي محبوب جي رڪ جهڙين نظرن کي ڏسي پيار مان روئي رئاريندا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۴)

ڪـرِبَلا جي پِڙَ ۾، خيـمـا ڪـوڙِيـائـوُن،
جهـيڙو يذيد سامُهـون، جُنبي جوڙِيائُون،
منـهن نـہ مـوڙِيـائون، پَسـي تـاءُ تـرارِ جو.

(۵)

ڪـامِلَ ڪَرِبَلا ۾، اَهَلِبـيـتَ آيـا،
مـارِي مِصرِيَنِ سـيِن، تَنِ ڪـافِرَ ڪَنبـايـا،
سَچُ ڪِ بيبيءَ ڇايا، هَهِڙا سورِهـَ سُپرِين.

(٦)

ڪـامِلَ ڪَرِبَلا ۾، آيـا سـيـدَ شـيـرَ،
مـارِي مِصرِيَنِ سيِن، ڏُنـڍَ ڪَيـائـون ڍيـرَ،
دَهَلِئا اَتِ دِلير، پَسي حملو ميرَ حُسينَ جو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عاشق اکيون ٻوٽي تصور ڪري انهيءَ ۾ نظرون کپائي. نفس سان سامهون ترڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون. نفس سان گڏ محبوب جي تصور جي نظرن جا تير ۽ تلوارون به سهندا رهيا ۽ انهن کان به منهن موڙ نه ڪيائون.

هي عاشق حقيقت واري محبوب سان مليل، وري محبوب سان ملڻ لئي پنهنجي اندر ۾ تصور ڪري حقيقت جا اهل انهيءَ گهر ۾ آيا. محبوب جون نظرون مصر جي تلوارن جهڙيون تيز انهن سان پنهنجي نفس کي ماري ترڪ ڪيائون. اهي سچيءَ ماءُ جاوا سورهه سهڻا ڄاوا هئا، جن عشق جي شروعات اچي ڪئي ۽ عشق جا محافظ به رهيا.

هي ڪمال تي پهتل عاشق جيڪي حقيقي محبوب سان اڳ ۾ مليل هئا سي وري محبوب جي ملڻ لاءِ اکيون بند ڪري پنهن جي اندر جي ڪربلا ۾ شينهن مرد آيا ۽ هنن محبوب جي نظرن جيڪي مصر جي تلوارن جهڙيون تيز هيون، انهن سان پنهنجي نفسن کي ماري ڍير ڪري ترڪ ڪري ڇڏيائون. جهڙي نموني حسين پاڪ انصاف سان نفس تي حملو ڪيو، اهو ڏسي وڏا دلير ترڪ وارا فقير به في الحال دڄي ويا. ۽ عاشقن جو حقيقي محبوب سان ديدار ٿيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٠)

دوستَ کُھائي دادُلا، مُحبَ مارائي،
خاصَنَ خَليلَنِ کي، سَختِيُون سَھائي،
اَللهُ الصَمَد بي نيازُ، سا کَري جا چاھي،
اِنھيءَ مَنجھِہ آھي، کا اُونھي ڳالھہ اِسرارَ جي.

## داستان ٽيون

(١)

ڏِنو ڪالَھہ ڪَھين، جُھنجھارِڪو جھڳِڙوُ،
ھاٿَنِ ھَڏَ مُڄائيا، ريلو رَتَ ٽَٽين،
ڀائِنِ سا سَٽين، جِٿان جِيءَ جوکو ٿِئي.

(٢)

ڪارِي ڪَکَرِ ھيٺِ، مون جھيڙِيندا ڇَڏيا،
ڪارا ڪُندَ ھتَنِ ۾، آڙَلَ وَڇيرا ھيٺ،
تي تَنين سِين ڏَيٺِ، موتَڻُ جَنِينِ ميھِڻو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حقيقت واري محبوب جو جن دوستن سان پيار هوندو آهي، تن کي مرڻ ۾ ميلاپ ڪرائيندو آهي. (ڇو ته هونءَ ظاهر واريون اکيون ديدار ڪري نٿيون سگهن (حضرت موسيٰ وانگر) خاص عاشق جيڪي سر جي قرباني ڏيڻ وارا هوندا آهن. هيءَ تڪليف انهن کي ڏيندو آهي. محبوب بيپرواهه آهي، تنهن ڪري انهيءَ جي مرضي هوندي آهي. اها ڳالهه انسان جي فائدي ۾ آهي. جنهن کي هو پاڻ ئو چاڻي. عاشق لاءِ ديدار وڏي نعمت جهڙي ڳالهه آهي. جنهن جي عام کي خبر نه آهي.

ڀٽائي ٿو چئي ته ڪالهه فڪر ڪرڻ وارن عاشقن جو نفس سان جهڳڙو توهان ڏٺو، جتي هاٿيءَ جهڙو ٿلهو نفس به غرور واري هڏي ڪپائي ويٺو ۽ اهو به مجبور ٿي روئي پيو ۽ ڪنڌ نمائي پيو. عاشقن تڪليف ۾ ڀلائي سمجهي. اوترو محبوب راضي ٿين.

ڀٽائي ٿو چئي ته مون ڏٺو ته مجاز واري محبوب جي ڪارڻ اکين ۾ پاڻي ڪڪر وانگر تري پيو. عاشق کي عشق ڏيڻ لاءِ جهيڙو ٿيو. جهلئي نه مڙڻ وارو محبوب ننڍڙي وڇيري وانگر اکين جون نظرون بڙڇين وانگر عاشق تي وار پيون ڪن. مون ڏٺو ته جيسين عاشق کي عشق ڏئي پنهنجو نه ڪندو تيسين مونڻ هن لاءِ مٺو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٣)

آيــا اُجارِيـــنِ، تَنـــڪَ، تَرارِيـــون تِئُرا،
سـ نِڳيوُن، سائِنِ هَٿَ ۾، ڪُلهِنئُوَن نـہَ لاهينِ،
اَيـــا ئِي آهـــينِ، مُهـــائـــي مَرڻَ تـــي.

(۴)

هَٿَڻُ هَڪلِڻُ، ٻيلي سارِڻُ، مـانجهِيـان اِيَ مَرَڪُ،
وِجهَنِ تـــان نـــہ فَراقُ، رُڪَ وَهـــنـــديءَ رانـــدِ ۾.

(۵)

بهادُرَ ڳَنڍِيا بهادُرِين، ڪَڙِڪَ ڪِلوِلِ ڪَنِ،
وِجهَنِ ڌَڙَ ڌَڙَنِ تـــي، هـــاڪـــارِيـــنِ هٿـــنِ،
ڪِرَنِ ڪـنـدَ نَچَنِ، رِڻَ ڳجِيـــو راڙو ٿِيـــو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مجاز وارو محبوب پنهن جي اکين کي سينگاري ڪجل پائي نظرن جون تبرون ترارين تازيون تيز ڪري عاشق جي سامهون آيو آهي. محبوب دليري ڏيکاري عاشق جي سامهون ترارين تيار ڪري بيٺو آهي، گهڙي به ساهي نٿو ڏئي، تڏهن عاشق به اتي بيٺا آهن، سامهون مرڻ ٿئي ته حق جو ديدار ٿئي.

محبوب مجاز وارو پنهنجي عاشق کي نه وساريندو آهي، وقت تي ياد ڪري اکين جي نظرن سان حملو ڪرڻ جي محبوب جيڪو امامت مهداري ڪندو آهي، عاشق جي حق جي طرف ڏانهن هوندي آهي. اهو هن رڪ جهڙن نظرن جي راند ۾ ذرو به فرق نه وجهندو آهي، جيسين عاشق حق کي پهچي. موتو سڀ انت موتو ڪري.

عاشق ۽ معشوق جڏهن گڏبا آهن ته هڪٻئي سان نظرن ملائڻ سان آواز ڪندا آهن. عاشق پنهنجون نظرون مجازي محبوب تان ڪٿني تصور تي وجهندو آهي ۽ وري ديدار لاءِ ٻاڪاريندو آهي ته وري محبوب نظرن جو وار ڪندو آهي، تڏهن عاشق جو نفس فنا ٿيندو آهي ۽ عاشق خوش ٿيندو آهي. تڏهن رڻ (اندر) ڳاج ڪري رڙي ڪري حقيقي محبوب کي ٻڌائيندو آهي ته عاشق ۽ معشوق هڪ ٿي ويا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٦)

هوڏانهن هُنِ هاڪارِيو، هيڏانهن هِي هٽَنِ،
سُرِناَيُون ۽ سَنڌِڙا، ٻنِين پارِ ٻرَنِ،
گهوٽن ۽ گهوڙن، رِڻَ ۾ لائُون لَڌيونُ.

(٧)

گهوڙڻ ۽ گهوٽن، جيڻ ٽورا ڏينهڙا،
ڪڏهن منجهہ ڪوٽَنِ، ڪڏهن واهي رڻ جا.

(٨)

گهوڙو گهوٽَ پَلاٽيو، مَتِس زِينَ ڏَري،
علي شير پٽَنِ ڪي، اُيو سڏَ ڪري،
قضا ڪِيئَن ٽَري، اَمرُ الاهي آئِيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عاشق مجازي محبوب جو تصور ڪري اڪيون ۾ وٺي اندر فڪر فراق سان محبوب حقيقيءَ کي پاڪار ڪندو آهي. هوڏانهن حقيقت واري تصور ۾ اظهار ٿي نظرون عاشق سان ملائيندو هي تہ پنهي وٽ ميلاپ جي خوشي ايندي آهي ۽ عاشق پنهن جي حقيقت واري محبوب کي پنهنجو وَرُ سمجهي، اندر رڻ ۾ لائون لهندا آهن.

عاشق ۽ معشوق جا ڏينهن جلد گذري ويندا آهن. پيار وارا ڏينهن ٿورا ٿيندا آهن. ڪڏهن عاشق معشوق پنهنجي پنهنجي جسم جي ڪوٽ ۾ وري ڪڏهن عاشق جي اندر رڻ ۾ محبوب صرف ہہ هوندا آهن. عاشق ۽ معشوق اندر رڻ جا مالڪ هوندا آهن.

حقيقت واري محبوب، مجاز واري محبوب کي پنهنجي صورت ڏئي تيار ڪري موڪليو، تڏهن حضرت علي پنهن جي پٽن کي بيٺو سڏي تہ اچو اچي عشق وٺو. دير نہ ڪيو، اهو الاهي امر آهي. اهو توهان لاءِ تقدير ٿي آيو آهي. نہ ٽرندو اچو اهو مجاز جو عشق نبي پاڪ جو دين آهي، جنهن کي دنيا ڪائنات ۾ عام ڪيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٩)

جهمَنديوُن اَچَنِ، جهوليوُن جُهنجهارَنِ جيُون،
پايو پُکَ پُهارَ جا، اَنِ جيونُ وَهون واڪا ڪَنِ،
پـتـيـنِ پـارَ ڪـَـدَنِ، رِڻ گـجو راڙو ٿيـو.

(١٠)

ڪـانـدَ ڪَلارين ڪَپــڙيـن، وَرَ وَنـاهيــو آءُ،
جِتِ سانگيَنِ جي سَٿَ وَهي، اُت وِڪَ وڌندي پاءُ،
تان تان پَوءُ مَ پانءِ، جان جانِ نُونديءَ نـہ چَڙِهينِ.

(١١)

پَکو آئـون نــہ چوان، مـــاريـو تـہ وِسَهـــان،
ڪانڌَ مُنهَن ۾ ڏَڪَڙا، سيڪِيندي سُونهان،
تـــــہ پُڻُ لَڄَ مَران، جي هـــــــونِس پُٺِ ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عاشق بهادر اکين کي جهکايون پوٽيون ڳوڙهن جون جهولون ڀريون حقيقي محبوب جي سامهون اندر ۾ ٿا اچن. تنهن تي مجازي محبوب هڪ سرمي جو اکين ۾ پايون عاشق کي روئي واکا کري ٿو چئي ته عاشق اکيون پوني نہ روءِ. مون ڏانهن ڏس. مگر عاشق حقيقي محبوب جي ملڻ لاءِ اندر رڻ ۾ گجگوڙ پيو کري، تنهن تي مجازي محبوب عاشق لاءِ رئڻ، پٽڻ ۽ راڙو کرڻ لڳو ۽ ٻئي پيا پٽين پار کڍن، رڻ گجيو ۽ راڙو ٿيو.

اي محبوب مجاز وارا تون منهنجو ور آهين، جڏهن بہ تون اچين تہ رنگين کپڙا پائي گهوٽ ٿي سينگارجي ايندو کر. محبوب جون نظرون ترارن وانگر عاشق جي مارڻ لئي کوششون پيون کنديون آهن. عاشق اتي تون جلد پهچ. تيسين نہ ڏجهان ۽ جيسين موتوا قبل انت موتو کرين. حقيقي محبوب جو ديدار کرين.

ائين موني اچڻ جو ممان نٿو چوانءِ. هنن کي ماري محبوب سان راضي ٿي ايندين تہ مان خوش ٿيان. مرّس ٿي محبوب جي نظرن جا تير سامهون اکين سان جهل تہ انهن اکين جا ڳوڙها اکهڻ فخر جي ڳالهہ آهي. پر جي عاشق جي پويئون ايندين تہ ونکي شرم ٿيندو تہ منهنجو ياءُ/عاشق عشق ۾ کامياب نہ ٿيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۱۲)

يَجِي آئــين پِرِڻـــا، لَڄايُئِي مـــون يــارَ،
ويٺيون ڪَنِ ڪُوارَ، مُنهَن مٿاهان جَنِ جا.

(۱۳)

يَجِي آئــين پِرِڻـــا، لَڄايُئــي مُون سِيــڻَ،
ويٺيون وِجهَنِ ويڻ، مُنهن مَٿاهان جَن جا.

(۱۴)

مُنهنَ مَٿانهان جَنِ جا، سي پِتوُ ڪَڍَنِ پارَ،
جيڏيُون هِنَ جُهنجهارَ، اُجاري سَڀُ اَڄا ڪِئا.

## داستان چوٿون

(۱)

ڪـا جا ڏِري ڏِنگَرِي، ڪـو جو وَرِئـو واءُ،
عَلــيءَ شـــيــرَ وِيــاءُ، رِڻ ۾ پِيَنِ راتِڙي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فس کي نہ ماريئي ڀاڙي تي ڀڄي آئين. عاشق اسان دوستن کي
ہ لڄايئي، جن عشق وارن نفس کي ماري حقيقي محبوب کي
اضي ڪيو سي اسانکي طعنا ڀيون ڏين، ڇو تہ انهن جا منهن
تي آهن.

ي عاشق ڀاڙي تي ڀڄي آئين نفس کي نہ ماري سگهين. اسان
ي محبوب کي بہ شرمسار ڪري آئين، جيڪي نفس کي ماري
حبوب کي راضي ڪري آيا. اهي سخن ڀيا ڏين، ڇو تہ انهن
ا منهن متي آهن.

يڪي عاشق نفس کي ماري عزت مرتبو ماڻي آيا، سي اڄ
قيقت واري محبوب جي فڪر فراق ۾ پيا ٿا تصور ڪن ۽
ڻين، انهن عاشق پنهن جي نينهن کي وري اجاري تازو ڪري
قيقت ڏي ٿا هلن.

ڙو ڪو مجازي عشق جي ماڪ پئي ۽ طوفان آيو، علي شير
ي اولاد لاءِ، ناني نبي پاڪ جي ڪري هنن لاءِ ضروري ٿيو ۽
ر جي رڻ ۾ محبوب حقيقيءَ سان گڏ رات رهي ديدار
يائون. تنهن ڪري عشق مذهب تي ايريو. جنهن جي
اظت بہ پاڻ ڪيائون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢)

جهيــڙو لاهـِ يُـذيـدَ! عَلـيءَ جي اولادَ ســين،
سا نـہ پَسندين عيدَ، جا هوندي مير حُسينَ سين.

(٣)

جَنين جهيــڙِئو ڪـالَهـ، عـلـيءَ جي اولادَ سين،
هــيءُ تَنــينِ جي حــالَ، جي جَمــاعِتـي يَذِيـدَ جا.

(٤)

جَنينِ جهيـڙِئو اَڄُ، عَليءَ جي اَولادَ سين،
پوءُ تَنينِ ڪان پَڄُ، جي جَماعِتي يَذِيدَ جا.

(٥)

ڪُوفِيَنِ قَهُر ڪِيو، تِيا جَماعِتي يَذِيدَ سين،
پَلــيـــتَنِ ڪـي پِڙَ ۾، وَرِنَهـــــُ وَرِ پِيـــو،
سَدَّر هُونِ سِهــو، شــيــرُ شَهــادَتَ رَسِيـو.

(٦)

ڪُوفِيَنِ ڪـاغَذُ لِڪــيـــو، وِڃ وِجهــي اَللهُ،
اَسينِ تـابعُ تـنـهـنجا، تـون اَسـان جو شـاهـُ،
هَيـڪـر هِـيڏي اَءُ، تـہ تَخِتَ تـابِيئي تُنهنجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ي نفس تون ضد نہ ڪر علي شير جي اولاد سان. جڏهن امام
ـسين سان محبوب حقيقت وارو ملاقات ڪندو تڏهن توکي
ري ڪري ڇڏيندا ۽ تون اهو ديدار ڪري نہ سگهندين.

ـن عليءَ جي اولاد سان اڳي بہ جهيڙيو هو، مجازي عشق واري
ـدايت تي نہ هليا، انهن جي راءِ کان اسان ناراض آهيون جو
و نفس جا پوڄاري هئا ۽ حق کي نہ سڃاتائون.

ن اجا بہ عشق جي راض کي نہ سمجهيو ۽ اڄ بہ عليءَ جي
لاد حسين پاڪ جي هدايت تي نہ ٿا هلن، انهن کان ڏڄي
ي ويچو. ڇو تہ هو نفس جا پوڄاري آهن ۽ عشق جي مذهب
ـ نٿا مڃن.

ـوفي وارن بہ قهر ڪيو جيڪي فقير سڏائيندا هئا، نفس جو
ـو وٺي بيٺا. عشق جي ميدان ۾ عاشق مڃڻ وارن فقيرن جي
ڙي ۾ اچي ويو. موقعو ڏسي عاشق کي ڇڏي اڪيلو ڪري
ا. تڏهن عاشق فڪر فراق سان اڪيون پوڻي اندر ۾ جهاتي
ي تہ موتو قبل انت موتو تي ويس ۽ مشاهدو ماڻي آيو.

وفي جا فقير جي مڃيندا هئا تن عاشق کي لکيو تہ اسان
ـق کي مڃون ٿا. تون اعتبار ڪري سمجهہ تہ اسان تنهنجا
ـون ۽ تون اسان جو سچو عاشق شهنشاهہ آهين. هڪڙو
ـعو تون اسان ڏي اچ تہ اسان توکي وهاري خدمت
ـداسين، اسان تنهن جا فقير مڃڻ وارا آهيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٧)

ڪُوفي ڪربَلا ۾، پاڻي نہ پيارِينِ،
اُتي عَليَ شاهہ ڪي، شَهزادا سارِينِ،
نِڪرِئو نِهارِينِ، چڙهہ مِيرَ محمّد عربي!

(٨)

پرِهہ پَکِي آئِيو، ڪربَلا مان ڪهي،
روضي پاسِ رَسُولَ جي، تنهن هَلي هاڪَ هَنِئي،
ڏِنيَمِ رُڪَ رَئِي، چڙهہ مِيرَ مُحمّد عَرَبي!

(٩)

پرِهہ پکي آئِيو، صُبُوحَ سَهارو،
روضي پاسِ رَسُولَ جي، هنيائين هاڪارو،
مانجهِينِ ڪيو مارو، چڙهہ ميرَ محمّد عَربِي!

(١٠)

پرِهہ پکي آئِيو، ڪربَلا مان ڪالهہ،
آهہ، اَلودو رَتَ سِين، حيرَت گڏِيو حالَ،
گهوٽَ وِڻاهِيا ڪالهہ، پيلِي ميرَ حسينَ جا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عاشق جڏهن اکيون پوري تصور ڪري پنهنجي اندر ۾ فڪر فراق سان حقيقت واري محبوب جو انتظار ڪندو آهي. اتي ڪوفي وارو پاڻي به پياري نٿو سگهي. اتي عاشق علي شير واري عشق ڪي سڌ ڪندا آهن ۽ بار بار پيا نهاريندا آهن. محمّد صورت حقيقي محبوب واري ديدار ڪرائي جنهن لاءِ هي جهان ٺهيو.

وحي جبريل سوير حقيقت واري محبوب جي دربار ۾ اچي عرض ڪيو ته عاشق پنهنجي اندر واري ڪربلا ۾ محبوب جي نظرن سان پنهنجي نفس کي فنا ڪري ڇڏيو آهي، هاڻي توهان هلي عاشق کي ديدار ڪرائي سگهو ٿا.

سوير وحي جبرئيل ربّ پاڪ، حقيقي محبوب جي دربار ۾ وڏي آواز مان عرض ڪيو. عاشق پنهنجي نفس تي مارو ڪيو آهي، تنهن ڪري توهان هلي ديدار ڪرايوس.

سويرو وحي جبريل آئيو، عاشق جي اندر واري ڪربلا مان ڪالهه وارو احوال ڏنائين. مايوس ٿيل اکين ۾ پاڻي هيس. چيائين ته عاشقن پنهنجي نفس کي ڪالهه ناس ڪري ڇڏيو، جيڪي به امام حسين جا پوئلڳ هئا، انهن اها بهادري ڪئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١١)

كربَلا ۾ ڪوڪَ، سامُهون شَهزادَنِ جي،
عـــالَمَ جا مَلـوڪَ، رُڪَ روهـي جهَلِيـــا.

## داستان پنجون

(١)

حَسَنَ نـا حُسـينَ وَتِ، ٻـيلـي نـہ ٻـانُهـون،
ســـاڙِيُهــــ شَهـــزادَنِ جو، آهـي آگاهُون،
يَذِيدَ! جيلاهُون، تيلانهنُ ڪَرِين تَڪِڙِيُون؟

(٢)

ڪِلـــي وِيـــرَ ڪَتَڪَ ۾، هـــي! جي حَسَنَ هـــو،
پيڙو پيڙو پنهنجي ٻاءُ سين، پَتنگَ جِيئَن پِيو،
آهي ڪيرُ ٻيو، جو ڪَري هَلان مِيرَ حُسينَ تان؟

(٣)

ڪِلي ويرَ ڪَتَڪَ ۾، سـائُو سَڀُ نـہ هُونِ،
پِڙَ تي سـيـئي پُونِ، مـونَڻ جَنين مـيهِڻـو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ىق پنهنجي اندر ڪربلا ۾ فڪر فراق سان پنهنجي محبوب سامهون پئي التجا ڪئي. هاڻي محبوب اچي انهن تي نظرن تلوارن جا وار ڪيا آهن، جنهن ڪري عاشق صبر ۾ آهي ۽ بہ آواز ڪونهي جو هو راضي آهي.

عشق جي راهہ ۾ ڪنهن ٻاءُ ۽ ٻانهي دوست جي مدد جي ِرت نہ آهي، ڇو تہ عاشقن جي منزل پري حقيقت واري ِوب ڏانهن آهي، نفس تنهن ڪري عاشق تي حملا پيو ِو آهي.

ن جي ميدان ۾ نفس جي جنگ هوندي آهي. نفس سان ، جيڪو عاشق وٽ لشڪر آهي سان لڙڻ لاءِ تنهن ۾ ي محبوب جيڪڏهن سات ڏيندو تہ عاشق کي ٻيڙو ٿي و ٿي پتنگ وانگر ساڻس همدردي ڪندو، انهيءَ ڪان ٻيو ڪير آهي، صرف نفس ئي آهي، جيڪو عاشق سان جي منزل ۾ لڙندو آهي.

تہ هر انسان تي اچي ٿو. مگر انهن انسانن ۾ ڪي اهڙا هوندا آهن، جيڪي وفادار ۽ سچا هوندا آهن. انهن لاءِ ٿيڻ يا پوئتي موٽڻ مهٽو هوندو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۴)

ڪِلي ويرَ ڪَتَڪَ ۾، پاڪَرَ جو پائي،
اَجا اُنَ کي جِيئَڻَ جو، آسانگو آهي،
سُورِهَہ سو چائي، جو رُڳوئِي رِڻِ گھڙي.

(۵)

سُورِهَہ مَرِين سوبَ کي، تہ دِلِ جا وَهَمَ وِسارِ
هَڻُ ڀالا وِڙهہ ڀاڪُرين، آڏِي ڍالَ مَ ڍارِ
مَٿان تِيغَ تَرارِ، مارِ تہ مَٿارو ٿِئين

(٦)

حُرُ هَلِي آئِيو، مانجِهي مَرِدانو،
”آهِيان عاشِقُ اَڳَ جو، پَتنگ پَرِوانو،
مانَ راضي ٿِئي رَسولُ رَبَ جو،نَبي تو نانو،
هيءُ سِرُ سَمانو، گهوٽَ! مَٿائِينِ گهورِيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـق وارن جوانن جي لشڪر ۾ نفس جو جامو اهي پائيندا
، جن کي جٺري رهڻ سان محبت هوندي آهي. نفسي
هش سان پيار هوندو آهي. مگر سچو عاشق اهو آهي
ڪو نفس جي جامي ۾ اچي محبوب سان پيار ڪري.

عاشق جيڪڏهن محبوب حقيقت واري سان ملڻو اٿئي تہ
ءِ ڏاءَ کان پاسو ڪر. پنهنجي مجازي محبوب جي سامهون
ن جا ڀالا پنهنجي اکين ۾ جهل ۽ پيار ۾ ڀاڪر
ـہ لهرائجي. انهيءَ کان اکيون بند نہ ڪجن.
ن جون ترارين بہ نفس کي ماري عاشق

نالي عاشق نفس کي قربان ڪرڻ وارو
ـان مجازي عاشق محبوب مٿان سر
ي آيو آهيان تہ نبيءَ جو دين عشـ
ـو آهي تہ من ربّ جو رسول راضي
ـانو آهي. جيئن مان بہ نفس ک
ي، پنهنجي پرين حقيقت واري سـ

شاهہ جو شرح 83

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٧)

هُئـــي هِدايَتَ حُرَ کـــي، اَزَلَ ۾ اَصـــــــلا،
چَڙهِـــي آئِيـــو جَنـگِ تـــي، هَلـــي هُنَ پـــارا،
اِينديئي چَيائين اِمامَ کي، گـهوريَس آن مـثـاءَ،
لايُڪَلِفُ اللهُ نفساً اِلاّ و سعُها، جيڪا پُڄَنديَمِ سا،
گـهوٽَ ٻـِ لڳا گـهاءَ، سـو بِـ شـيرُ شـهيدُ ٿـيو.

(٨)

پـاوَنـڪَ آيـــو پِڙَ ۾، هَٿـي هَزارِي هـولَ،
جوهَرَ ۾ جَڙاءَ سينِ، کـامِلَ سِرَ ڪَنگولَ،
رَتورَتَ رَتـولُ، مـولهِيـو مـيـرَ حُسـينَ جو.

(٩)

ڏاڙهيءَ رَتَ رَتِياسِ، ڏندَ تـ ڏاڙهونءَ گُلَ جيئَن
چوڏِهِينءَ مـاهـ چنـدَ جئـين، پِڙَ ۾ پـاڳَڙِيـاسِ
مـــيــڙِي ۾ مــحـــمَدَ جي، مَرُ مَرِڪـي مـــاسِ
نهن سُورِهـ کي شاباسِ، جو مَتي پِڙَ پُرِزا ٿِيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٠)

ڏاڙهي رَتَ رَتِياسِ، ڏندَ تہ موتِنِ ڳتِيا،
چوڏهينءَ ماهہ چندَ جيئَن، پڙَ ۾ پيشانِياسِ،
اَللہ نُورُالسّموات، جَلوو زَمينياسِ،
سيماهُم وُجُوهہِ هِم، مُنهَن ۾ مَڻ ڳتِياس،
ڪُڪِرا ڪَربَلا جا، مادرِ تي ميڙِياسِ،
ڦَنَنِ تان رَتَ ڦُڙا، عليءَ تي اُگهِياس،
مِڙيئي معافُ ڪِياسِ، خالق بَدِلي خون جي.

(١١)

ڪربَلا ڪَڪُوري، دُلدُلِ رَتا پيرَ،
سَتُون ڏِيندي شيرَ، مَثان سِجُ مُرڪِئو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مي ڳاڙهي صفا رت جهڙي ۽ ڏند جيئن موتي ڳتيل آهن. هن
موتو قبل انت موتو ڪرائي امت جي شفا لاءِ تيار ڪيائين.
جي صورت حقي محبوب واري صورت چوڏهينءَ جي چنڊ
ڪر پئي روشن چمڪي. ربّ پاڪ اهو نور جو جلوو آسمان
مين تي موڪليو آهي، جيئن سندس منهن موتي داڻي وانگر
جنهن جي ڏسڻ سان سجدو ادا ٿئي. امامت جو فيض پيو
. شهادت جي وقت سندس ماءُ موجود هئي، جنهن سندس
ءن تان ڪڪرا پري پئي ڪيا ۽ علي مشڪل ڪشا بہ
جود هو، جنهن ڦٽن تان رت کي پري ڪيو ۽ شاباس پئي
بائينس. انصاف سان بنا ڪنهن جي رنجائڻ جي، رب سان
معاهدي مطابق شهادت پائي ويا. محمّد صلعم جي امت،
سان ذات لاءِ آزادي ۽ شفا ورتائين. جو قدرت ڪان عذاب نہ
دو، ڪنهن بہ گنهگار جي صورت نہ بدلبي ۽ بدصورت
سان نہ چمندو، تڏهن محبت تي ۽ ملڪ ۾ آزادي تي.

شق اندر ڪربلا ۾ مجاز واري جو تصور ڪري ڳاڙهي
رت ڏنائين تہ انهيءَ جي اکين ۾ پاڻي هو. پوءِ عاشق جنبش
چي ويو تہ محبوب جي اکين ۾ ڳوڙها ڇو آهن؟ تڙپندي
نق قرباني ڪئي، تڏهن حقيقت وارو محبوب مجاز واري کي
ي ڪري اچي ديدار ڪرايس.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٢)

چارِ تَرارِيُون چيلِهـــ سِين، ٻَڌي ٻـــَ پـاڳون،
اَڳِيَنِ جِيُون آڳون. ڪَئُونَر ڪِلي ۾ موڪيون.

## داستان ڇهون

(١)

ڪَؤنَر ڪِلي جا ڪوڏِيا! جا نڪِي تائِين جِي،
مَتـــــان اَڙَنِ آسِري، رُڪَ پِيــــالــو پــي،
ڳاهَہ ڳِجهَنِ جو ٿِي، ويـــٽَي جَنِ وَرِهـَ ٿِيـــا.

(٢)

پاڪَ جَنِينِ جا پيرَ، ڪَٿاءِ هِيتِ نَہ ڪوڙِيا،
تَنگَ تَرارِنِ پـچيـا، ڇِٽــيــو ٻَوَنِ ڇِڳيــرَ،
ڏُنـڍَ تَنـيِنِ جا ڏيـرَ، ڳِجهـــڙِيَن ڳولائيــا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امام حسين عشق جي ميدان ۾ مجازي ۽ حقيقت واري محبوب جون نظرون چارئي تراريون جهلي نابوريءَ سان عشق ۽ شهادت جي پڳ ٻڌي، موتو قبل انت موتو ڪري معراج ڪري پنهن جو قول پورو ڪيو ۽ وڏن کي ملهايو. انهن جيڪو واري سان عشق جو بار رکيو اهو پورو ڪيائين.

اي عاشق گل جهڙا شهزادا پنهنجي محبوب کي پنهنجي اندر واري ڪلي ۾ ديدار ڪرڻ وارا جيسين تون زنده آهين. تيسين محبوب وٽ قرباني ڏئي انهيءَ اکين جي رڪ جهڙين نظرن مان وفاداريءَ وارو ثبوت اکين جي رڪ جهڙين نظرن سان ڳوڙهن مان وني ٻيءُ. انهيءَ ۾ فنا ٿي پنهن جي اندر ۾ فڪر فراق سان موتو قبل انت موتو ڪري. حقيقت سان ملي انهي عاشق جي اکين کي خوراڪ ڏي، جن ورهين کان تنهن جي ميلاپ جو انتظار پي ڪيو. تہ ڪڏهن موتو ڪرائڻ ايندو.

انهن عاشقن جون پاڪ نظرون جو ڪڏهن بہ بد نيت سان ڪنهن کي هيٺ نہ ڏنائون، تن کي محبوب جي نظرن جي تراڙن اهڙو ڪپيو جو انهن کان ڳوڙها هارجي پيا. ۽ سڪ فراق ۾ فنا ٿي موتو قبل انت موتو ڪري حقيقي محبوب اڳيان ڍير ٿي پيا. تہ محبوب جي اکڙين انهن کي سيني سان لڳايو ۽ پيار ڪيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٣)

چپر جئن پهون، تيئن رڻ ڳجهن چانئيو،
ونکا ونکن ڳڏيا، ڊوڙئو ڏين ڊهون،
مهاين وهون، نير مهنگو کنديون.

(۴)

ڳجهون ڳوٺ نہ هون، وتن کلي کوڏيون،
حسن مير حسين، لمئو لائون ڏين،
ڪُتا اکوڙين، چوٽا چوڙيرن جا.

(۵)

ڳجهڙين ڳارو، راتو ڏيهان رڻ ۾،
ٻيٹون ٻچن باڻ ۾، کنهن منهن کيڏارو،
کائن ڪڳمارو، کانئر پئو کنو ٽئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٦)

ڳائو ڳِجهَہ نہَ ڪاءِ، مِيهي ماسِ نہَ هيَرئِينِ،
تَنينِ لَئي واجهاءِ، ڪَلَنگيونُ جَنِ ڪَپارَ ۾.

(٧)

اَکِيوَنِ ڪَڏَ مَ ڳِجهَڙي، تارا تون مَ ڪاءُ،
پِئُو نہَ پَسينِ پَٽَ ۾، ريڳَڙِيارو راءُ،
جِنَري جَنهنِ جُوانَ جي، لِڳا نَوَ سَوَ نَوَ گهاءَ،
راتِ جَنهينِ جي ماءُ، روئِي پَرِتيُو رَبَ کي

(٨)

کَنبَ کَسَنئي ڳِجهَڙي، لِڳينِ پوَئِي واءُ،
اَميرَنِ مَتاءُ، جِيئَنَ تو ڦلِينِ چائُون نہَ کِيون.

(٩)

ڳِجهَنِ وِيئي ڳارِيا، ڏَنجها ڏُکَ گهَٽا،
تَنگي لَتِينَ تُوڻِ جي، سُورِهَ ساماٽا،
ڪَندا راماٽا، ڪوُنَرَ ڪِلي جا ڪوڏِيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حقيقت واري محبوب جو پيار انهن سان هوندو آهي، جيڪي محبوب تان سر قربان ڪندا آهن، باقي جيڪي ڊورن جهڙا انسان آهن تن جي يادگيري بہ نہ هوندي اٿس. (محبوب انهن جو انتظار ڪندو آهي، جن جو لقب پيغمبري، امامت، شهادت، قلندري، درويشي، فقيريءَ جو هجي.)

اي محبوب حق وارا توهان عاشق تي ناراض ٿي نہ ڏسو ۽ هن جي اکين کي رعب ڪري نہ ڊيڄاريو. توهان ڏسو تہ ڪيئن پٽ تي عاشق پيو آهي، اکين ۾ ڳوڙها اٿس، ايڏو بهادر آهي جو توهان سان سڪ جو اظهار پيو ڪري. جيئري محبوب جي نظرن جا تمام گهڻا گهاءُ لڳل اٿس. تنهن ڪري هن جي ماءُ روئي توهان جي حوالي ڪري پارت ڪئي هئي.

ڀٽائي شهنشاهہ حقيقت واري محبوب کي مخاطب آهي، تہ توهان عاشق ڏي اچڻ جو ارادو ئي نہ ڪيو ها.پر توهان کي چانوَ ڪرڻ جي طاقت تہ هجي ها، توهان نہ اچو ها. امير حسين پاڪ جي مٿان جيڪڏهن آئيو تہ گلن جهڙين اکين سان مٿان پنهنجي چانوَ ڪريو ها تہ شايد ڪيس ميلاپ ۾ دير نہ اچي ها.

حقيقت واري محبوب هي جهان ٺاهي ڏاڍا ڏک ڏٺا هئا. جو ڪوبہ پيغمبر ڪامياب نہ ويو. جڏهن پنجتن پاڪ آيا تہ حقيقي محبوب تان تنگي لهي وئي. هن ڪان قوم جو انتظار لهي پيو. هيءَ حڪم بجا ڪري عبادت ڪندا هئا جو حقيقت واري محبوب جو پاڻ ۾ معراج ڪندا هئا. محبوب جو ديدار ڪيائون، ڇو تہ هي ڳل جهڙا شهزادا انهيءَ ڪلي جا ڪوڏيا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٠)

ڪُوپا ڪِلي ڪوڏِيا، راوَتَ ڪِينَ رَهَنِ،
سائِنِ سِرَ فِدا ڪِئا، اڳيان اِمامَنِ،
مُجاهِدُونَ فِي سَبيلِ الله، ڪَمِ اِهوئي ڪَنِ،
حُورُون هارَ ٻَڌَنِ، سِهرا شَهِيدَنِ ڪي.

(١١)

ڪُوپا ڪِلي ڪوڏِيا، سائُو صلحَدارَ،
هِڪُ ٻائِرَ، ٻِيا ٻائِتيا، تِيان جانِي جِگِرَ يارَ،
آرِڻُ ۾ احسانَ سِين، سوِيا تِيا سَرِدارَ،
حُورُنِ ٻَڌا هارَ، سِهَرا شهيدَنِ ڪي.

(١٢)

جَنَتَ سَندِيَنِ جُوءِ، فائِقَ هليا فِردوسَ ڏي،
فانِي تِئا فِي الله ۾، هوءِ ۾ پِيا هُوءِ،
رَبَ! ڏيکارِيَنِ رُوءِ، اَنِين جي اِحسانَ سِين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي عاشق جوش وارا هوندا آهن. اهي محبوب حقيقت واري لاءِ فڪر فراق سان پنهنجي اندر واري قلعي ۾ محبوب جو انتظار ڪندا آهن. اهي غاري ڪڏهن بہ پوئتي نہ ٿيندا آهن، پنهن جي استاد جي عاشق سامهون اهي محبوب تان سر فدا ڪندا آهن، ڇو تہ انهن جو ڪم محبوب تان قربان ٿيڻ آهي. محبوب جي راهہ ۾ نفس کي فنا ڪرڻ ڪانپوءِ موتو قبل انت موتوا ڪري... شهيد ٿيندا آهن، تن کي محبوب حورون موڪلي هار ۽ موڙ پڏرائيندو آهي.

عاشق عشق جي جوش ۾ اچي پنهنجي اندر واري قلعي ۾ محبوب جي ڏسڻ جا شوقين هوندا آهن. ۽ انهن کي محبوب جي نظرن جا سپ پالا تلوارون هونديون آهن، جنهن ساں نفس کي ماري محبوب جو ديدار ڪندا آهن. جيتوڻيڪ هن جو نفس تمام ارڏو هوندو آهي، تڏهن بہ عشق جي جوش سان سردار سوڀارا ٿيا، تڏهن شهادت پاتن ۽ حورن هار پائي موڙ اچي پڏانِ.

عاشق جي پهرين منزل مجازي محبوب جي صورت جيڪا جنت آهي، فردوس حقيقي محبوب جي صورت آهي. اهي عاشق فردوس ڏي هليا. هن محبوب خاطر نفس کي فنا ڪري مٿي الله اوري عشق ۾ قدم رکيائون. تڏهن رَبَ حقيقت واري محبوب پنهن جي صورت جو ديدار ڪراين، اهو امام حسين جو احسان آهي جو هن عاشق لاءِ اها راهہ کولي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٣)

حَسَنَ مِيرَ حُسينَ جي، سُئي جَنگِ جَهانَ،
اَڏاٽا اورَ ڪَري، ڪارِي پڪي ڪانَ،
پِيءُ ڏاڏاٽا پانُ، سَيَدَ سَبُ مَلهائِيا.

(١٤)

حَسَنَ مِيرَ حُسينَ ڪي، رُنو تِنِ تولَنِ،
گهَرِ ماٺِهين، جَهنگ مِرئِينِ، اَيَنِ ۾ مَلڪَنِ،
پکِنِ پانُ پَڇاڙِيو، تہ لَڏئو هوتَ وَجَنِ،
آلا! شَهزادَنِ، سوِيُون ڏِئِينِ سَچا ڏَٿي.

(١٥)

حَسَنَ مِيرَ حُسينَ جو، جن نہ هِنيڙي جار،
خالق ربُ جبار، ڪين مرهيندو تن ڪي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حسن ۽ مير حسين پاڪ جي جنگ سچي جهان ڀڏي. پر اها
في اثبات جي خبر ڪنهن کي ڪانہ آهي، صفات ڪان پوءِ
حقيقت واري محبوب رب پاڪ پاڻ نظرن جا ڪانَ امامن سان
ملايا تہ ديدار ٿيو. تڏهن روبرو پنهن جي محبوب کي ڏسي.
هن پاڪن واعدو پورو ڪرڻ لاءِ پيءُ ڏاڏي وارو معراج جو
رمان پورو ڪيو. سيد ٿو چئي تہ سين کي مرتبي وارو بنايو.

حسن مير حسين جي شهادت تي ساري ڪائنات غم ڪيو.
اٿهن گهرن ۾ جهنگ ۾ جانورن، ملائڪن آسمانن ۾. پکين
۽ افسوس ڪيو تہ هئڙا سچا عاشق وفادار محبوب جا اڄ اسان
ي ڇڏيون ٿا وڃن. محبوب حقيءَ ڏي. الله تون هنن شهزادن
ي ديدار ڪرائجانِ، تون سچو محبوب حق وارو آهين.

حسن مير حسين جي عشق وانگر جن کي عشق ڪرڻ جو
سوق ناهي، انهن کي خدا تعاليٰ قيامت جي ڏينهن پنهنجو ديدار
۽ ڪرائيندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سر ڪنڀات

## داستان پهريون

(۱)

ڀَلا ئِي آهينِ، ڀِريــن ڀَلائِيءَ پــانـهــنـجي،
سَٻــاجهَا سِرِ چڙهــيــو، ڏوراپــا نـہ ڏيـنِ،
مـــــان ڏي مَديُون ٿِينِ، سَجڻ سَچايُنِ ۾.

(۲)

پيشانِيءَ ۾ پريـنءَ جي، ڀَلائيءَ جا ڀيرَ،
اَڱڻِ اَڪـنـدَنِ جي ڏِئـي، پاپُوهـي پـيــرَ،
قَمَرُ پـاڙِي ڪـيـــرَ، شَمِسُ سُپَرِيَنِ سـينِ.

(۳)

هي چنـڊُ اِهوئي، جو هُتِ پَسي ڀِريـنَ ڪي،
آڏت چَئـــجِ اَنَ ڪـــي، ڏِيــانءِ جو روئِي،
هيڪانڊِيءَ هوئِي، سانگ ۾ پَوي سَجَڻِينِ.

(۴)

مَرُ هيـڪانـدا هَونِ ڀِريـن، سـانگ ۾ وَجَنِ سيڻ،
رَهــيـــا آهـــن رُوحَ ۾، نِتُ جَنـين جا نـيـــڻ،
وَمـاسِيـا جَنِ ويـڻ، تــو تـاريءَ تـڳي تَنِ هِنَيـون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محبوب اهڙي وڻندڙ شخصيت آهي، جنهن جي ڏسڻ سان حضرت عشق ملي ٿو، عشق ۾ گهٽ وڌائي ٿيندي، تڏهن به محبوب روبرو اچي ميار نه ڏيندو. جيڪڏهن بيوفائيون عاشق ۾ ٿي پون، تڏهن به محبوب وفادار رهندو آهي.

محبوب جي صورت ۾ ٻه اکيون تيون نڪ آهي جنهن جي ڏسڻ سان عشق جهڙي نوازش ٿي ٿئي. جيڪي سڪ سان انتظار ۾ ويٺا آهن، تن لاءِ حق جي صورت ٿي اچي ديدار ڪرائي. چنڊ يا سج محبوب جي سونهن سان ٻيٽي نٿو سگهجي.

صفاتي محبوب ڪي عاشق ٿو چوي ته تون اهوئي آهين هُت حق جي صورت آهين ۽ هُت صفات جي صورت آهين، تنهن ڪري مان روئي جيڪڏهن عرض ڪيان، اهو پيغام وڃي ڏجانءِ ته مون سڪ واريءَ سان ڪنهن سانگ سان ديدار ڪرايو.

منهن جو محبوب مونکان ڌار اڪيلو رهڻ ٿو چاهي، پر ڪنهن پري سفر تي نه وڃي. مون تصور ڪري سندس نيڻ هردم پيو ٿو ڏسان. جنهن جي صورت ۾ گفتگو ڳڻتيءَ جهڙي آهي، تنهن ڪري انهيءَ سهاري منهن جو جياپو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٥)

راتِ سُهائِي، ٻُونءِ سَئِينِ، پَٽِينِ وَڏو پنڌُ،
هَلندي حَبِيبَنِ ڏي. ڪَرَهاَ موڙِ مَ ڪنڌ،
ٻنڌڻ سوئي ٻنڌ، جو ڀهچائي پرينءَ ڪي.

(٦)

راتِ سُهائي ٻُونءِ سَئِين، ٻائي گهُرِجي ٻَلُ،
آهُرَ ۾ ايلاچِيون، چَندَن چَري چَلُ،
مون توسان ڳالهڙِي، ٻئي ڪَهين مَ سَلُ،
هاهُرَ ڪندو هَلُ، تہ ڪِجايُون ڪَرن ڪي.

(٧)

رات سُهائي ٻُونءِ سَئِين، ٻِرِتِ نَئِين پَنڌُ پُورِ،
ميا، محبوبن جي، هَلي وَنءُ حضُورِ،
جي چِٽِڪَنِ چِتَ ۾، سي ڪيئن سَجَڻَ ڏور،
الله لڳِمَ اَسُورِ، اَئائين ٿي آءُ تون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عاشق جي جذهن موتو قبلل ٿيندي آهي تہ محبوب جي نور واري صورت روشن هوندي آهي. انهيءَ رات ۾ زمين سڌي هوندي آهي، جنهن ۾ ڪابہ رنڊڪ نہ هوندي آهي پر اهو پنڌ بَرپٽ وانگر تمام وڏو لڳندو آهي. اي منهنجا جا نفس تون پرينءَ ڏي هلڻ ويل ڪنهن اٺ وانگر ڪنڌ نہ موڙجان. نفس تون، مان ۽ عشق پاڻ ۾ ٻڏي ڪيئون تہ پرينءَ وٽ هلي پهچئون.

اها رات وڏي رتبي واري آهي، جنهن ۾ محبوب جو ديدار نوري صورت ۾ روشن ٿيندو آهي. ۽ رات ۾ زمين سڌي هوندي آهي. نفس باقي تنهنجي هلڻ جي همت گهرجي. محبوب ڏي هلڻ لاءِ ساراهہ جو ڪم آهي، تنهن ڪري تون فڪر فراق ڪندو هلُ. مون توسان حقيقي محبوب جي ملڻ جي ڳالهہ ڪئي سا ڪنهن سان نہ ڪرهيج.باقي خوشيءَ سان ڪلندو هل تہ ٻلي رقيب سڙي، ناراض ٿئي يا چڙي پوي.

اها رات وڏي رُتبي واري آهي، جنهن ۾ محبوب جي نوري صورت روشن نظر ايندي آهي. زمين سنئين هوندي آهي. عشق بہ نئون لڳل آهي، تنهن ڪري منزل طئي ڪَرِ. اي نفس اٺ ٿي محبوب جي حضور ۾ گڏجي هَلُ. جيڪو محبوب منهن جي اندر ۾ روشن آهن، انهن کي پري نٿو سمجهي سگهجي. عشق الله آهي، انهيءَ سانگي يا انهيءَ ڪري پرپيات تائين اتان ٿي اچ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٨)

اَجُ پُنُ اَچائِي، چوڏِهين مـــاهَہ چنــدَ جي،
مـون گــهَرِ مـون پِرِيَنِ جي، اَچَڻَ جي وائِي،
مـــون گـــهَرِ واڌائِي، پَئي كــامَ كَرَنِ ۾.

(٩)

اَجُ پُنُ اُمـــاڙو، چوڏِهينِ مـــاهَہ چنــدَ جو،
مـــون گـــهَرِ مـــون پِرِيَنِ، اَچَڻَ جو وارو،
سَجَڻُ ســـويـــارو، پَيـج پِنــيءَ گـــهَرِ آئِيـــو.

(١٠)

چوڏِهينءَ چَندُ اُڀريو، اُٺِنهين پَسي عــامر،
مَتِسِ نـاهِہ مَلامَ، جيـكـي پُڄِين پُڄُ ســو،

(١١)

چوڏهينءَ چَندَ اُڀرِيـن، سَهِسَين كَري سِينـگـارَ،
پَلَكُ پريان جي نہ پڙين، جي حِيلا كَرين هَزار،
جهــڙو تـون سَبُ چَمــارَ، تَهــڙو دَمُ دوسِتَ جو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ي مجازي محبوب تون سينگار ڪري چوڏهينءَ چنڊ وانگر
روشن ٿي آيو آهي. تنهن ڪري حقيقي محبوب جي ملڻ جا آثار
پڌرا ٿيا آهن. جڏهن محبوب ملندو تہ مونکي مبارڪون
ملنديون ۽ رقيبن جي هار ٿيندي.

منهنجو محبوب سهڻو سينگار ڪري چوڏهينءَ چنڊ وانگر اچي
بيهي رهيو آهي. شايد حقيقي محبوب جي اچڻ جو ڏينهن آهي،
جو جو مجازي محبوب جي اچڻ سان فتح ٿيندي آهي، حقيقي
محبوب منهن جي اکين ۾ پاڻي ڏسي اچي ويو.

عاشق لاءِ محبوب چوڏهينءَ جو چنڊ يا پاڪ نور آهي، مگر
عام لاءِ هو پانهو عبد آهي ۽ اٽنيهين اونداهي آهي. تنهن ڪري
عام تي ڏوهہ نہ آهي، جو هن ڪيس عشق ڪانسواءِ ڏٺو آهي.
هيءَ ڳجهارت عشق وارن ڪان پڇ جيڪي محبوب جي باري ۾
پڇنو اٿئي.

مجازي محبوب چوڏهينءَ چنڊ جهڙا سينگار ڪيترا بہ ڪرين.
تڏهن بہ هڪ پلڪ حقيقي محبوب جي ديدار جهڙو تون نٿو
ٿي سگهين. توڙي ڪيتري بہ ڪوشش ڪرين. تون سڄي
ڄمار سينگار ڪندو رهہ مگر محبوب جو هڪ پلڪ ۾ جيڪو
ديدار آهي، اهڙو تون نہ آهين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٢)

سَهَسين سِڄَڻَ اُڀري، چوراسِي چَنڊن،
بِاللهِ رِيءَ پِرِيَنِ، سَڀِ اونداهِي پانْئِيان.

(١٣)

چنڊَ تُنهن جِي ذاتِ، پاڙِيان تان نَه پِرِينءَ سِينِ،
تون اَچو ۾ راتِ، سَڄَڻُ نِتُ سوجهِرو.

(١٤)

چنڊَ چِٽائي تُنهن جِي، سِياهِيءَ ۾ سُور،
لايان لالَ لِڱنِ کي، چنڊَنَ ٻري ٻُورَ،
کوماٽو ڪَپُورَ، واجهائِيندي پِرِينءَ کي.

(١٥)

چنڊَ لَڱَنِئي منڊَ، سنجهي ئِي سِيخَ ٿِئِينِ،
کَرِ اونداهي اَنڌَ، تَه مِلان مَحبُوبَنِ کي.

(١٦)

چنڊَ چَوانءِ حَقُ، جي وِڙَهِين جي ورچين،
ٻه اَکِيون ٿِيون نَڪُ، تو ۾ ناهِ پِرِينءَ جهو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مجازي محبوب تون سينگار ڪري چنڊ وانگر چوراسي دفعا اچين، توسان پيار ڪري حقيقت سان ملجي ٿو، تنهن ڪري تنهن جي تعريف آهي. باقي تہ تون عبد ٻانهو آهين، تنهن جو هر ميلاپ اونداهو آهي.

صفاتي محبوب توهان سهڻن جي سونهن جي ذات حقيقي پرينءَ سان نٿي ڀيٽي سگهجي. ڇو تہ توهان صِرف هن خواب واريءَ دنيا ۾ روشن آهيو مگر منهن جو حقيقي محبوب هن دنيا ۾ بہ روشن آهي تہ آخرت واريءَ دنيا ۾ بہ روشن آهي.

مجازي محبوب تنهن جو حسن چنڊ جهڙو آهي، مگر تنهنجو وڇوڙو صدمو ٿو ڏئي. محبوب توکي سينگار ڪرائي خوشبوءِ لائي پيو ڏسان. اها خوشبوءِ بہ اڏامي ٿي وڃي ۽ تنهن جو حسن بہ نظر نٿو اچي، جڏهن حقيقي محبوب نظر ٿو اچي.

مجازي محبوب توکي بہ ڪو عشق لڳي جو پنهن جي معشوق جي ڳولا ۾ هليو وڃين. هاڻي مون ڏانهن هليو آيو آهين، پر تون اڄ تہ مان اکيون ٻوٽي تنهن جي تَصَوُرَ ۾ حقيقي محبوب سان ملان.

صفاتي محبوب حقيقت جي ڳالهہ چوانءِ، پوءِ وڙهين يا ناراض ٿئين تہ حقيقي محبوب جهڙو روشن نڪ ۽ بہ اکيون تو ۾ نہ آهن، ڇو تہ هو نور آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٧)

چنــدَ چَوانءِ ســچُ، جي مَنِي مُور نـــ پـــائِيـين،
ڪَڏهِن اُڀِريـن سَنهــڙو، ڪـڏهــن اُڀِريـن ڳچُ،
مُنهَن ۾ ٻَرَئِي مَچُ، تومِ ناهِ پيشانِي پرينءَ جي.

(١٨)

ڪَٿِي نيِرَ خُمــارَ مــان، جان ڪَيــائُون نــازُ نَظَرَ،
ســورَجَ شــاخُون جهَڪِيــون، ڪُومــاٽــو قَمَرُ،
تــارا ڪَتِيــون تـائِبُ ٿِيــا، ديــکِيــنـدي دلــبــرُ،
جهَڪـــو تِيـــو جوهَرُ، جانِبَ جي جَمـــال سِين.

(١٩)

اَونـــداهِيءَ اَڌَ راتِ جو، پِرِيــنءَ پَســـايــو پـــانُ،
چنـدُ ڪَتِيَنِ ســـانُ، پـيـــهِيَ وِيــو پَڙلاءَ ۾.

(٢٠)

تـــــارا تِيـــلـــــيءَ رُوءِ، لَڌا لالَن اُڀِرِيـــــن،
جهِــڙي تــوءِ صــبــوح، تـهــڙِي صــافِي سَجڻِين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـصفاتي محبوب سچ تو چوانءِ ناراض نہ ٿجانءِ. ڪڏهن وڏيڪ
ـهڻو لڳندو آهين، ڪڏهن سادو لڳندو آهين. پر جي تو ۾ باهہ
ـهڙو تجلو هجي تہ بہ حقيقي محبوب جي صورت جهڙي تو ۾
ـوشني ناهي.

ـڏهن عاشق جي موتو قبلل ٿيندي آهي. قرآن پاڪ ۾ في ليلة
ـقدر توهان جي لاءِ هڪ رات خلقي اٿم، جيڪا ستر هزار
ـرهين جي عبادت کان مٿي آهي. انهيءَ رات ۾ حقيقي محبوب
ـو ديدار ٿيندو آهي. جڏهن حقيقي محبوب خمار مان عاشق
ـي نظرون کڻندو آهي، تڏهن سورج شاخن سوڌو گم ٿي
ـندو آهي. تارا ڪتيون محبوب کي ڏسندي ئي گم ٿي ويندا
ـن. منهن جي محبوب جو اهڙو حسن آهي. ٻي ڪابہ روشن
ـئي ظاهر نہ هوندي.

ـقيقي محبوب جڏهن ديدار ڪرائيندو آهي، تہ مُوتُو قبِلَلُ
ـندي آهي. اهڙي رات هوندي آهي، جنهن ۾ چنڊ ڪتيون تارا
هوندا آهن، صرف محبوب روشن هوندو آهي.

ـفاتي محبوب تون حقيقي محبوب اڳيان تيليءَ جهڙو تارو
ـن، پر جي لڏي تاري وانگر لالن تون روشن ٿي اچين جهڙو
ـن صبوح جو هوندو آهين. منهنجو حقيقي محبوب ائين
ـائيءَ سان ملندو آهي جو ٻي ڪابہ شئي نظر نہ ايندي آهي،
ـف محبوب روشن ڏسڻ ۾ ايندو آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢١)

توڏانُهن گهڻو نِهارِيان، تارا تيلاهِين،
سَڄَڻُ جِيلاهِين، تون تِيڏانُهون اُپرِين.

(٢٢)

هُنَ تاري هُنَ هَندِ، هُتِ مُنهنجا سُپرين،
سَڄَڻُ ماکِيءَ مَندِ، کوڙا تِينِ نہ کَڌهِين.

(٢٣)

هُنَ تارِي هُنَ هِيٺِ، هُتِ منهُنجا سُپرِيَن،
سَڄَڻُ ماکيءَ ميٺِ، کُوڙا تِيَنِ نہ کَڌَهِين.

(٢٤)

هُنَ تاري هُنَ جاءِ، هُتِ منهنجا سُپَرِين،
سَڄَڻَ ماکِيءَ ساءِ، کوڙا تِيَن نہ کَڌهِن.

(٢٥)

تارا تِرَ تَروکَڙيونُ، مَتَنِ قَلَڙِيُون،
کوءِ سي راتَڙِيوَن، جي مُون پِرِينءَ پُڄاڻا پيئُون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صفاتي محبوب مان توڏي انهيءَ ڪري ئو نهاريان جو جهڙي حقيقت واري محبوب جي صورت آهي، تهڙي تنهن جي بہ صورت آهي. تون بہ اِلانِسان سِرِي وَ اَنَا سِره آهين.

ن مجازي محبوب جي صورت ۾ اتي منهنجو حقيقي محبوب هي، تنهن ڪري مجازي محبوب منهنجو تمام مٺو آهي. هو ڪوڙو ٿيندو ئي ڪونہ.

نقيقي محبوب هن مجازي محبوب جي صورت سان ملندڙ آهي. نـهن ڪري صفاتي محبوب بہ مٺو آهي، ڪوڙو ڪڏهن نہ بندو.

قيقي محبوب مجازي محبوب جي صورت سان ملندڙ آهي، هن ڪري صفاتي محبوب بہ مٺو آهي. ڪوڙو نہ ٿيندو آهي.

فاتي محبوب جي منهن تي ڪارا تر، خال ۽ قلڙيون مونکي ندیون آهن. اهڙي محبوب ڪان سوا جيڪي راتيون پون سي نکي نہ وٽنديون آهن. اهي راتيون گهوريون جيڪي پرينءَ نسواءِ پيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## داستان ٻيو

(١)

نـاسِيـنـدي نِگـاهـﮧَ، پَهـرِيـن ڪَڄ پِرِيـنءَ ڏي،
اَحـــــوالَ عـــــاجِزَنِ جا، آڪِڄِ لـــڳِ الله،
روز نِهـارِيـان راهـﮧَ، اَڪِيـون اَوَهـان جي آسِري.

(٢)

نـاسِيـنـدي نَظَرَ، پَهـــرِيـن ڪَڄ پِرِيـنءَ ڏي،
قَمـــــرَ چَئَج قَرِيـــبَ کـــي، نِسَتِ آءُ نِبَرِ،
ٻي ٻـيـٺِي نـاهي ٻَرَ، اَڪِيـون اوهـان جي آسِري.

(٣)

نـاسِيـنـدي نـرتِ، پَهـــرِيـن ڪَڄ پِرِيـنءَ ڏي،
قَمَرَ چَئـج قَرِيـبَ کـي، ســاري ســانُ سُرتِ،
ٻـيـو ٻَرِوَسـو نـﮧَ ٻِتِ، اَکِيـون اَوهـانجي آسِري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن صفاتي محبوب کان عشق ملي. تيئن ئي پنهن جي نظر حقيقي محبوب ڏانهن کڄان. صفاتي محبوب، حقيقي محبوب هن عاجز جا احوال الاِلله ڪارڻ چئجان تہ روز توهان ڏانهن پيو ٿو ڏسان، هي منهن جون اکيون اوهان جي آسري آهن.

جيئن مجازي محبوب کان عشق اچي تيئن اها صورت حقيقي محبوب جي سمجهہ. صفاتي محبوب کي چؤ تہ قمر جهڙا سهڻا تون منهن جي حقيقي محبوب کي چئجان تہ، آءُ توهان جي سڪ ۾ لاچار مجبور آهيان، پيو منهنجو ڪوبہ وَسُ نٿو هلي، بس اکيون اوهان جي آسري آهن.

صفاتي محبوب کان جيئن توکي عشق ملي تہ تون اهو حقيقي محبوب جو پيغام سمجهہ تہ منهن جي صورت صفات جهڙي آهي. تنهن ڪري صفاتي محبوب کي چئجانءِ تہ قمر جهڙا سهڻا تون منهن جو نياپو هوش سان حقيقي محبوب کي ڏجانءِ نہ مون کي ڪنهن جو بہ آسرو نہ آهي، صرف توهان ڏانهن کيون کٽي نهاري رهيو آهيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۴)

ناسيندي نِهارَ، پَهرِين ڪَج پِرِينءَ ڏي،
آءُ جي ڏِيانءِ سَنيها، چَئج چندَ اپارَ،
ساجَنَ سَپُ جَمارَ، اڪيون اَوها جي آسري.

(۵)

چڱا چندَ چَئينج، سَنيها ڪي سَڄَڻِنِ،
مَتان اڱڻِ اُپِرِيَ، پِرِيَنِ جي پَئيج،
جِهيڻو ڳالِهائيج، پِيرِين وِجهي هٿڙا.

(٦)

آءُ جي ڏِيانءِ سَنيها، سي تون چَندَ پَلَءِ ٻَڌُ،
چَئج حالُ حَبِيبَ کي، نِيئي نِوڙائي ڪَنڌُ،
تَو تِيڏانهن پَنڌُ، جيڏانهن عالَمُ آسرو.

(٧)

اُڀِرُ چندَ پَسُ پِرِينِ، تو اَوڏا مون ڏُورِ،
سِڄڻ سُتا وِلهه ۾، چوتا پَرِي ڪَپُورِ،
پيرين آءُ نہ پُڄَڻي، ٻاٻَلُ ڏَئي نہ ٻُورُ،
جنهن تي چڙهي اَسُورِ، سَنجهي سِڄَڻ سيتِيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صفاتي محبوب کان جيئن عشق ملي تہ تون پهرين نظر حقيقي محبوب ڏي ڪر ۽ سمجهہ تہ هي انهيءَ توڏي پيغام موڪليو آهي تہ منهن جي صورت ههڙي آهي. تنهن ڪري تون بہ هن جي معرفت پيغام يا عريضو موڪل. اي چنڊ جهڙا سهڻا آءٌ جيڪي عرض ڪريان سي حقيقي محبوب کي سگها پهچاءِ. تہ محبوب سرڪار سڀي چمار اکيون توهان جي آسري آهن.

چنڊ جهڙا سهڻا، حقيقي محبوب کي گهڻا نياپا ڏجانءِ. محبوب ي صحن تي لاچارن وانگر وڃي پيرن تي ڪري پئجانءِ ۽ ىمام نياز منديءَ سان آهستي ڳالهائجانءِ.

سهڻا چنڊ جهڙا محبوب صفاتي آءٌ جيڪي حقيقي محبوب لاءِ ياپا ڏيانءِ سي پلوَ ۾ ٻڌ. منهن جي محبوب کي ڪنڌ نوڙائي ـوال ڇئجانءِ. صفاتي محبوب تنهن جو پنڌ اوڏهين آهي، يڏانهن سڀي عالم جو آسرو آهي.

ىفاتي محبوب، تون چنڊ جهڙو سهڻو آهين. تون وڃي منهن ي حقيقي پرينءَ کي ڏس. هو اڪيلو ڪلي هوا ۾ وار ڇوڙيون تو پيو آهي. پيرن سان پنڌ ڪري نٿو پڇي سگهجي. منهن ۽ نفس بہ ڪو آبي جو اٽ ناهي جو مان صبوح جو چڙهي ام جو وڃي پهچان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٨)

آءُ اُڪنڊِيائي مَران، پِرِين، پَلا، پَرَ ڏُورِ،
ڀاڀِلَ ڏِئي نَہ ڀُورَ، پَنڌُ نَہ جوڳي پيءَ ري.

(٩)

ڏَٽي ڪَرِيندِين ڪَڏَهِين، حَياتِي هيڪاندِ،
مَن ۾ مشتاقن جي، ڪي رنجائي راند،
پِرِين ڏيساندَرِ پاندِ، ڳجهُ ڳَرَهِيان ڪَنِ سينِ.

(١٠)

هِنئَڙي سَجَڻَ سارِيا، ڪِتي هوندَمِ هِيرَ،
اَچي لالَنَ نَہ ڏِئين، مَتي پَلنگِن پيرَ،
تي وَرُونهَڻ وَيرَ، ڳجهہ ڳَرَهِيان ڪَن سين.

(١١)

وَڏَپڻ ۾ واءُ، ڪَرَهي ڪاڏُو ڪوڙِيو،
ڪوءِ، ڀَنِ پَلاٽِياءُ، اَولاٽِيو نَہ اَٿين.

(١٢)

پَلاٽِيان پِيو، اَولاٽِئو نَہ اَٿين،
جيڏانهَن وڳُ وِيو، اَيو تَرِسي اَوڏَهِين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان سڪ ۾ پئي ٿي گهاريان، ڇو تہ منهن جو محبوب حقيقي تمام پري آهي. منهن جو نفس بہ بابي ڏاڍي جو اٺ نہ آهي. ۽ پنڌڙين جو بہ پنڌ نہ آهي. مان ڪيئن پهچان.

مولا پاڪ تون منهنجي حياتي الائي ڪڏهن وڌي ڪندين، درد عاشق ڪي طرحين طرحين رانديون ڪيڏايون آهن، جو حقيقي محبوب ڪنهن پري ڏيهہ ۾ آهي. مون ڪي جيڪي ڳجهيون ڳالهيون آهن سي مان ڪنهن سان ڪريان.

منهنجي دل پنهنجي محبوب ڪي ياد ڪيو تہ الائي ڪتي هينئر هوندو ۽ جيڪڏهن منهن جو صفاتي محبوب اچي پلنگن تي وهي تہ منهن جي روح رهاڻ ٿئي. ۽ ڳجهو احوال بہ ڪريانس تہ تون وفا ڪر تہ حقيقي محبوب سان ملان.

عشق ۾ جڏهن فراق وڌندو آهي تہ عاشق محبوب جي سڪ ۾ رُلندو آهي تہ نفس ڪمزور ٿيندو آهي. جيڪڏهن پاڻ سان وٺي هلڻ لاءِ تيار ڪريانس، لٽا ڪپڙا پارائي، ڪارائي پياري وٺي هلانس، پر هو هلڻ لاءِ اڃين ئي تيار نہ آهي.

مان پنهنجي نفس ڪي محبوب ڏي هلڻ لاءِ تيار ٿو ڪريان، تہ ڪائي پي لٽا ڪپڙا پائي هل. مگر هو هلڻ لاءِ اڃيئي تيار نہ آهي. اُتي ئي نٿو. جاڏي عام ماڻهوءَ جا نفسي ولر ويا، هي بہ اوڏانهن هلڻ لاءِ تيار آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٣)

كَرهَو نَہ كيڪانُ، پِيرِين آءُ نہَ پُڄَّـي،
جو مُون رات رَساٽِي، نَيِئِي ساجَنَ سانڱُ،
مُون نہَ وَهِيٽو پانڱُ، وِيـنِي نَيـڻَ نِچُوئِيان.

(١٤)

كَرَها كَسَرَ ڇِذِ، وِكُون وِجهہُ وَذَنـدِيُون،
هيكَرَ حَبِيبَنِ سان، مُونكي نيئي گڏِ،
مَجُڻُ پَوَنئي هَذِ، آهُون أكَنـدَنِ جُون.

(١٥)

كَرَها كَسَرَ ڇِذِ، وِكَ وَذَنـدي پاءِ،
منهنجو هَلڻُ اُتَهِينِ، جِتي جانِبَ جاءِ،
توكي چَندَنُ چارِيان، پِيو وڳُ لاٽي كاءِ،
اِئِين اُتَ انـاءِ، جيئن هوندِي رات هُتِ مڙان.

(١٦)

كَسَرَ ڇِذِ كَنـواتَ، وِكُون وِجهہُ وَذَنـدِيُون،
سَئين سُپَرِيَنِ جي، وِنگي پانءِ مَ واتَ،
ڇِذِي جهورِي ذي جهاتَ، تہَ هوندِيءَ رات هُتِ مِڙُون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهن جو نفس اٺ يا گهوڙو تہ نہ آهي، پيرن سان پهچڻ جو بہ پنڌ نہ آهي جو مان وڃان. رات ۾ محبوب جيڪو ديدار ڪرائيندو تنهن لاءِ ڪير محبوب وٽ پهچائي. هاڻي مان پنهنجي وس نہ آهيان تنهن ڪري ويٺي ٿي رئان.

اي نفس محبوب ڏي هلڻ ۾ سستي ڇڏي، وِڪون وڌاءِ. مهرباني ڪر هڪڙو دفعو محبوب سان مون ڪي ملاءِ. سڪ وندن جون آهون ٻڌي مَنَ ڪو اثر پوئي.

اي نفس مونسان محبوب ڏي هلڻ ۾ سستي نہ ڪَر، ٿورو تڪڙو هَلُ. منهن جو هلڻ اوڏهين آهي جاتي منهن جي محبوب جي جاءِ آهي. توکي خوشبوءِ وارو يا ساراهہ جو ڪم ڪرايان. اتي ٻين جي جاءِ ناهي. ائين مونسان گڏجي هل جيئن رات ۾ ئي هلي محبوب سان ملون.

اي نوجوان نفس مونسان محبوب ڏي هلڻ لاءِ تڪڙو هل، جلد ڪر. جو تہ محبوب ڏي هلڻ لاءِ سڌي سنئين رستي ڪي ڏکيو نہ سمجهہ. ڳنتي ڇڏي، هوشياري ڪر تہ انهيءَ رات ۾ هلي محبوب سان ملؤن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٧)

ڪَرَهـا ڪُرَ سُجاڻُ، پِيَڪـو ۽ پانهنجو،
اَصـل آهـي اَوهـان جو، نـاليـرو نِڌاڻُ،
ڪَرَها! اَسان ساڻُ، ڪي چانگا ڪَرِ چڱائِيون.

(١٨)

آٺـي ٻَڌُمِ وَڻَ جاءِ، مـان مُڪِڙِيُون چَري،
ڪُڏا تُورو ڪَرَهـو، لِڪيـو لاٽِي ڪـاءِ،
اِنَ مَئِي سَندي ماءِ، مون ڳالَهڙِنِ ڳوڙَها ڪيا.

(١٩)

مَيـا، مَچِ مِنتَ، اَڄُ مُنـهنـجي ڪَرَهـا،
جهاڳِيندِي جَرَ پِٽيون، مَتان ڪَرِين ڪَٽَ،
سُپَرِيان جي سَٽَ، مونکي نيئِي ميڙِيين.

(٢٠)

ڳَلِ ڳانَا ياقُوتَ جا، مـوتِيَنِ ڳِتِيَسِ مـالَ،
ڪَدِيفيءَ جي ڪَرَها، هَيدِيءَ پائين حال،
چندَنُ چارِيانءِ جال، جي مون رات رَسائِيين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي نفس تون پنهنجو بنياد سجاڻ جو تو (شيطان) الله پاڪ جو حڪم نہ مڃيو هو. تنهن جو ابو ڏاڏو ۽ ڪٽنب اصل اوهان جو ناليوارو آهي. انسان ڪي حق ڏي هلڻ ڪان جهليندو آهي پر تون ڪي مون تي چڱايون ڪر احسان ڪر، تون نئون جوان آهين.

مون پنهنجي نفس کي محبوب جي سامهون آندو تہ هو محبوب جون نورَ واريون اکڙيون ڏسي ۽ پنهن جي نيت کي صاف ڪري، پر نيت جو خراب پنهن جا ارادا محبوب ۾ خراب پيو رکي. منهن جي نفس جي ماءُ هن جي باري ۾ جيڪي ڳالهيون ڪيون تہ هن پنهنجي ربّ جو بہ چوڻ نہ ڪيو تہ مون روئي ڏنو.

مست جوان نفس منهنجي اڄ منت مڃ، مان پنهنجي محبوب جي فراق ۾ جيڪي روئي رڙي حال وڃائي ترڪ ڪريان ٿو تنهن جو مونسان حساب نہ ڪر ۽ مونسان گڏجي هلي پرينءَ جي منزل مقصود تي رسائي ملاءِ.

اي منهنجا نفس! مان توکي فقيراڻو حال ڪريان توکي ڳچيءَ ۾ ڳانا، ياقوت جا مٽڪا، موتن جي مالا، ريشم جو ويس يا جهل نهہ پهہ پارايان ۽ جنهن ۾ تنهنجي نيڪي ٿيندي، جيڪڏهن مونکي اڄ رات محبوب سان ملائين. تہ تون وڏو فقير ٿيندين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢١)

ڳَلِ ڳانا ياقوتَ جا، موتي مَنجھہ مَھارَ،
چانگا چَندَنُ چارِيانءِ، اَنَئِي پَھَر اَپارَ،
سندي پِيءَ پَچارَ، جي مون رات رسائيين.

(٢٢)

ميا تو مَھارَ، سَچي پايان سونَ جِي،
چارِيانءِ چَندَنَ چوتِيون، نايو مينديءَ ڏار،
سَندي پِيءَ پَچارَ، جي مون راتِ رَسائيين.

(٢٣)

اُٺَ نہ وچي وڳَ سينِ، چَري نہ لاٺو،
مَئي کي مَجاز جو، ٿوھي ۾ ٿاٽو،
پَتاري پاٺو، مَرندي سِين نہ مَتِيو.

(٢٤)

اُٺَ نہ وَچي وڳَ سين، چَري نہ چَانگو،
لڳس نا نيھن جي، نھوڙيو نانگو،
چِڏي سو سانگو، رِڙِھي رَندِ پِرِينءَ جي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي نفس مان توکي حال فقيراڻو ڪرايان. ڳل ڳانا ڪنٺا ياقوت جا موتين مالها ڳچيءَ ۾ خوشبودار لقمو انئي پهر ڪارايانءِ. پوءِ تنهنجي ملڪ ۾ نيڪي ٿيندي، جي مونکي رات پرينءَ وٽ پهچائين.

اي منهنجا نفس مان توکي سون جي مالها ڳچيءَ ۾ پارايان، خوشبوءِ دار ڪاڌا ڪارايان ۽ اهڙا طرحين طرحين ڪاڌا ڪارائي ڳاڙهو ڪريانءِ جئين تنهن جي ملڪ ۾ نيڪي ٿئي، جيڪڏهن مونکي رات ۾ پرينءَ وٽ پهچائين.

منهنجو نفس هاڻي پنهنجي سنگت سان بہ نٿو وڃي، نہ وري پنهنجي پسند جو ڪاڏو ٿو ڪائي. هن کي عشق مجاز اندر ۾ وڃي گهر ڪيو آهي، تنهن ڪري اتي نظرون اٿس ۽ هو مرندي تائين مُنهن نہ مٽيندو.

نفس منهنجو سنگت سان بہ نٿو وڃي. ننڊو نيٺو ڪائي بہ نٿو. اهڙي ڪا نينهن جي نوڪ لڳي اٿس، جو صفا چٽ ٿي ظاهر ٿي پيو آهي. هاڻي سر جو بہ خيال نٿو ڪري. رڳو پرين جي پچار اٿس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢٥)

وِهـــي مَنـــجهـــين وڳَ، ڪَنُورِيءَ ڏارَ چَري،
مـــاءِ مُنـهـنـجي ڪَرَهــي، پَڌَرِ پڳَ مَ لڳِ،
جڳِ سِين جهـڙو جڳِ. هيين سين هُتِ چَري.

(٢٦)

پُوزُ نــہَ چَري پُورُ، چَڏِيــو تُورُ تِڪُو ڪَري،
مُونِين هَٽــي مـــوتِيـــو، ڪَرَهــو راتِ ڪَپُورَ،
مَيـــو تِيـــو مَعَمُورُ، چَنــدَنُ چڪــي آئِيـــو.

(٢٧)

اَجُ نــہَ اَڪِينءَ ڍارَ، ڪَرَهو جيئن ڪالهہ هُئو،
اڱڻ آيـــو نـــہ ڪـــري، پـــاهـــوڙِي پَچارَ،
جيڪي مَنجِهہ قَطارَ، ڪا وَلِ چِنائين وِهہَ جي.

(٢٨)

مَيــي مـــاڪـــائـــي، وِڏو واتُ وَلِينِ ڪـــي،
خَبَرَ تــي ڪـــيـــتَ ڏَٽِينِ ڪــي، وَڏوڙا واهــي،
ڪَرَهــي ڪــاڪَت چِڏي، وَرِيَسِ نــہَ وائـــي،
چانــگـي چَرِيـائِي، ويـئـي وِيـچاري وِ ـــري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نفس منهنجو سنگت سان بہ وهي ٿو. ۽ نيڪيءَ جهڙا ڪم بہ ڪري ٿو. ماءُ دعا ڪر تہ منهنجي نفس ڪي عشق ظاهر نہ ڪري. سنگت سان جهانَ سان جهان جهڙو. باقي دل تہ پنهنجي معشوق ڏي اٿس.

منهنجي پورل نفس ڪائڻ صفا ڇڏي ڏنو. نرم ڪاڏو ڏيانس ٿو تہ ڪائڻ بدران معشوق ڏي خيال هليو ٿو وڃيس. پاڻي بہ نٿو پئي رات هڪ ڏک پري موتيو منهنجو نفس مجبور ٿي پيو آهي جو حسن جو تجلو ڏسي آيو آهي.

منهنجو نفس اڄ اڳئين وانگر نہ آهي. جيئن ڪالهہ هئو. جيئن گهر ٿو اچي تہ ڪائڻ پيئڻ جي بہ نٿو ڪري. شايد سنگت سان پندي ڪا مجاز جي چوٽ لڳي وئي اٿس.

منهنجي نفس زوردار، بيپرواهہ حسن وارن سان پيار ڪري ڳاپا توڙڻ جي ڪئي. حسن ڏٺين ڪي خبر پئي جو هو پاڪ امن آهن. جڏهن انهن ڳالهايو، تڏهن نفس ڪئون سڀ خيال لجي ويا ۽ ڳالهائي بہ نہ سگهيو. نوجوان ڪان مستي بہ ڏائي وئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢٩)

مِتون لَهي مهاءِ، جي تو چانگا چُنيون،
وليون وِهہَ ساءِ، اجا تو مُوهِينديون.

(٣٠)

وَتي سيتَ سُوَتَ، پاءِ پَنهنجي ڪَرَهي،
وليون واس وَرَنِيُون، پَهرِيون مَٿي پَٽ،
چانگي چڪي چَٽَ، تہَ پوءِ رَهندو پَئِدريءَ.

(٣١)

ڪي جو ڪيڏانهُن، چانگو چڪي آئيو،
نا تِيو تيڏانهن، نيتَ چِنايو نِڪِري.

(٣٢)

ڪَرَهي ڪي ڪيئن، وِڏَمِ پئَڌ پلڻ جا،
ليڙو لاٿيءَ ڪيِ چَري، نِيَرُ ساڻُ تئِين،
چانگي سندي چِتَ ۾، صاحب وِجهہُ سَيئَنِ،
اوياهِيوسِ ايئن، لُطفُ ساڻُ لطيف چَئي.

(٣٣)

ڪَرَها توڪي ڪامَ، سَچو پَسي سُجي،
مانَ پَرُوڙي مامَ، ساڳاهي سَئِينءَ وَهين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجا نفس حسن وارن سان لالچ واريون منيون ڳالهيون نہ ڪر. ڇو تہ عشق مجاز جيڪو انهن اکين مان ملندئي سو فڪر فراق ڏئي وڏيڪ رئاريندئي.

پنهن جي نفس کي لنگ ۾ ٻڌي شناخت ڪرائي قابو ڪرينس، ـ تہ جڏهن سهڻو حسن وارو سينگار ڪري خوشبوءِ لائي ايندو. ۽ تنهن جي نفس کي اها صورت وڻي وئي ۽ انهيءَ جي مجاز ۾ اچي ويو تہ پوءِ انهيءَ عشق ۾ ڦاسڻ ڪانسواءِ نہ رهي سگهندو.

نوجوان نفس کي لنگ ٽوڙڻ جي اهڙي تہ ڪا لڳي وئي آهي جو مردم تارا اوڏانهن اٿس، جو ڪيترائي مضبوط ٻنڌڻ ٽوڙي ٿو ڇي.

سون پنهنجي نفس کي ڪيئي ربّ پاڪ جا فرض ٻڌائي لنگ ثابوتيءَ لاءِ بار وڌا، مگر ٻڌل ٿي وڃي حسن جي پويان پيو. ـولي پاڪ منهن جي نفس کي حق ڏي هلڻ جي لاءِ ڪا دل ۾ اهہ ڏئي. خراب خيالن کان توهان روڪيوس. لطيف ٿو چوي ـ توهان راضي ٿيوس، هدايتون ڪيوس.

ي نفس مان توکي سچو سمجهي ڳالهہ لنگ ثابوت رکڻ جي ڌائي. تہ مَنَ اِها مام پَرُوڙي حق جي راهہ تي هلين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٣۴)

کـنـيـاتـڙي تَڙِ وَري، اُيـي تَڙِ واجهـاءِ،
مـانَ اَچِئـو ڪـاءِ، سُواڏائـي سـڄڻين.

(٣٦)

اَتـي آڙائِيـنـس، چڏيـو تـہ چيـڪ تـيـو،
ڪـارايـان، ڪِريـو وَجي، پـلاڻـي پـائـيـنـس،
ڏاوَڻُ تنهن ڏائينس، جيئن، چري ۽ چنگهي پِڻون.

(٣٧)

دودَستـي، ڏَوِپيـرَ، سِيـنـي سَنـگـهَرَ رُڪَ جِي،
مـاءِ مُنـهـن جي ڪَرَهـي، تـازِي ڦَلَنِ هيـرَ،
تنهن ڪامڻ ڪندي ڪير، جو منهين وٿ مس رهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عاشق انتظار ۾ محبوب جي طرف بيٺو ٿو ڏسي تہ من ڪا خوشخبري اچي ڏئي تہ محبوب اچي ٿو.

پنهن جي نفس کي شادي ڪرائي قابو نہ ڪندين، تہ رُلي ويندءِ. پوءِ ڪنهن بہ طرح هٿ نہ ايندءِ. جي ڪارائڻ جي ڳالهہ ٿا ڪيونس تہ ناراض ٿي ٿو وڃي. گهڻو بار رڪينس زال گهر ٻار جو بار وجهينس تہ انهن کي ڪارائڻ، لٽو ڪپڙو، مٽ مائٽ ۾ ڦاسائينس جيئن ڪم ڪري ٿڪجي پئي.

جهڙي نموني اٺ کي قابو ڪبو آهي، تيئن پنهنجي نفس کي بہ قابو ڪرڻ جو طريقو اهو آهي تہ هن جي شادي ڪرائي پئسو ڏوڪڙ ڏئي، گهر جو بار رکي قابو ڪرينس. اُن منهن جي نفس کي تازو مجاز جي هوا لڳي آهي. تنهن کي ڪابہ عورت ڇا ڪندي جو هو قبول ٿي نہ ٿو ڪري ۽ مون وٽ ٿي ڏکيو ٿو رهي ۽ اوڏانهن لنگ ٿوڙي وڃڻ جي ٿو ڪري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٣٨)

كني كامڻ كياءِ، كيئن پنيولئين كرها؟
اكين مـتـي اكيـا، پرِ ۾ پيـر گـتـاءِ،
وڳُ ڪِ وِسرِياءِ، ٻَڌو جيئن گهاٽي وَهين.

(٣٩)

نَوَ نِيرَ پائي، جان مون هِنيَڙو جهَليو،
وِئُڙو چِنائي، پوئِينءَ رات پِرينءَ ڏي.

(٤٠)

نَوَ نِيرَ ڏَهہ ڏاوَٽِيون، پَندِرهَن پِئڌ پياس،
سجڻ ياد پياس، چرڪ چِنائي هيڪڙي.

(٤١)

كائِي نہ كَتَـهارَ، چَنڊَنَ جا چَوپاكَري،
آڳر اوڏو نہَ وَجي، سرِ كَندَ لَهي نہَ سارَ،
لاٽِيءَ جَي لَغارَ، مَيوَ متارو كَيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي نفس توکي عورت ڇا ڪيو. ڇو پريشان لڳو ٿو وتين، ڇڻ ڪنهن اڪيون ٻڌي توکي پڙ ۾ ڇڏيو آهي. جو سنگت بہ وسري وئي اٿئي. ڦريو ڦريو انهيءَ عورت مجازيءَ جي ڏسڻ لاءِ پيو ٿو گول چڪر لڳائين.

مون پنهنجي نفس کي قابو ڪرڻ لاءِ نفسي عيش عشرت، کاڌا خوراڪ اهڙا نَوَ نمونا ڏئي قابو ڪيو، پوءِ بہ سڀ ڇڏي پنهنجي مجازي محبوب ڏي هليو ويو.

جهڙي نموني اٺ مستيءَ ۾ ايندو آهي تہ ان کي بند ڪرڻ لاءِ نير، ڏاوڻيون، پڏ وجهي ٺلهيءَ متاريءَ شيءِ کي بہ انسان قابو ڪري سگهي ٿو. مگر انسان اهڙي شئي آهي جو ڪيتري بہ پلڻ جي ڪوشش ڪبي تہ بہ جڏهن هن کي پنهنجي مجازي محبوب جي يادگيري آئي تہ ڪابہ طاقت هن کي جهلي نٿي سگهي.

اٺ اهڙي شئي آهي جنهن کي قيمتي شيون خوشبودار شيون يا ٻوٽا نہ کائيندو آهي، هن کي صرف لاڻي وڻندي آهي، جنهن کي کائي متارو ٿيندو آهي. تهڙي طرح نفسي خواهشون بہ آهن عبادت کان پري. نيڪيءَ وارو ڪم بہ نہ وڻيس. پير فقير کي نہ ميڃي، غريب جي سار نہ لهندو. زال گهر هوندس تہ خوش هوندو. حسن جي صورت جيڪو عشق مجاز جي لغار هٽي منهنجي نفس کي مجبور ڪيو آهي، جنهن ۾ پاڻ خوش آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۴۲)

چانگا چندن نہ چرين، ميا، پئين نہ موڪَ،
اَگر اوڏو نہَ وَڃين، ٿُڪِيو ڇَڏين تُوڪَ،
لائي وِڇان لوڪَ، توڪي ڪَهڙي ليکي آئُڙي؟

(۴۳)

جِيئان ڪوڙ ٻہ ڪانيون، پنجين لکين پاءُ،
ميو تنهن ماڳاءُ، ڏيهاڙي ڏار چري.

(۴۴)

جِيئان ڪوڙ ٻہَ ڪانيون، پنجين لَکين پَنُ،
تِئان چاٽي ڇُڳيون، ميي رتو مَنُ،
تنهن ول سندو پَنُ، ڪوماٽو ڪوڙين لهي.

(۴۵)

لَکَ لاکيٽو ڪَرهو، ڪَوڙئين ڏِيئي ڳِدومِ،
اَنگنِ. سُونهن تِيومِ. مُلِ مَهانگو مَ چَئو.

(۴۶)

لِکُ لاکِيٽو ڪَرَهو، ڪوڙين ڏيئي چوڙِ،
اِها سِتَ سيَد چَئي، جهين تَهين جوڙ،
تُرتُ رَساني تورِ، جُہ پَلاڻيو تہَ پِرينءَ مِڙي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ي منهنجا نفس! خوشبودار ڪاڏا ۾ نتو ڪائين، جالارو پاڻي ۾
نتو پئبين، نيڪيءَ جهڙو ڪم ۾ نتو ڪرين، طرحين طرحن جا
ڪاڏا ۾ نتو ڪائين. باقي برائي هيترن ڏنڌن مان توڪي ڪهڙي
حساب سان وٺي ٿي.

حسن بي بها شئي آهي. جنهن جون ۾ اکيون ڪروڙ ٿيون
هَنِ. جنهن جي گفتگو ۾ پنج لک ٿو لهي. منهنجو نفس انهيءَ
ر بري نظر ٿو وجهي. قدر نٿو ڪري.

حسن بي بها آهي، جنهن جون ۾ اکيون ڪروڙ ٿيون لهن. ۽
نو وڻ جو پنجين لکين جو آهي منهن جو نفس بيدريءَ سان
ڙي محبوب جي گلا ڪري پنهن جي دل وڏائي ڇڏي، تڏهن
، عاشق لاءِ ته اهو گلا سان مايوس ٿيل ڪروڙن جو اَمَلُ آهي.

نهن جو نفس لکن جو آهي. جي خريد جو هجي ته ڪروڙ
ئي وٺان، مان انهيءَ نفس ڪانسواءِ اظهار نه ٿيان ها. تنهن
ڪري اهو مهانگو نه ڇئو.

نهن جو نفس لکن جو آهي. جي ملهه ملي ته ڪروڙين ڏئي
جي. سيَد ٿو چوي ته رکو منهنجو نفس مهانگو نه آهي، مگر
ي ڪنهن جو نفس هڪ رحمت آهي اظهار جي. جيئن روح
ن نفس جي بوتي ۾ آيو ته جلد حق سان ملائيندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سر سريراڳ

## داستان پهريون

(١)

مَـــانَ پُڇَنئِي سُپَرِيـن، چِتــا لاهــِ مَ چُرَ،
اُنهَنِ جا اَمُرَ، ڪــڻ تـــ خالـــي نـــ ٿِـئين.

(٢)

مَـــانَ پُڇَنئِي سُپَرِيـن، چِتــا چُرَ مَ لاهــِ،
پـرينءَ اڳيـان پـاءِ، پَلءُ مـڱـتـهـار جيـئَـن.

(٣)

مَـــانَ پُڇَنئِي سُپَرِيـن، چِت م رکـج چيـتُ،
سِرُهـ ڏٺاري صافَ ڪَري، صابُڻ ساڻُ سُپيتُ،
ساموندي سچيتُ، ٿيءُ تــ پهچين پارَ ڪي.

(٤)

مَـانَ پُڇَنئِي سُپَرِيـن، چِتَ م چِتَـيـا رِيـج،
ڪَـڄ ڪائي ڪَـڄَ ڪي، ڪُوڙ مَ ڪَمائيج،
وَٺجُ وِهــائـيــج، سَپُ ســـوداگرَ سَچَ جو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ن اکيون ڀوتي محبوب جو تصور ڪري فراق سان يادگيري
ڪندو رهه تہ محبوب ضرور ايندو. تون صبر تحمل سان فڪر
راق ۾ سڪ ۽ پيار سان رهہ تہ نااميد نہ ٿيندين.

ن اندر ۾ تصور ڪري پيار ۽ حب مان ياد ڪندو رهہ تہ
حبوب ضرور ايندو. پر تون فڪر فراق سان محبوب اڳيان
يون نيازيون ڪندو رهہ.

ن اندر ۾ تصور ڪري محبوب جي يادگيري رکُ، تہ پرين
رور سار لهندو. تون مجازي محبوب جي تصور اڳيان پنهنجي
ت صاف ڪري هوشيار رهہ. جيڪي سدائين پاڻيءَ ۾ ٿيون
ن. تنهن ڪري اکين کي ٿو چوي تہ توهان هوشيار ٿيو تہ
ن پار حقيقي محبوب کي هلي پهچين.

نهنجي اندر ۾ محبوب جو تَصَوَرُ رکي ڏسندو ۽ ياد ڪندو
هُ، حقيقي محبوب ضرور ايندو. پر نفس کان پري رهہ،
يءَ ۾ ڪوڙ جي ڪوشش نہ ڪر. تَصَور کي حقيقي محبوب
سمجهي انهيءَ لاءِ سڀ عبادت ڪر. (چو تہ تصور جي
ورت جو پاڇو زمين تي نٿو اچي ۽ هن جي منهن تي مک نہ
وهي، تنهن ڪري هو پاڪ سيّد (محمّد) جي صورت آهي.)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٥)

مــــانَ ڀُڄَنَئِي سُپَرِيــن، ڄِتــــا لاهـــ مَ چورُ،
ڪَڍِي ڄِڏِ تون قَلَبَ مان، ڪَنّي ڪُوڙو ڪورُ،
هُنَ ڀِرِ سَندو هورُ، مـتـان تـو مـعـاف ٿـئـي.

(٦)

مــــانَ ڀُڄَنَئِي سُپَرِيــن، ڄَيـــتــــاريـج ڄِتَ،
دائِمـــــا دُوربــيــنــيءَ ۾، ڀَســين وِلاتَينِ وِتَ،
نِيــهُن سـيـڪـاري نِتَ، مَلاحُ، ڳَڏُ مُعَلمَ سين.

(٧)

ڪـائـو ڪَمـايـومِ، مــوتـي مـون نـه وَڻِجيـا،
ســيـــهـي جو سَيــدُ چَئـي، وَڪَرُ وِهـايـومِ،
هَڙو حـالُ سـنـدومِ، تـوهـ تـنـهـنجي اُبَهـان.

(٨)

ڪَچُ ڪَمــــــــايُم ڪُوڙُ، ڀِڳَمِ عَهدَ اَللهَ جا،
پــيـحرو پـــاپَنِ جو، چوتـــيءَ تـــائـــين چُورُ،
مَعلوم اٿـئـي مـور، ڳوڙها انـهـيءَ ڳالهـ جو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اندر ۾ صفاتي محبوب جو تصور ڪري انهيءَ ۾ گم ٿي وڃ تہ محبوب حقيقي ضرور توکي ياد ڪندو. تون پنهن جي دل مان غير ڳالهيون ڪڍي ڇڏ تہ حقيقي محبوب جو نااميديءَ وارو خيال توتان ترڪ ٿي ويندو ۽ ملڻ جي پڪ ٿيندئي.

تون اندر ۾ يادگيري ڪيون اچ متان پرين بہ تنهن جي پڇا ڪري، تون صفاتي محبوب جي تصور ۾ حقيقي محبوب کي سمجهندو رهہ. چو تہ عشق بڌائي ٿو تہ صفات مان ذات ملندي.

صفاتي محبوب سان پيار ٿيو. حقيقت جي لاءِ مون ڪڏهن روئڻ جي عبادت نہ ڪئي. مان صرف صفاتي محبوب سان پيار ڪيو. موليٰ منهنجو هي حال تو کان لڪل نہ آهي، مون کي صرف توهان جو آسرو آهي.

صفاتي محبوب سان پيار ڪيم مگر حقيقت ڏي هلڻ لاءِ قالو بليٰ وارو حڪم پورو نہ ڪيم. هي بشري جسم سڄو گنهگار آهي. موليٰ! توکي منهنجو حال سڄو معلوم آهي، تون سڀ ڪجهہ ڄاڻين ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٩)

ڪُوڙُ ڪَمـــاءِ مَ ڪَڇُ، اَتـــي اَورِ الله سِين،
ڪَڏُ تُون دَغا دِلِ مـــان، صـــاحَبَ وَٽِي سَچُ،
مَحَبَتَ سَنـــدو مَنَ ۾، مَاڻِڪَ پـــارِ مَچُ،
اِنَ پَرِ اَتـــي اَچُ، تــہ سَودو تِيُئـــي سَفِرو.

(١٠)

سَودو اِهــوئِي سَفِرو، ســـو مُون پَلَئِہ پـاءِ،
وَسُ ويچارِيءَ ناهِ ڪِي، تون آگا عَرُضُ اَگهاءِ،
رِيءَ هَمِراهيءَ هادِيءَ جي، مُورُ نـہ مِڙِي ماءِ،
لطَفَ سانُ لنگهاءِ، لَهرو لَهـرِنِ وِچ مـان.

(١١)

لَڙَ لَهَرِيُون، لَسَ، ليٿَ، جتي اَنتُ نـہ آب جو،
الله اُت مَ اولـئـين، پـيـڙا مَتَـي پـيـٿ،
جَوکَو تِئي مَ جَهازُ کي، ڦَرهيءَ اَچي مَ ڦِيٿَ،
لِڳي ڪامَ لَپـيـٿَ، هِنَ غارَيـبـي غُرابَ کـي.

(١٢)

سڙهہ سنوان لاهو نـوان، اولا سندن عاج،
ســـاتِي سَفَرِ هَلِيـــا، پَري جُنـگَ جَهـــاجَ،
حـــاصُلُ ڪَرِيـن حـــاجَ، واحِدَ وَٽِجارَنِ جي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انسان فنا آهي انهيءَ سان پيار هڪ مفاد آهي، جنهن ۾ عاشق جي دل صاف نٿي رهي. تون الله وارو عشق ڪر، جنهن ۾ پاڪائي آهي. تون دل مان غير ڪڍ ڇو تہ ملڪ جي مالڪ کي سچ وڻندو آهي، تنهن ڪري صفاتي محبوب جو تصور ڪري محبت کي وڌاءِ، فڪر فراق جو مچ ٻار تہ توسان موليٰ جلد موتو قبلَلَ وارو سودو ڪري. انهيءَ طرح تي اچ، اها آسان راهہ آهي.

عشق ۾ فڪر فراق وارو رستو آسان آهي. موليٰ تون مونکي اهو ڏي. اهو سودو منهن جي وس ۾ ناهي. تون پنهن جي مهرباني ڪر مجازي محبوب جي ڪَرَمَ ڪانسواءِ حقيقت سان ملي نٿو سگهان، هي منهنجو ٻيڙو تون پنهنجي رحم ڪرم سان پار ڪَر.

جتي پاڻيءَ (گناهہ) جون لهريون ۽ جنبش هڪ ڪري ۽ اُتل جي پاڻيءَ جو ڪو ڪاٿو ناهي، اتي ڪنهن ڪُن ۾ ٻيڙو موليٰ نہ ڦاسي. متان جهاز جسم جي ڦرهي کي ڪا چوٽ نہ لڳي. ڪنهن لهرن جي چپيٽ نہ لڳي، هن مون غريب مسڪين جي ٻيڙي جي موليٰ توکي پارت آهي.

محبوب صفاتي جو تصور ڪري پنهي هٿن سان ڳوڙها اگهندا. ارادو حقيقي محبوب نُورَ واري سان ملڻ جو رکي انهيءَ وڏي سفر تي ٻئي اکيون ٻوٽي هليا آهن، تن جي موليٰ پاڪ محنت صاب وجهجانءِ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٣)

سِڙهہ سَنواڻ لاڳو نوان، مُهاڻا سَندَنِ مِيرَ،
ساڻي سَفرِ هَليا، تِيا سَٽاوا سِيرَ،
جي اچن ساڻُ اُڪيرَ، پيڙا رکين پاڄهہ سين.

## داستان پهريون

(١)

جيڪي منجهہ جَهانَ، سو تارِيءَ تڳي تُنهنجي،
لُطفَ جي لَطِيفُ چئي، تو وَٽِ ڪَمي ڪانَ،
عَدُلَ ڇُٽان آنءُ نہ، ڪو ڦيرو ڪَج فَضُل جو.

(٢)

سارِي راتِ صُبُحانُ، جاڳِي، جَنِ يادِ ڪَيو،
اُن جي عبداللطيف چئي، مِتيءَ لَڌو مانُ،
ڪوڙِين ڪَنِ سَلامُ، آڳهِ اَچو اُنَ جي.

(٣)

سيوا ڪَر سَمُنڊَ جي، جِتي جَرُ وَهي تو جالَ،
سَوِين وَهَنِ سِيرَ ۾، ماڻڪَ موتِي لالَ،
جي ماسو جُڙئي مالَ، تہ پُوڇارا پُرِ تَئين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صفاتي محبوب جو تصور ڪري ٻئي هٿ اکين جي ڳوڙهن جي اگهڻ لاءِ رکي، اهو ٻيڙو حقيقت جي حوالي ڪيائون. ساٿي انهيءَ سفر تي توڪل رکي هليا. (اي الله!) تون انهن جو سفر آسان ڪجانءِ، ڇو تہ هو گهٽي سڪ پيار سان محبوب جو تصورڪري اکين ۾ ويهاري ٻيڙي وانگر اچن ٿا. ڪين پنهنجي رحمت ۽ ڪرم سان امانَ ۾ رکجانءِ.

هن جهان ۾ جيڪي بہ آهي سو تنهن جي سهاري آهي، تون رحمت العلمين آهين، لطيف ٿو چئي تہ تنهن جي مهربانيءَ ۾ گهٽتائي ڪانهي، تون پنهنجو ڪرم ڪر، باقي انصاف سان تہ آءٌ آزاد نٿو ٿي سگهان.

سڄيون راتيون ننڊون ڦٽائي جن پنهن جي رَبَ کي راضي ڪيو، عبداللطيف ٿو چئي انهن جي مِٽي بہ وڏي اهميت واري آهي، جو انهن جو سهارو وٺڻ لاءِ ڪروڙين ماڻهو اچي ٿا سلام ڪن.

روئڻ واري عبادت ڪر جو اها مولي پاڪ وٽ مقبول آهي. سڪ فراق ۾ روئڻ سان ڳوڙها ڪٽندا ناهن، ڇو تہ تنهن جي اندر ۾ وڏو سمنڊ آهي، جو ڪٽڻ جو نہ آهي. پيار ۾ روئڻ ويل هڪ هڪ ڳوڙهي جي مولي پاڪ وٽ اهميت موتيءَ ۽ لعل برابر آهي. جيڪڏهن اهو ڳوڙهو قبول پوي تہ حقيقت ملي وڃي، جنهنَ جي ديدار سان فيضياب ٿي ويندين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۴)

سي ٻُوڇارا ٻَرِ ٿِيا، سَمُنڊَ سيوئُو جَنِ،
آنڊائون عَمِيقَ مان، جوتَي جَوَاهِرنِ،
لَذائون لَطِيفُ چَئي، لعلون مان لَهَرِنِ،
ڪانهي قيمَت تَنِ، مُلهہ مَهانگو اُنَ جو.

(۵)

سيوِ جَنِ صُبُحانُ، وِيرِ نہ وِڙَهي تَنِ سِين،
توبَهہ جي تاثِيرَ سِين، تَرِي وِيا طوفانُ،
ڏِيئي تَوَڪَلِ تَڪِيو، آرُ لنگهِيا آسانُ،
ڪامِلُ ڪَشتِي بانُ، وِجَ ۾ ڳَڏِيُنِ واهِرُو.

(٦)

سارِي راتِ سُڃاڻَ، سودو ڪَنِ صاحَب سِين،
ٻانَهَپَ ٻَرِي ٻيڙِيُون، هَليا جُوپَ جُوانَ ،
پاڻي پَهلوانَ، لَحَظي مَنجِهہ لنگهِي ويا.

(۷)

ٻانهپَ جو ٻيڙِين ۾، وکَرُ وِڌائُون،
مَوتي مَعِرفتَ جا، سَچا سودِيائُون،
اَلتَائِبُ مِنَ الذَّنبُ، ڪَمَنَ الذَنَبُ لَمّا اِيُ ڪَتُ ڪتِيائُون،
اَنهنِ جي آءُ، بَرِڪَتَ پارَ لنگهائِيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٨)

جَنــينِ ســـــودو سَچَ جو، وَکَرُ وِهــايــو،
بَخِرَ و لَهَمُ الــبُشرِيٰ، جو اَنَهــنَ لَئــــ آيــو،
اَنَ کي لالَنَ لنگهايو، ساندارو سَمونڊَ جو.

(٩)

اِيَ گت غَواصَنِ، جِيئَن سَمنڊُ سوجِهيائوُن،
پيـهِي منجهـ پاتالَ ۾، ماڻڪَ ميـڙِيائوُن،
آڻــي ڏِنــائــوُن، هِيــرا لــعــلُ هَٿَنِ ســينِ.

(١٠)

آچارا، عــــمـــــيـــق جا، گَڏيــا غَواصَنِ،
جُهـوريئـون جهاڳي آئِيا، ڪـارُونـيـارُ ڪُنَنِ،
ســمـنـڊُ ســوجهـي جَنِ، آڻــي اَمُلَ اَولِيــا.

(١١)

وِئـا جي عَمِيـقَ ڏَي، مُنـهـن ڪـائـو ڏَيـئِي،
تَنِ سِپـوُن سَوجَهي ڪَڍِيُون، پاتاران پَيـهِي،
پــســنـدا ســيــئـي، امــل اکـــڙيـن سـين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جن عشق جو سودو پنهن جي محبوب سان سچ سان نيائيو. تن کي بَشَرَ جو جامو انعام طور مليل آهي. جنهن لاءِ هِنَ ۽ هُنَ دنيا ۾ ڪوبہ حساب ناهي. انهن کي عشق جي سمنڊ مان پاڻ موليٰ پار ڪري ڇڏيو. يعني قبلل انت موتو.

عشق وارن جو دستور آهي تہ اڪيون ٻوٽي پاڻ ۾ صفاتي محبوب جو تصور ڪري انهيءَ مان حقيقي محبوب ڏسندا آهن. اڪيون ٻوٽي حقيقي محبوب لاءِ روئڻ جي عبادت ڪندا آهن، اهي ڳوڙها ماڻڪ موتي آهن. انهن صفاتي محبوب ۽ ذاتي محبوب جو مشاهدو ڪري اچي ڏنائون. (موتو قبل انت موتو ڪري).

عشق وارا اڪيون ٻوٽي پنهنجي اندر جي سمنڊ ۾ حقيقي محبوب کي ملڻ جي ڪوشش ڪندا آهن تہ اتي عشق جون تيز لهرون عاشق کي روئاريندڙيون آهن. روئي موج ۾ (ڪارا ڪن) اندر جو پاڻي اڌما ڏئي ٻاهر نڪري ايندو اتن. اتي حقيقي محبوب اچي ملندو اتن. جو هنن جي روئڻ واري عبادت قبول پوندي آهي.

جيڪي عاشق صفاتي محبوب جي صورت جو تصور اکين اڳيان ڪري هليا. تن پنهنجي اندر ۾ سمنڊ مان حقيقي محبوب جي صورت اکين ۾ ڪندي اندر جي پاتال مان سپن وانگر ڪڍي آيا. جيڪي اهڙي نموني ويا اهي حقيقيءِ محبوب کي اکين سان ڏسي ايندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٢)

آڏو ڇِڪَڻ ڇاڙَ، مــــوجَ نَہ سَهــي مَڪِڙي،
مــيــڙي مَنــايُن جو، بــيــحَدِ ڇاڙِهيَمِ بــارُ،
ڇَوَنُ ڇارو نــاهِہ ڪــو، بَدِيــون بــيــشــمَار،
ڪَيَرُ ڪــارُونــيــارُ، اَڪــارِيــن اِحِســانَ سين.

(١٣)

وَيــرَ مِہ لاهــي وَيــهُہ، مَٿــي آرَ اُوڙاهـــَ جي،
پَســي پــاڙيــواريــون، ڪَجِ اَنــديــشــو اِيُهـــُ،
وِيــنــدو نــہَ پَســين ڏَيــهـــُ، پَتــڻِ هُنَ پــارِ مَٿــي.

(١٤)

اَنَئِي پَهَرَ اوڙاهـہ تـي، مـنجهـہ گـهـرِ گـهـاري،
وَسُ نـہَ وِيچارِي، تـہَ ڪا مـاڳِ، ڏُڪَندي مَڪُڙِي.

(١٥)

هِڪي ٻانـهـي ڇِتَ ۾، ٻي صــاحُب سنواري،
ڏُنـگـي هِن دَريـاءَ مـــان، هَلائـي هــا ڪـاري،
تَرازو تـــاري، سُتَڙِ سَيــــيــــئي ڪَري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مونکي عشق جي موجب روئاري ملڻ لاءِ پريشان ڪيو آهي، مگر مونکي محبوب جو ميلاپ نٿو ٿئي، تنهن ڪري منهنجو خيال اتي ڦاسي پيو آهي. شايد مون کي گهڻا گناهہ ڪيا آهن جو ميلاپ نٿو ٿئي. مولا مان ڇا چوان توکي منهنجي بداعمالن جي، سڀ معلوم آهي. هاڻي تون پنهنجي ٻاجهہ سان هن اونداهہ واري کپر تان مونکي پار ڪر.

اي عاشق غفلت ڇڏ، هن اونهي وڏي عشق جي سمنڊ مان اميد نہ لاهہ، جو تہ ٻين عاشقن جي ميلاپ کي ڏسي انتظار ڪر. انهيءَ مجازيءَ محبت جي پتڻ کان هن پار حقي ميلاپ لاءِ سچو ڏيهہ پيو ملندو آهي.

عاشق، عشق جي (وڏي اونهي سمنڊ) اندر اکيون ٻوٽي محبوب جي ملڻ لاءِ فڪر ۾ آهي. ميلاپ مولا جي وس آهي، مون عاشق ٻانهي جي وَس جي ڳالهہ نہ آهي.

هڪ انسان نفس جي خواهش جو ٻندار آهي، پيو رَبَّ پاڪ انسان کي روح ۾ عشق ڏنو آهي. انهيءَ جي عشق حقيقيءَ سان ملڻ جي خواهش هوندي آهي. هي جهان هڪ درياءُ آهي. جنهن مان محبوب ٻن ارادن واري ٻيڙيءَ کي هَڪلي ٻيڙيءَ وانگر هلائي ٻئي مقصد انسان جا پورا ڪري پار پهچائيندو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٦)

هِڪي ٻانِهي چِتَ ۾، ٻِي سِٽي صاحبُ،
ڪڍي اُونهي ڪُنَ مان، اِيُ آڳي جو عَجبُ،
اِيُ سائينءَ جو سَببُ، جِيئَن ٻَڌا اُڪاري ٻارِ مان.

(١٧)

هِڪِي ٻانِهي چِتَ ۾، ٻي جا ڪَري اَللهُ،
پاڻهين وِجهي ڪُنَ ۾، پاڻهين اُڪاري اَوڙاهُ،
تَنهِن واحِدَ کي واهُ، جو سُتَڙِ سَيپئي ڪَري.

(١٨)

هِڪي ٻانهي چِتَ ۾، ٻي جا اللهُ ڪَري،
پاڻهين وِجهي ڪُنَ ۾، پاڻيهي ڪَنڌيءَ ني،
سُتَڙِ سي ڊوئي، جي تڙِ تَوائي تڪِڙا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ انسان جي دل ۾ نفسي خواهش هوندي آهي ٻي روح جي خواهش هوندي آهي. عشق حقيقت سان ميلاپ ڪجي. ربَ پاڪ روح جي التجا پوري ڪرڻ لاءِ هن اندر جي اونهي ڪُنَ مان ڪڍي حقيقت جو ديدار ڪرائي. اهو انهيءَ موليٰ جو احسان آهي، اهو سائين سبب ناهيندو آهي جو پاڻ ۾ گم ٿيل کي ديدار ڪرائي اهو درياءُ پار ڪرائي.

ٻانهي جي اندر ۾ نفس جي هڪڙي خواهش هوندي آهي. ٻيو موليٰ وري روح جي خواهش مطابق عشق ڏيندو آهي. پاڻ عاشق کي تصور اندر ۾ ڏئي ۽ پاڻ ئي انهيءَ اُونهي سَمُنڊَ مان ديدار ڪرائي ٻاهر ڪندو آهي. تنهن واحد جو انصاف آهي جو ٻنهي جون مرادون پوريون ٿو ڪري.

ٻانهي جي اندر ۾ هڪڙي نفساني خواهش هوندي آهي، موليٰ وري روح جي خواهش مطابق عشق ڏيندو آهي ۽ انهيءَ کي فراق ڏئي اکيون ٻوٽائي پاڻ ۾ ڳولهائيندو آهي ۽ پاڻ پنهنجو ديدار ڪرائي ڪنڌيءَ تي نيندو آهي. جيڪي عشق ۾ چريا ٿيا يا اجا پوئتي هٿا، سي سڀ ڊوئي اڇي هڪ هنڌ گڏ ڪري، ديدار ڪرايائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٩)

هِڪِي ٻانِهي چِتَ ۾، ٻِي ڪَري جوڙَ جَبارُ،
ڪَڍِي اُونهي ڪُنَ مان، اِيُ آگي جو آڌارُ،
جهازُ جوهَرِن جو، تَنهِن کي پِئُو نہ ڏِئي پَتارُ،
نَنديا وڏا مَڪُڙا، سَڀُ پَسَندا پارُ،
جيڏانهن مُنهن مَديني جو، سُجهي محمّد موچارُ،
سَپاجهو سَتارُ، سُتَرِ سَيئي ڪري.

## داستان ٽيون

(١)

ڪُوها ڪَالَهہ ڪَٽي، اَنَ وِڏا اُتَرَ آسِري،
الا، جهَري ۾ اَنَ جِي، اَولَي جي آٽي،
وَٽِجارَنِ وَٽي، وڪر وڏو ٻيڙئين.

(٢)

وڪَرُ سو وِهاءِ، جو پَئي پُراڻو نہ ٿِئي،
ويچِيندي وِلايَتَ ۾، ڏَرو ٿِئي نہ ضاءِ،
سا ڪا هَڙَ هَلاءِ، آڳهہ جَنهَن جي اُبهِين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪڙي ٻانهي کي نفس جي خواهش هوندي آهي. ٻي الله روح جي خواهش پوري ڪرڻ لاءِ عشق ڏيندو آهي. عشق وارو اکيون ٻوٽي صفاتي محبوب جو تصور اندر ۾ پچائيندو آهي، سو آڳي جي آڏار يا آسري اندر اونهي ڪُنَ مان نڪرندو آهي، جيڪي روئي محبوب کي اندر ۾ ڳوليندا آهن، انهن کي موليٰ ڪوبہ خوف نہ ڏيندو آهي. انهن جا وڏا ننڍا ٻيڙا هلي پار ديدار ڪندا، ڇو تہ انهن جو منهن محبوب محمّد ڏي هوندو آهي ۽ هو اندر مديني ۾ آهن. مهربان ٻاجهارو موليٰ سڀيئي انهيءَ تڙ تي پهچائيندو.

عاشق پنهن جون نظرون صفاتي محبوب جي تصور ۾ ٽڪايون تہ مونکي روئڻ ايندو، انهيءَ اميد تي روئڻ جي عبادت تي موليٰ راضي ٿيندو ۽ مون کي ديدار ڪرائيندو. موليٰ جيڪو پنهن جي ٻيڙي ورائي آيو، تنهن جي ديدار لاءِ انهيءَ کي نقصان نہ ٿئي. عاشق محبوب جو تصور وارو وکر سر جو سودو ڪري اڪين جي ٻيڙي ۾ آندو آهي.

عشق مجاز کان حقيقت تائين اهڙي شئي آهي جو (مُوتُو قِبلَل) ڪرائيندو آهي جو مري وڃڻ ڪانپوءِ بہ سلامت هوندو آهي. قيامت ۾ ربّ جي اڳيان بہ ثابت قدم هوندو، تنهن ڪري تون عشق جي رهبري وٺ تہ اڳتي بہ تنهن جو ڇوٽڪارو ٿيندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٣)

اوَرِيـائـين آئِين مـــيـــڙِيـو مُعَلَمَ خَبـــرُون،
سَا ڪَا سُدِ نـہ ڏِيَنِ، جِتي وَهہ ويَڏ ڪَري.

(۴)

ٻيڙِي تُنهن جي ٻاجَهہ، وکَرُ تَنهَن وِصالَ جو،
ڪـوها، اولا، تـو ڪَيـا، سَبُ سُونـهـارا سـاج،
اُتِ ڪـا مُعِلَمَنِ حـاجَ، جِتِ پُورِنُ وارو پاڻَهين.

(۵)

ٻـــيـــڙي پُراڻـــي، وکَرُ پـــاءِ مَ وِتَرو،
تَري ۾ تُنَ پـــيـــا، پـــاسَنِئُون پـــاڻِي،
هيءَ هَڏِ وِهاڻِي، کَڙُهہ ڪـالـهـوڻِي ڏِينهَن ڪي

(٦)

تَري تُنَ پِيـــاسِ، پـــاسَنَئـــوُن پـــاڻِي وَهِي،
ڪـــوهـو جهرَ جهنـو تِيـو، لاچُو سَبِ لَڙِيـاسِ،
جَيـلاهُن سَدَرُ سُڪـاڻِيـاسِ، وَهي تـي وَهہ سـامُهِين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علم وارا پنهنجي عقل سان دنيا ۾ سنو تي هلڻ جون خبرون ٿا ٻڌائين. الله واري خيال کان اوري آهن، اها سڌ نٿا ڏين، جتي هن جهان جو وجي انت ٿيو.

عاشق جون اکيون ٻاجهه واري ٻيڙي آهي جنهن ۾ صفاتي محبوب جي تصور جو وکر ڪري ٻيڙيءَ ۾ وجهي اکيون ٻوٽي تصور ۾ حقيقي محبوب جي ڏسڻ لاءِ ڪوهي وانگر نهار. اهي سڀ ارادا اميدوار آهن. جتي موليٰ پاڻ عاشق کي اکيون ٻوٽائي ۽ ميلو ڪرائي اتي معلمن جي جاءِ ناهي. علم وارن کي خبر ناهي.

اي عاشق اها اکين واري ٻيڙي تمام پراڻي آهي. هن ۾ عشق جو فڪر ۽ فراق جو گهڻو بار نه وجهينس. هن کي روئڻ جي عادت آهي. سُمَهڻ، وهڻ سان پيون روئنديون آهن. جو جڻ ته ڪو تري ۾ تنگ ٿيو اٿس. جو سمهڻ سان به پاسن مان پاڻي ٿو وهيس، هيءَ اڄ جي ڳالهه نه آهي (اَلستَ) کان وٺي انهن اکين جو اهو ڪم آهي.

عاشق کي روئڻ تمام گهڻو ٿي ويو. جنهن ڪري اکين ۾ گهٽي پاڻيءَ ڪري نظر به گهٽجي وئي اٿس. ٻاهون به ڳوڙها اَگهي اُگهي ٿڪجي هيٺ ٿي ويون اٿس. مگر تصَوَرَ صحيح سلامت سڙهه جو ڪم ٿو ڏئيس. تڏهن حقيقت جي سامهون پئي ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٧)

وينـــو تُنَ تُنـيَسِ، مُک ڏِيـهــاڙي مَڪُڙي،
سنبـاهي سَيَدُ چَئي، مَتي نِينَدؤَ نئـينسِ،
وَتــائــي وَڏانــدَرا، لاچو لــڳائيــنــس،
آخِرِ اُهرائينسِ، تہ جوکو تِئي نہ جهازَ کي.

(٨)

تُنَ تُنـيـنـدو آءُ، مکِ ڏِيـهــاڙي مَڪــڙِي،
ســانـبـاهي سَمـونـڊ جي، مَنا مُورُ مَ لاهہِ،
اَجُ کِ سَنجِهہ صُباحِ، اُهرَندِي آتانگَ تَڙِين.

(٩)

اَچي ســو ڏِنـوءِ، جو کَپَرُ، ســو کَنَنِ سِين،
سُتـي لَوکَ لَطيفُ چَئي، يـادِ نہ زَرو کَيـوءِ،
غافِلُ تِي غورابَ کــي، اَوڙاهــ تــي آنــدوءِ،
سو چِتَرُ چوهِي کان رکِينِ، جو پيو پُراڻو پوءِ،
جَهــازُ ضــعِيــفَنِ جو، پــاڻــيءَ ۾ پَرِتــوءِ،
سَيَدَ ســاتَ سَندوءِ، پُرِ بَنـدر پَهــچُائيــينَ.

(١٠)

جُتـــو وَانءُ جَهـــازَ، گَڏيــو غُرابَنِ سِين،
پُورِيــنــدي هُنَ پـارَ ڏي، سَڏَرَ ڪَنِجَ ســازَ،
اَچَنِ تــا آوازَ، ســيـتــاڻي ســمــونـدَ جا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي عاشق ڪوشش ڪري رئڻ کي روڪ ۽ اکين کي اگهي صاف ڪري تيار ڪري پوءِ اکيون ہوتي اندر اونهي سمنڊ تي وڃي وجينس، وري ڦيرائي ڦيرائي پاڻهن هٿن سان اکيون صاف ڪر، پوءِ ڏڪائي ٻيڙيءَ کي هلاءِ تہ ڪوبہ نقصان نہ ٿيندو.

اي عاشق روئڻ کي روڪيندو آءُ، اکين کي اُگهندي تيار ڪري اکيون ہوتي اندر جي سمنڊ تي اَچُ ۽ اُميد نہ لاهہ تہ اڄ يا سڀاڻي ڏڪرائي وڏي سمنڊ مان تڙ تي پهچندين. يعني تنهن جو حقيقي محبوب سان ميلو ٿيندو.

اي عاشق تو ذاتي محبوب جو ديدار ڪيو تہ محبوب جون اکيون پاڻيءَ سان ڀريل هيون. اهڙي محبوب کي لطيف تو چئي تہ، لوڪ ستي سڄي رات تو ياد نہ ڪيو. بيخبريءَ ۾ اکيون ہوتي وڏي اونهي سمنڊ تي پهتين. صفاتي محبوب جي صورت تو وٽ جيڪا گهٽي وقت ڪان آهي، فراق جي ڇوهہ يا زور مهل انهيءَ صورت کي آڏو رک ۽ پوءِ اهو پاڻيءَ ۾ ٻيڙو مولٰي جي حوالي ڪر، سيد تو چوي تہ مولٰي هي ساڻ انهيءَ محبوب وٽ پهچاءِ، جن جون اکيون پاڻيءَ سان ڀريل هيون.

اي عاشق تون صفاتي محبوب جي صورت جي تصور سان گڏيو وڃ، جو انهيءَ مان حقيقي محبوب ڏي هلڻ لاءِ توکي سڀ سامان يا عبادت سچي مضبوط دل سان ڪرڻي پوندي. ڇو تہ حقيقي محبوب ڏي هلڻ لاءِ اونهي سمنڊ اندر تڪليفن جون گهٽيون خبرون ٿيون ملن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١١)

دَنگي وِچ دَرِياءَ، ڪي ٻَڌي ڪِي اُڀِڙي،
هُو جي وادِي واٽِيا، سي سُونهَڻَ سَڀُ سَرِيا،
مُعَلِمَ ماڳِ نہَ اِڳِيين، ڦِلنگي مَنجهِہ ڦِريا،
مَلاح تَنهُنجي مَڪِڙي، اَچي چورُ چَڙِهيا،
جتي ڍِينگ ڍِريا، تِتي تارِي تنهنجِي.

(١٢)

دَنگيءَ ۾ داٽا، وَني وِجهُہ وکَرَ جا،
وِيرِ وِڙَهندَئي ويسِرا، وِيهُہ مَ وِيڳاٽا،
هيءَ نِندِ نہَ ڄاٽا، ڪَڏَهِن هَٽندِئي تارِ ۾.

(١٣)

وکَرُ وَڻجارا، پاڻَ پَرائُو چاڙِهيو،
اَچي لَهَرِيُون لڳيون، ٻيڙِيءَ ٻَپارا،
جاڳو جي يارا، تہ تَرِ تَوائِي نہَ ٿِئي.

(١٤)

ٻيڙِياتا! ٻيئي، تو نہَ ڦَٻنديُون ڳالَهڙِيُون،
سَچُون راتِيرن سُمَهِين، پَرِ سُڪانُ ڏيئي،
صُباحَ سَيئِي، پارِ پُڄندِئي خَبرون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۱۵)

وَهــَ تِک وَهُڪِرا، جِت نَنــگَر نــَ تَهَرَنِ،
وَڏاندُرِيوُن، وَهَہ سامُهون، جَجهي زورَ جُنبَنِ،
نيـــديوءَ ۾ نــاتــارِيُون، وَٽِجارا وِجهَن،
مُدد مُعَلِمَنِ، مـــون ڳَرِي سُئِي ڳالَهـــڙي.

(۱٦)

وَٽِجارا، ويـنـي، تـو نَہ سَرَنـدي شـاهَہ رِيءَ،
مک پَنــهَنـجِي مَڪِڙي، چڳي ڪَرِ چَيــنـي،
پـاسـا پـاڪـڙِيُنِ جا، سَمُنـدُ تـو سَيـڪـيَ،
جي لنـدا ۾ لـيـڪَي، وِيـرِ وِڙَهَنـدِي تَنِ سِين.

(۱۷)

نــاڪُئــو نِگَهَبـــانُ، مُعَلِمُ مُجي خَبِرُون،
جَني سارَي ڪَنيون سَمُندَ تي، سَفَرَ جو سامانُ،
لُطَفُ سانُ لَطِيفُ چَئِي، تَنِ لنگِهـيو طوفانُ،
سَنـيـارِي صُبُحــانُ، وَجي عــادِنَئُون اَڪَتــا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حقيقي محبوب ڏي هلڻ سان عشق جو هڪڙو اهڙو تيز وهڪرو ايندو آهي جو ڪاٻہ عشق جي ٻيڙي ٻيهي نہ سگهندي آهي ۽ وڏا پهتل عاشق بہ انهيءَ وهڪري مان مشڪل سان سامهون ويندا آهن. انهيءَ سمنڊ ۾ عاشق صفاتي محبوب جو تصور ڪندا آهن. اڳين عاشقن علم وارن ڪان معلوم ٿيو آهي تہ انهيءَ ۾ ڪاميابي نہ ٿي تہ جنم ويندو.

ي عاشق تنهن جي حقيقي محبوب ڪانسواءِ نہ سرندي، تنهن ڪري محبت ڪر، ويهي نہ رَهُہ. تون پنهنجون اکڙيون ڳوڙهن سان ڌوئي صاف ڪر ڇو تہ اندر سمنڊ ۾ اکين جي ٻيڙي کي ـڪر ۽ فراق سان منهن ڏيڻو آهي. جيڪي عشق جي منزل ۾ ـدخيال پورا نہ اچن. اندر سمنڊ ۾ عشق جو امارو انهن سان ـقابلو ڪندو.

ـشق جي سفر ۾ ٻيڙي توڪل تقوا سان حقيقي محبوب جي ـگهبانيءَ ۾ هلندي آهي. علم وارا انهيءَ جي ڏک، سک جو حوال ٻڌائيندا آهن. جن عشق جي سفر ۾ تصور ڪري فڪر ـراق سان هليا. لطيف ٿو چوي تہ اهي محبوب جي رحم ڪرم ـان اهو عشق جو طوفان پار ڪري ويا. پنهن جي حقيقي ـحبوب کي ياد ڪندا. مُوٽو قبلَل ڪري جنات عَدَنِ وڃي پهتا. ـقيقي محبوب جو ديدار ڪيائون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٨)

بَنــدَرَ جان پَئِي، تــہ سُڪــاٽيـــا مَ سُمَهـــو،
ڪَپَرُ تـو ڪَنَ ڪَري، جِيئَن ماتِيءَ مَنجهہ مَهي،
اَيـــڏو سُورُ سَهِي، نـــنـدَ نـہ ڪَجي نـــاڪَئـــا.

(١٩)

سُتــــــــــا سَبُ پَئـــــي، سَنـــــدي مُعَلِمَ آسِري،
اَوَهِين پُڻُ سُمـــــهـــو نَاڪَئـــا، بَنـدَرِ نـاهِ پَئــــي،
جن جي سَيَدَ لَڄَ ڪنئي، سي سڀ لنگهيندا لڪيون.

## داستان چوٿون

(١)

سَيئـي سَئِينءَ ڪَرِين، ڪو مَ مُنجهائِين واٽَ،
ســپـــريـان جي ســاٽ، لائـو لڳو مـيــڙئـين.

(٢)

سَيَئـــي صُبُحــــــانَ جي، ڪَرِ حَوالـــي ڪَمَ،
تـــيءُ تَحَقيــق تَســلــيــمَ ۾، لاهِي غَمَ وَهَمَ،
قــادِرُ سَانُ ڪَرَمَ، حــاصُل ڪَري حـاجَتــون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميلاپ لاءِ توهان جڏهن انهيءَ مجازي صورت تي پهتا آهيو، جتي محبوب حقيقيءَ جو ديدار ٿيڻو آهي ته غفلت ۾ نه رهو. آرام نه ڪر، ڇو ته تنهن جي اندر ۾ ميلاپ لاءِ فراق ۾ روئڻ اندر ۾ مانداڻ مچايو آهي. جاڻ ته ڳوڙها ٻاهر نڪرن. اهو اندر جو سور توکي ننڊ ڪرڻ نه ڏيندو. مگر تون هوشيار رَهه.

محبوب حقيقيءَ جي رحمت ۾ اميد سمجهي، صفاتي محبوب جو تصور ڪري اکيون ٻوٽي ويٺا. عاشق مجازيءَ جي صورت جي بندر تي ڪوبه خوف نه آهي، جڏهن محبوب مهربان ٿيندو ته موتوا قبل ٿي ويندي.

مولئي سڀ انسان جي واٽ سڌي ڪر، عشق جي راهه ۾ گمراهه نه ڪرين. محبوب جي ملڻ وارا عيدار، گنهگار سيني جو ميلو ٿئي.

عشق جو سفر جيڪو حقيقي محبوب ڏي هلڻ جو ارادو هوندو آهي، اهو سفر محبوب جي مدد ڪانسواءِ نه ٿيندو، ڇو ته اڳ ۾ انهيءَ جي هيڪڙائيءَ کي قبول ڪري. انهيءَ ۾ ڪوبه گمان نه هجي ۽ انهيءَ ڪانسواءِ ٻئي جي مدد جو انتظار نه هجي، ته پوءِ محبوب پنهنجي رحم ڪرم سان توکي ديدار ڪرائيندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٣)

چڱن سانڍ چڱائِيون، اِئَين سِيکو هوءِ،
تو جِيئن ڪَري نہ ڪوءِ، ٻُجَنِ سانڍ ٻَلائِيون.

(٤)

چڱا ڪن چڱايون، متايون مَتَنِ،
جو وڙ جڙي جن سين، سو وڙ سيئي ڪَنِ.

(٥)

مَيَنِ مَتي سَمَرا، ڪُهيَنِ سَڌِ ڪَرِينِ،
ساٿُ نِباهِيو نِينِ، اِيَ پَرِ، سَندي سَجَڻِينِ.

(٦)

وِتُ وِليمي جو جَي لَهِين، پِي ڪارِ نہ ڪَرِين ڪا،
سا پَرُ وڙج ڳالَهڙِي، وَڻجارَنِ وَتا،
موتِي جَنِ هَٿا، آندَئِي گهٽي اَدَبَ سِينِ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڱن ڪمن وارن سان هرڪو چڱائي ڪندو آهي. پر مولٰي اهڙو مهربان آهي جو ڪهڙي بہ رنگ نسل جو هجي يا گنهگار هجي تہ مولٰي انهيءَ سان پنهن جو ڪرم ڪندو آهي.

ڀلائي ڪرڻ وارو سڀ ڪنهن سان ڀلائي ڪندو، ظالم سدائين ظلم ڪندو رهندو. سڀ انسان جي پنهنجي فطرت آهي، جهڙي خيال جو هوندو، ڪم بہ اهڙو ڪندو.

ڪي عاشق پنهنجي نفس کي ماري محبوب جي ملڻ لاءِ عبادت رياضت ڪندا آهن. پر ڪي عاشق سڪ ۾ ويٺا هوندا آهن، ڪابہ رياضت عبادت ڪري نہ سگهندا آهن. محبوب اهڙو مهربان آهي جو سين ڪي سڏي سڄو ساٿ گڏ ڪري پاڻ سان وٺي ويندو آهي.

اي عاشق تون جڏهن پنهنجي محبوب جي سڪ ۾ روئندو آهين تہ محبوب بہ تنهن جي سڪ وفاداري ڏسي، رئندو آهي ۽ پنهن جي وفاداريءَ جو اظهار ڪندو آهي. اها ڳالهہ وڏيڪ انهن عاشقن مان پڌري ٿيندي، جيڪي روئي پنهنجي محبوب سان سودو ڪندا آهن. ۽ محبوب جي روئڻ وارا موتي گهٽي ادب سان آٽيندا آهن، اهي عاشق وڏي ادب وارا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٧)

اَمُلَ آچ مَ اَنَ ڪــــي، جي نـــــَ پَرُوڙنِ مَٿِ،
جِتِ گڏجِيئـــــي جوهَرِي، تِتـــــــهِه مَٿِ،
جَنِين سـونَ سِين سَٿِ، تَنِ هَٽِي رِيَ رَدِ ڪَيـو.

(٨)

ســـــونـــا وَانءُ صَرافَ سِين، لَڌو لاهِه مَ لَڌِ،
سودو سوئي پِڌِ، جَنهِن ۾ جَواهِرُ ناهِه ڪِي.

(٩)

ســـونـا وَانءُ صــراف ســين، لَڌو هَڌِ مَ لاهِه،
آهـي تـن اونـداهـه، جن جواهـر ضـايـع ڪـيـا.

(١٠)

جَ صَرافَنِ لَڌِيـــو، تـــَ تُون پُڻُ لَڌِجِ ســــونَ،
قدر لـهندئي ڪونـه، نيئي گڏيندئي گڏونءَ سين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي عاشق تون محبوب ڪانسواءِ ٻئي جي اڳيان نہ روءُ، ڇو تہ هو اها محبت نٿو چاهي جو پاڻ بہ روئي. اهو سودو پنهنجي محبوب سان، جاتي گڏجي انهيءَ سان ڪَرِ. ڇو تہ هو سچائيءَ کي پرکڻ وارو آهي. تن ڪوڙن کي پري ڪري ڇڏيندو آهي.

اي سچا عاشق تون پنهنجي محبوب وٽ وڃ جو هو تنهنجي وفاداريءَ کي چاهي ٿو. ٻئي هنڌ آسرو نہ ڪَرِ. ٻئي ڪنهن سان محبت نہ ڪر، نہ ڪنهن لاءِ روءُ، صرف پنهنجي محبوب جي لاءِ روءُ، ڇو تہ هو بہ تنهنجي لاءِ روئندو آهي.

سچا عاشق تون پنهنجي محبوب سان وڃ، ٻئي هنڌ پيار نہ ڪر نہ ڀروسو ڪر. انهن وٽ ڪوبہ فيض نہ آهي، جن محبوب کي نہ سڃاتو ۽ ٻين اڳيان ڳوڙها وهائي ويٺا.

جي تنهنجي چاهڻ وارو هليو ويو تہ عاشق تون بہ نہ رهہ، ڇو تہ تنهن جي پيار جو قدر ڪوئي نہ ڪندو. توکي بيڪار سمجهندي، گنهگارن سان گڏي ڇڏيندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١١)

اَڳِهيو ڪائو ڪَچُ، ماڻِڪَنِ موٽَ ٿِي،
پَلَئـِـءِ پايو سَچُ، آڇيندي لَڄَ مَران.

(١٢)

وِيا سي وِينجهارَ، هِيرو لَعلُ وِنڌن جي،
تَنِينِ سَنڌا پويان، سيهي لَهَنِ نـ سارَ،
ڪُٽِنِ ڪَٽُ لُهارَ، هاڻِي اُنين پِيٽيِنِ.

(١٣)

وَڃِنِ نـ وينجهارَ، پاڻِيَٽَ جي پَرِڪَّا،
ڪَنيَرُ پايو اکِينِ، لَهَنِ سَبِ ڪَنهَن سارَ،
موتِيءَ جي مَزاجَ جو، قَدُرُ مَنجِهـ ڪِنارَ،
صَرافَنِئونُ ڏارَ، ماڻِڪَ مُلاحِظ ٿِئي.

(١٤)

تا صَرافَ سُڄَنِ، پاڻُ ڪوٺائِنِ جوهَرِي،
ماڻِڪَ ڪَري مُٽِ ۾، وَانءُ وَنـي وُٽِ تَنِ،
سَنڌُسِ ئـي سَيَد چَئـي، ڪَهِڙو قَدُرُ ڪَنِ،
پاڻِيَٽُ ئي پَرِکَنِ، ڪِ ڪَئَنچلُ گَڏِنِ ڪَچَ سِين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عام حسن کي لنگ ٽوڙي ڪچو ڪاٺو سمجهيو. سچي عشق ۾ روئڻ کي اهميت نہ ڏنائون، جنهن ڪري مجاز کي حق ڏي ملڻ جو رستو پڌائڻ ۾ شرم ٿو اچي.

اهي عاشق جيڪي پنهنجي محبوب جو قدر ڪندا هئا. انهيءَ مان حقيقت جو پنڌ ڳوليندا هئا ۽ حق سان ملي درويش، فقير ٿيا. هاڻي انهن جا پويان انهيءَ هيري لعل کي سيهو بہ نٿا سمجهن. انهن حسن وارن کي لوهہ سمجهي ساڳي ئي جاءِ تي نوڪر سمجهي انهن کان پيا ڪم ڪرائين.

اهو حسن وارو محبوب شل نہ وڃي، ڪنهن کي پنهن جي عاشق جي روئڻ جو قدر هوندو آهي. انهن جي عيوض پير ٿيا، جيڪي محبوب واري عينڪ پائي هر مريد جي سچائي پيا ڏسن تہ منهنجو سچو عاشق ڪهڙو مريد آهي. عاشق جي ڳوڙهي کي صرف معشوق ڪٽي ٻاهرِئون ئي پرکيندو آهي. سچاڻ واري ڪانسواءِ تہ انهيءَ موتيءَ کي بہ ڊپ ٿيندو آهي، جيڪو عاشق جي اکين مان سڪ پيار سان ايندو آهي.

اهڙا انسان موجود آهن، جيڪي ظاهر زُهدَ عبادت وارا پير پاڻ کي انسان جي پرکڻ وارو ڪوٺائيندا آهن. تون انهن وٽ وڃي روئي انهن جي قدمن تي پءُ. تہ توکي خبر پوندي تہ هو توکي سڃاڻن ٿا، يا عام مريدن سان توکي ڳڏن ٿا. سچي ۽ ڪوڙي جي خبر پوندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٥)

اُمَلُ، اَسـاري پئـي، يَورِي ٻِڳُءِ جِتِ،
ڪُهُه نـه رُتئي تِتِ، ٻئي اڏ هٿ ڪري.

(١٦)

اَمَلُ اَسـاري پَئي، يَورِي، ٻِڳُءِ جِيئن،
واَنءُ صرافن سينءَ، ٻئي اڏ هٿ ڪري.

(١٧)

مـاڻِڪُ مُنڌَ هَٿـا، پيـتـيءَ ۾ پُرِزا ٿِيـو،
سَچو تـان سَيَد چَئـي، لَهـي لَڪُ سَوا،
ٻِڳي پُجاڻـا، پَڍِ مـان ئِي پَرِي ٿِيـو.

(١٨)

جِتي مـاڻِڪَ مـاڳُ، تِتي چوران تَڪِيو،
سـونِ تَنِ سَيـاڳُ، اَمَلُ جَنِ اَوبـاهِيـو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عشق مجازي جنهن محبوب کان اچي ٿو. اها حق جي صورت آهي، جيڪو بيوقوف هن کي نفس جي صورت سمجهي نفس جي ڪم لائي ٿو، ته هن کي به اڏ ڪري ٿو. روح کي، نفس سمجهي ٿو. تنهن تي فقير ٿو انهيءَ کي چئي، تون ٻئي اڏ هٿ ۾ ڪري روئي نه وينين، افسوس ڪري توبهه تائب ٿيءُ.

محبوب جي صورت کان مجاز جو عشق ٿو اچي. جيڪو حقيقت سان ملائيندو آهي. انهيءَ امل کي بيوقوف ڪيئن به اڏ ڪيئي. اهو روح ۾ نفس ڏار ڪري نفسي خواهش پوري ڪرڻ لاءِ ائين ڪيئي. هاڻي ٻئي اڏ هٿ ۾ ڪري، ڪنهن فقير وٽ وڃ ۽ توبهه تائب ٿيءُ، ته من اهو امل توکي سچو ڪري ڏئي.

جڏهن عاشق پنهنجي محبوب صفاتي جو تصور ڪري، پنهنجي اندر ۾ فڪر فراق سان مُوٺو قِبلَلُ ڪري حقيقي محبوب کي ڏسندو آهي. پيتائي شهنشاهه انهيءَ جي ڳالهه ٿو ڪري ته صفاتي محبوب لک سوا لهي ٿو، مگر جڏهن اهو ماٽڪ حقيقي صورت اختيار ڪندو آهي يعني ٻيو حصو هن جو بي بها آهي جو پدمن کان به گهڻو ملهائتو آهي.

جتي حقيقي محبوب ملندو آهي، انهيءَ حسن جا دشمن به گهڻا هوندا آهن. تنهن ڪري قرآن پاڪ ۾ فرمان آهي ته: (وَمَنِ عَرَفَ نَفِسَه فَقَدِ عَرَفَ رَبَه معنيٰ جن پنهنجو نفس سڃاتو، تن پنهنجو ربُ سڃاتو)، تڏهن ڀٽائي شهنشاهه چيو ته انهيءَ جو اهو سنو نصيب آهي جو آخر تائين پنهنجي محبوب کي حق جي صورت سمجهندا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٩)

چورُ اُيـو اِيـئَن چوءِ، تـہَ آءُ اُهـوئِي آهـيـان،
جي آسي اکين هوءِ، تہَ لِکـي کي کـونہ لَهي.

## داستان پنجون

(١)

مُون تـي چِيَئِي کـانـدَ، پِنِي يـاڙِ مر مَکُڙِي،
سِڙَهہ پُراڻان پاندَ، لَهَرِيُون صحيح لِکَنديون.

(٢)

لَهَرنِ ليکو ناهہِ کو، جتِ کِپَر کُنَ کارا،
آچارا عـــمـــيـــق جا، اچنَ اوپـــارا،
اُتـي آســارا، ويـر وڙهـنـدئـي ويـسـرا.

(٣)

وِيـر وِڙَهـنـدَئـي وَيـسِرا، اُتِي تَوهـہُ طَلَبِ،
سـائِرَ کَنهِن سَبَبِ، کـالَهـہ نـہَ وِڏءِ کُنَ ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نفس خوديءَ ۾ هَٺَ وارو ايئن ٿو چوي تہ مان اهو آهيان جنهن رَبَ جو بہ چوڻ نہ ورتو هئو ۽ آدم کي سجدو نہ ڪيو هو. تڏهن چوي ٿو تہ توهان کي جيڪڏهن اَسي اکيون هجن تہ بہ مونکي لهي نٿا سگهو، تہ مان ڪٿي ٿو رهان.

اي حقيقي محبوب سائين توهان انهيءَ عاشق تي اعتبار نہ ڪيو، ڇو تہ انهيءَ جو عشق سچو نٿو لڳي. هيءَ عاشق تصور بہ سهي نٿو رکي، اڌورو ٿو ڪري، جڏهن فراق ايندو بہ ضرور تہ هي گمراهہ ٿي ويندو.

اي عاشق عشق جي سمنڊ جون لهريون تمام گهڻيون ايندئي. تنهن جي اکين ۾ ڳوڙها بہ نٿا اچن ۽ تصور تي بہ اونداهہ لڳو پيو آهي. اونهي سمنڊ مان ابتا ڪُنَ ڦاٽندا آهن. تون اَسُرَ جو اٿ هوشيار ٿي، وير عشق جي جڏهن ايندي تہ تون غافل نہ رهہ.

اي عاشق عشق جي وير توتي امارو ڪندي، تون اٿي پنهن جي محبوب جي سڪ وڏاءِ، يادگيري ڪر. تون ڪنهن نموني اندر جي درياءَ مان ڪالهہ ئي روئڻ شروع ڪرين ها.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۴)

ڪالَهہ وِڏائِين ڪُنَ ۾، جاڏا جُنگ جَهازَ،
تُنــهــنــجي اَجُ تَرازَ، آهــي آر اڪِينِ ۾.

(۵)

آهــي آرَ اڪــينِ ۾، نــاڪُئــا ڪَرِ نِگــاهــہَ،
وڏا ٻــيــڙا ٻــوڙيــا ســائِرَ ڏيــئــي ســاهــہ،
مُلاحِظو مَلاحَ، ڪَجِ ڪو اِنــهيءَ ڪُنَ جو.

(٦)

مَلاحِظــو مَهـــراڻَ جو، مُورُمَ لاءِ مَنــاءُ،
ساموندي سَنيالِ ڪِينَ! سُمَهَڻَ آئيي ساءُ،
جاڳِي جَرَ مَتــاءُ، تــاري وَنــئُن تَرازَ ڪــي.

(٧)

تاري ونئن تَرازَ ڪي، منجهان موجَ مَلاحَ،
دانُهون ڪَنِ دَرياه جُون، اُونهي جا آگاهہَ،
سونهَنِ جي صَلاحَ، وَٽُ تہَ وِيرَ لنگهي وَڃِين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي عاشق جيڪڏهن تو ڪالهہ پنهنجي محبوب جو تصور اکين ۾ وجهي روئڻ شروع ڪيو تہ اج تنهنجي ٻيڙي يا جهاز جو وارو آهي، محبوب جو ارادو تنهن جي اکين ۾ اچڻ جو آهي.

محبوب مهر جي نظر ڪري اکين ۾ اچڻ جو ارادو ڪيو آهي، نہ تہ عشق جي سمنڊ وڏن عاشقن جا ٻيڙا ساهہ ڪڍڻ سان ٻُڏي ٻوڙي ڇڏيا. محبوب تون منهن جي روئڻ جو قدر ڪجانءِ نہ تہ عشق جو امارو منهن جي اکين جي ٻيڙيءَ کي غرق ڪندو.

اي عاشق تون روئڻ وارو خيال ڪڏهن بہ نہ گهٽائجان. عشق جي سمنڊ وارا تون هوشيار رهہ. توکي آرام يا غفلت ۾ رهڻ کهڙو مزو ڏنو آهي، تون انهيءَ ٻاٽيءَ مٿان هوشيار رَهہَ، جو اوچتو اهڙو عشق جو ڇُو هو واءُ ايندو جيڪو تنهن جي اکين جي ٻيڙيءَ کي تاري ويندو.

اي محبوب هن عشق جي درياءَ جي موج مان منهنجي اکين جي ٻيڙيءَ کي تاري وڃ. ڇو تہ جيڪي هن عشق جي اُونَهِنِ رازن جا واقف آهن، سي ٻاڏائيندا ويا آهن. انهن کان مشورو وٺي عشق جي اماري مان پار ٿي وڃڻ منهنجي لاءِ ضروري آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٨)

سُونهان سُدِيُون ڏِينِ، هِنَ ديوانِي دَرِياءَ جُون،
ڪُوڙَ اَوڏائِي ڪِينَ ڪِي، رِڳو سَچُ سَوڏَينِ،
عَجُزَ جو اَڏَ راتِ ڪــــي، وَڪُرَ وِهـــائِينِ،
ســاٿُ نِبـاهِيو نِينِ، ثابِتُ اِنَهِيءَ سِير مان.

(٩)

ثابِتُ لَنگهِيا سِيرَ، لَهَرِنِ اوڏا ڪِينَ ڪِي،
وَڃي پَهُتا پارَ ڪي، نِرِتَئُون مَنجهان نِير،
ماءِ پَهُتا مِيرَ، بارِ لنگهِيائُون باجَهه سِين.

(١٠)

تُون وَيسِيرو وِيرِ، ساٿِيُنِ سَنبَت پَندَ جِي،
جوڙِي جُنگَ جَهازَ کي، ڪوڏَ هٿائِج ڪِيرِ،
وَهــي وڻــجارَنِ جِي، بَنــدَر ڏانــهَن بِهِيرِ،
گهَرِ تَنِين جي ڪِيرِ، جَنِ لاڳيدارَ لنگهائِيا.

(١١)

قَرَ قلي، قــوتا، پارِچا، پــاٽِيَتَ پــاتــائُون،
ڪوتِيُون قيمَتَ سَندِيون، تَرَ ۾ تاڪِيائُون،
لاڄَنِ مَنجهِه لَطيفَ چئي، پَيــڙا پَڏائــون،
نَذُرُ نــبــي ڄامَ جو، چڙهنــدي چيـــائـون،
جي جُهِي جوڙِيائُون، سي پيڙا رکين باجَهه سِينِ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن عشق جي درياءَ جون اُهي خبرون ڏيندا آهن، جيڪي انهيءَ جا واقف هوندا، ڇو ته اهي رڳو سچ ڳالهائيندا آهن، ڪوڙ جي ويجهو نه آهن. هو اکيون ٻوٽي پنهنجي محبوب کي ٻاڏائيندا آهن، تڏهن پنهن جي محبوب سان پيار ڪندا انهيءَ عشق جي تيز وهڪري مان حقيقي محبوب وٽ پهچندا آهن.

اهي عاشق پنهنجي محبوب سان گڏ انهيءَ عشق جي وهڪري مان لنگهي ويا، ڏک سک جي پرواهه نه ڪيائون، پنهنجي اکين مان پاڻي هاري وڃي حقيقي محبوب وٽ پهتا. محبوب جي مهرباني سان ڪاڻي وڃي ماڳ تي پهتا.

عشق جي وير توڪان وسري وئي، تنهن جي سنگت ته پنڌ جون تياريون ڪيون آهن. تون پنهنجي محبوب سان اهڙو پيار ڪر جو هوبہ تو ۾ نظرون ڪيرن وانگر ڪپائي. عاشقن جون قطارون محبوب ڏانهن وڃن پيون، اهي مبارڪ جا حقدار ٿيا جن صفاتي محبوب سان قرباني ڏئي ان کي راضي ڪري ۽ حقيقت ڏي هلي پهتا.

عاشق پنهنجي حقيقي محبوب ڏي وڃڻ جي تياريءَ ۾ صفاتي محبوب جي صورت جو تصور جون لؤنگ ڦوٽن جي خوشبوءِ واريون اکيون تصور ۾ آڻي پنهن جي اکين ۾ ڍڪيائين. اهي اکيون قيمت واريون اندر ۾ بند ڪيائون. ڳوڙهن اگهڻ لاءِ هٿ اکين تي رکيائين. اندر واري صورت محمّد جي ٻڌايائون، پوءِ جڏهن عشق ڇوهہ ڏنو ته انهيءَ ۾ هليا ويا، اها ٻيڙي مولا جي حوالي ڪري توڪل تقوا سان پار پهچندي معنيٰ موتو قبلل انت موتو ٿيندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٢)

وچينءَ جان ويـــهـي، جَو پَلَءِ پــائِيـــان،
تَڙِ ٻيـڙا، گـهَرِ سُپَرِيـن، اوسَهُ اِيئَن پَيـئي،
جِيئَن وَڻجارو سِيِن وگرِين، سُرَها سَيئي،
حُرمَتَ سانُ حَبيبَ جي، سُونگيا نہ سيئي،
پاٽِهـئي اوءِ پيهي، ڪنڌِ، ڪيـڙائو آئيا.

## داستان ڇهون

(١)

تـانـگـهي ۾ تـاٽـي، ٻَڌ پـنـهـنـجو تَرهو،
اونـهي ۾ آٽي، ڪـونـہ ڏيندئي ڪو ٻيو.

(٢)

تـــارُو تَرئـــو وَڄَنِ، نـــــديا وَڏا واهُڙا،
هــيءَ پَرِ، آتــارُنِ، جِيـــئَـن ڳَرا مَتَنِ مُولِهــيــا.

(٣)

ڏوري لَهـــہُ، ڏاتــارُ، جِمرَ وِهــين وِيـــسِرا،
هَڪيو هوئج هُشيارُ، کِوِنڻِ کِونَدَئِي اَوچِتو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عاشق صفاتي محبوب کان حقيقيءَ محبوب ڏي هلڻ لاءِ پنهنجي اندر ۾ اکيون ٻوٽي تصور ڪري ٿو، روئڻ جي عبادت فراق سان ڪندو آهي. مگر حقيقت وارو محبوب تہ مون وٽ هوندو آهي، مان وري اجا تصور پيو ڪيان، انهيءَ ڪري وڇوڙو اچي ويو. باقي محبوب جو ديدار تہ شفا آهي، تنهن ڪري عاشق سيئي خوش ٿيندا آهن. صدقي محبوب جي پچاڻو ئي معاف هوندو آهي. تڏهن محبوب حقيقي پاڻهئي فڪر جا ڏکيا لنگهہ لنگهي اچي ديدار ڪرائيندو آهي.

اي عاشق عشق جو سفر نوجوانيءَ ۾ ڪر، لنگهہ ثابت ڪري اهو ترهو ٻڌ. پوءِ جڏهن عمر وڏي ٿيندي تڏهن هي عشق جو درياءُ بہ اونهو ٿي ويندو، پيو ڪوبہ مدد انهيءَ سفر ۾ نٿو ڪري سگهي.

هي عاشق جيڪي دنيا ترڪ ڪري پنهنجي محبوب ڏي هن ؛نيا جي درياءَ ۾ ننڍن وڏين لالچ لوڀ کان آجا ئي تري ٿا ؛جن. ٻيا جيڪي اڻ تارو ۽ پگدار عزت مانَ ڳولهڻ وارا نہ ؛جي سگهندا.

ي عاشق تون پنهنجي مهربان محبوب کي پاڻ ۾ ڳولهہ. غافل ي نہ ويهہ. هوشياري ڪر هڪ خيالو ٿي ويهي اندر ۾ تصور ڪر. محبوب ضرور نور جو تجلو ڏيکاريندئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۴)

سُتِين ڪَهڙيءَ سارَ، وِڃُ ڪَنوَندَئِي ويسِرا،
تـو جِيــڏا تَو يـارَ، لَهــرِنِ لَهَوارا ڪَيــا.

(۵)

سُتِين سَنجهــيــئــي، وِڃُ ڪِوَنـدَئِي وِيـسِرا،
وِيــرِ وَرِي وَيــئــي، اَســـارَنِ تــان اُوچِتــي.

(٦)

ڪِوڻِ ڪِنــوايــو، آيَئــي نِنــدَ اَيــــاڳَ جِي،
جَنِين نَہ ڀِوُ ڀــاَنيــو، ڪَري تَوائـي تَنِ ڪــي.

(٧)

سامُوندِي تو سَنبَهِين، ساڄو جهَل سُڪاڻُ،
لَڳِي واءُ وَڏانــدِرو، مَنـــجهـــا ئِي مَهِراڻُ،
جَنِين ڀَانيـــو پــاڻُ، ڪَري تَوائـي تَنِ ڪــي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي عاشق اھا توکي محبوب جي کھڙي سک آھي جو رڳو ستو پيو آھين. محبوب تجلو ڪري ايندئي غافل نہ ٿيءُ، تو وانگر جن آرام پسند ڪيو تن ڪي عشق جي موج ٻاھر اڇلائي ڇڏيو.

اي عاشق، تون ساجھر ئي آرامِ پيو ڪرين. محبوب بہ اوچتو تجلو ڪري ايندئي. تون غفلت ۾ پيو گذارين. جن ڪي محبوب جي يادگيري يا سار نہ ھوندي تن ڪي عشق جي اھڙي وير ايندي جو ڪين ٻوڙي ويندي.

اي عاشق! محبوب تہ تجلو ڪري آيو، مگر توکي ننڊ جي ننڊ ھئي. جن ڪي انتظار يا خوف نہ ھئو، اھي خودي ۽ غرور ۾ ھليا ويا.

اي عاشق تنھنجون اکيون جيڪي پاڻيءَ ۾ ٽيون رھن. اُھي پنھنجي حقيقي محبوب ڏي وڃن ٽيون، تنھنڪري صفاتي محبوب جو تصور مضبوط ڪر. عشق جي درياءَ جي موج طوفان وانگر ايندي. ويسرو يا غرور ڪندين تہ اھا موج توکي لوڙھي ويندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٨)

نَڪــــو سُڪُ نَڪَتِئِين، نَہ وِيــســـــاَنــدِ نَئِين،
جيــڪــا اَچَئي ســامُهــون، پــائِين ســا سَئِين،
مُوڙِي ڪَوهُ مُئِين، جِيئَن سَچِيون راتيون سُمَهين.

(٩)

اَهُڪــــي راهــَ الله جِي، اَهُڪــــي اَهُڪــــيءَ پَتِ،
هوءِ جي ڏِهائِي ڏيهَہ جا، تَنِ پُڻُ مُوڙهي مَتِ،
آچاران آ بُتَ، کِهـرِجِ گـــهــاتــي نِيــنــهَن سِين.

(١٠)

مَ ڪِي هِيـــــجَ مَ هـــــوجَ، تَرِسُ، مَ تـــــاڻِ،
چِئُو ڪَلمہ محمَد تي، تہ اِڳيان اَچَئي اوجَ،
سَهُڪي پَتِ سَبوجهَہ، تُنهنجِي مَڪي ڊُڪي مَڪِڙِي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي عاشق حقيقي محبوب سان پيار ڪرڻ ۾ ڪنهن به طرف سان نفس کي سک نه ملندو. ڇو ته محبوب جو پيار اهڙو آهي جو انهيءَ مان هڪ دم به واندڪائي نه ملندي. انهيءَ ۾ جيڪا تڪليف اچي اها محبوب جي طرف کان ڀلائي سمجهڻ آهي. باقي جي سڄي رات ننڊ ڪرين تنهن کان مري وڃ ته اهو بهتر آهي.

عشق الله وارو تمام ڏکيو آهي. ڏکيءَ کان به ڏکيو آهي، جيڪي عشق وارا عاشق حق ڏي هلڻ وارا آهن سي به ڪن هنڌن تي منجهي پيا هئا. عشق جي التي بازي آهي. اڪيون ڀونئي وڄٿو آهي، اڪيون پير ڪري هلڻو آهي، اکين کي ٻيڙي ٿاهي عشق جي سمنڊ ۾ هلڻو آهي، اها ٻڌڻ ۾ مشڪل آهي مگر گهاٽي فراق نينهن سان آسانيءَ سان هليو وڃبو.

اي عاشق هيڏي هوڏي خيال نه ڪر. تَرِسُ جهاز کي نه هلاءِ. پهريون جنهن محبوب جو تصور ڪيو اٿئي، انهيءَ کي محمّد جي صورت سمجهه ۽ اهو رب ۽ الله جي ميلاپ جو پيغام آهي. تڏهن تو ۾ ادب ايندو ۽ عشق به پنهنجي موجب ۾ ايندو. ۽ آسانيءَ سان تنهنجي ٻيڙي ربَ جي طرف هلندي رهندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١١)

تَنَ ۾ تَرازَ توھہَ جِي، گھٽُو لَھہُ گھورِي،
آبَ ۾ اِخِلاصَ جا، سِڙَھہ ٻَڌج سوري،
وکَرَ وِڻَتين جو، تَنھِن ۾ پاءِ توري،
تہ عادَنِئَون آوري، تُنھِنجو تَوائِي نَہ ٿِئي.

(١٢)

توٽي توائي، توءِ تنھنجو آسرو،
سجڻ ڳرلائي، ڪِيرون ڏيندس جيڏيين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي عاشق تون پنهنجي اکين جي پيڙيءَ کي حق ڏي هلڻ لاءِ ٻين خيالن کان بچائي وڏي پيار سک سان روئي صفاتي محبوب جو تصور جو ترهو ٻڌي نياز نِوڙتَ جو وکر وجهي هلائينس تہ حقيقي محبوب، جيکو جڏت عدوٌ آهي انهيءَ کان اڳ ۾ ٻئي پاسي نہ وڃي.

جيڪڏهن ٻلجي وڃان يا گمراهہ آهيان، مگر محبوب تنهنجو سهارو نہ ڇڏيندس. جيڪڏهن پرين مونکي پنهنجو ڪندو تہ هڪ جيڏيون مبارڪون ڏيندس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سر سامونڊي

## داستان پهريون

(١)

پڳهہ پاسِي گهارِ، آيَل، سامونڊين جي،
وِجهي جِيءُ جَنجارِ، جِمَ وَڃَنِئي اَوهِري.

(٢)

پڳهہ پاسي پَچَ، آيل، سامُونڊِيَنِ جي،
مَنَ ۾ ٻاري مَچُ، جِمَ وَڃَنِئي اَوهِري.

(٣)

پڳهہ پاسي وِيهُه، آيَلِ، سامُونڊين جي،
ٽُون وَيسَرِي وِکَ ڪَئِين، هُو پُوريندا پَرَڏيهہِ،
سَمُنڊُ جَنِ ساٿيهہَ، ڪوهُہ نہ وَئِيَن تَنِ سِين.

(٤)

جي اِيندين تہ آءُ، هَٿي هَٿُ پڳهہ ۾،
لَڳِي واءُ سُواءُ، سِڙهہُ سَنِيائي نہ سَهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي روئڻ وارا عاشق آهن تون انهن سان رهي محبوب جو تصور ڪر. اهي عاشق محبوب سان تنهن جو پيار وڌائيندا ۽ حقيقي محبوب ڏي پيرين پنڌ وٺي ويندا.

جيڪي روئڻ وارا عاشق آهن، تون بہ انهن سان رهي پنهنجي مجازي محبوب جو تصور ڪر. اهي تنهن جي محبوب سان پيار وڌائي فراق جو مچ مچائيندا ۽ پوءِ حقيقي محبوب ڏي وٺي ويندئي.

جيڪي روئڻ وارا عاشق آهن، تون عشق واري ڏيءُ انهن سان گڏ رهہ، تہ جيڪڏهن تون عشق جي راهہ ۾ ڪابہ ويسر ڪندينءَ تہ توکي بہ گڏ محبوب حقيءَ جي ڏيهہ وٺي هلندا. جن جي روئڻ عبادت آهي، تون انهن سان نہ وڃينءَ.

اي عاشق جي اچٹو اتئي تہ جلدي صفاتي محبوب جي تصور کي سڙهہ ڪري هٿ هٺي تازو ڪري اچ. جڏهن عشق جو تيز امارو واءُ وانگر ايندو، پوءِ تصور جو سڙهہ سنڀاهي نہ سگهندين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٥)

نــنـگرَ جان نہ ڪَٽَنِ، وانءُ وَهَلِي نِڪـــري،
مَڇُنُ ڏيـهـــ وَڃَنِ، نــاڙِيُون پُوري نـاڪُئـا.

(٦)

نَنــگرُ ۽ نــاڙِيُون، پکِّهَہ ڪَٽــي پَنــدِ پِيـــا،
بَنــدَرُ ٻــازارِيــوُن، سُڃا ســـامُونــدِيــنَ رَيءَ.

(٧)

نَنــگرئــون نــيـــــٽـين، مَنُ اُولــيءَ نَہ اوهَري،
سَہــاجهـي ســيــٽـينِ، پـائـي ڳَنُ ڳِهـيــو، هِنيُون.

(٨)

سَيـٺِي جوپَنَ ڏِينـهَن، جَڏَهِن سَچَنُ سَفَرِ هَلِيـا،
رَئـان رَهَنِ نــہ سُپَرِيـن، آيـل ڪَرِيـان ڪـيـئَن،
مــونـڪـي چاڙِهـي چِينءَ، وِيــو وَڻِجارو اوهَري.

(٩)

نَہ ســـي تَڙِ هَوڙاڪَ، نَہ وايُون وَڻِجارَنِ جُون،
سَرِتيون سامونـدِينَ جا، اَڄُ پُنُ ڇِڪَيمِ چاڪَ،
مـــارِيَنِمِ هِنَ فِراقَ، پــاڙيــچِيـــون پِرِينِ جا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي عاشق تون جلدي وچ متان هو عاشق مجازي محبوب کي ڇڏي اکيون ٻوٽي پنهنجي حقيقي محبوب ڏي نہ هليا وڃن.

مجازي محبوب وٽان اکيون کڻي تصور ڪري حق ڏي هليا. مجازي محبوب جون اکيون عاشق روئڻ وارن ڪانسواءِ سيجون آهن.

مجازي محبوب ڪانپوءِ منهن جو من ورائڻ سان بہ نٿو وري. مهربان مجازي محبوب پنهنجن نوازشن سان مونکي قابو ڪري ڇڏيو آهي.

اهي جوانيءَ جا ڏينهن هئا جڏهن پرين ديدار ڪرائي، پوئتي سفر تي موٽيو. مان روئان پئي تڏهن بہ نہ رهيا. اديون هاٿي مان ڇا ڪريان. مونکي ديدار ڪرائي فراق جي مچ ۾ وجهي پاڻ پرڏيهہ هليو ويو.

ڪوبہ عاشق اکيون ٻيڙي ڪري مجازي محبوب جي تصور جي تڙ تي نہ آيو آهي. محبوب حقيقيءَ جي ڳالهہ بہ ڪونہ ٿو ڪري، تنهن ڪري مونکي حقيقي محبوب جون يادگيريون ڏکائن ٿيون. جيڪي مونکي پنهن جي فراق ۾ وجهي ماري ويا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٠)

وِيا اُوهَرِي اوءِ، مُونکي ڇڏي ماڳهِمَ،
ڄڱَنِ جا ڄڱَ تِيا، تـَئان نـَ مُوتِيو ڪوءِ،
ڳوندَرَ مارِيندوءِ، وِيچارِيءَ وِئَنِ جو.

(١١)

اُونِهي ئِي اهَري، جَڏَهِن جي وِيا،
ساندارِي سَمُوندَ جي، نِهوڙَي نِيا،
وَجي تِت پِيا، جِتِ نِهايَتَ ناهِ ڪا.

(١٢)

اُونِهي ئِي اهِري، جَڏَهِن وِيا جي،
موٽي ماڳِ نَـ آئِيا، ماءِ، سامونڊي سي،
ڪارو تَنِين ڪي، جَيڪُسِ وَهـُ وَرِي وِيو.

(١٣)

اوڙاهـِ وِيا نَـ وَرِيا، آءٌ تَنهِن ماري وِيڻَ،
ڪَري سامونڊِي سيڻَ، جُسي جارُ پرائيو.

(١٤)

جي وِئَرَمِ اَڄُ، سَي ڪَڏَهِن ايندا مان ڳَرِي،
پِريان جِي هُنَ پارَ ڏي، وَجي وَنِڪي ڏَڄُ،
سامُونڊِي ڪو ڏَجهِـ، ماءِ، مارِيندُمِ ڪَڏهِين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حقيقي محبوب مونکي هن ماڳ تي صفاتي محبوب وٽ ڇڏي پاڻ پري هليو ويو. جڳاندر گذري ويا، وري ميلو نه ٿيو جو ويل کوبه نه موٽيو آهي. انهن جو فڪر اندر ۾ مون مسڪين کي ماريندو. منهنجي اندر ۾ اڄ محبوب نه آهي.

(موتو قبلل) ڪري، مون وٽان جڏهن ويا. محبوب حقيقيءَ جي جيڪو تجلو ڏيکاري تنهن اهڙو لطف ڏنو ۽ عبرت ۾ وجهي ويا، اتي وڃي پهتا، جت پهچڻ ڪان ڳالهه پري آهي.

(مُوتُو قِبلَل) ڪري مونسان ملي، جڏهن جيڪي پرين ويا موٽي منهنجي اکين ۾ نه آئيا. ماءُ حقيقي محبوب منهنجي شايد روئڻ جي ڪاري پاٽيءَ تي ناراض ٿي ويو.

حقيقي محبوب اهڙيءَ ڪنهن سڪون واريءَ جاءِ تي ويو، جو ري نه موٽيو. مون حقيقي محبوب سان ناتو لائي ڏاڍو ڏک رايو.

حقيقي محبوب جيڪو (مُوتُو قِبلَل) ڪري مون وٽان اڄ ويو هي سو وري الائي ڪڏهن مون وٽ ايندو. اي صفاتي محبوب ون حقيقي محبوب جي طرفان وڃي اکين جي بيرق وانگر مڪو ڪر. حقيقي محبوب مونکي اهڙو سوز ڏئي ويو آهي. ـاءِ خبر نه آهي ته ڪڏهن مونکي وري (مُوتُو قِبلَل) ڪرائيندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٥)

اَمَريا جِئـائـين، ڏُکَنِ تَنِ تَرّائِيين،
ساموندِيَن سائين، واءُ تَهائُو وارِئِين.

(١٦)

ساموندِي ساري، مَتي تَڙَ ڳذارِيان،
مُونکي تِي ماري، اَنَهَنِ سندِي ڳالَهڙِي.

(١٧)

ساموندِي ساري، ماءُ، مُنهِنجو جِندڙو،
بَندَرِ وِيچاري، وَڃِي لايا ڏِينهڙا.

(١٨)

ساموندِيکَو سگُ، آهي گوندَرَ ڳاڏِئُون،
اَنگَنِ چاڙهي اَنگُ، وِئو وَڻجارو اوهِري.

(١٩)

وَڃَڻِي وِسِري شالَ، جو تَو سودو سِکيو،
اَجان آئِين ڪالَ، پُڻُ تو سَفَر سَنبَهِيَنَ.

(٢٠)

ڳرِيو جهَليو روءِ، مَتي مُهري هَتَڙا،
ڪوءِ سودو سندوءِ، جو تون ڏوِليا سِکيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو محبوب جنهن تڙ تان ويو. اڄ انهيءَ تڙ تي اچڻ جو ارادو اٿن. مولي تون واءُ سهنجو ڪجانءِ تہ جلد اچن.

حقيقي محبوب ڪي ياد ڪندي صفاتي محبوب وٽ پئي گذاريان. مونکي حقيقي محبوب جي پيار ماري ڇڏيو آهي.

حقيقي محبوب ڪي، ماءُ، منهنجو جسم بہ پيو ٿو ياد ڪري. خبر نہ آهي تہ انهن صفاتي محبوب وٽ ايترا ڏينهن ڇو لايا آهن.

حقيقي محبوب جيڪڏهن ناتو ڳنڍيجي، تہ ويٺو انتظار ۾ روءُ. ڇو تہ هو فراق ڪي بہ فراق ڏئي هليو ويندو آهي.

اهو سودو جيڪو تو سکيو آهي تہ عاشق ڪي ديدار ڪرائي ۽ موٽبو، اهو شال وسري وڃئي. مجازي محبوب تون ڪالهہ آيو آهين. وري اڄ سفر جون تياريون پيو ڪرين جو انسان فنا آهي.

صفاتي محبوب جي ٻنهي پيرن تي هٿ رکيون روئي جنگهن ۾ ياڪر وجهي ۽ چئي تي. ڊوليا هي تنهن جو سودو سٺو ناهي، جيڪو تو موٽي وڃڻ جو سکيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢١)

اَلوڙِڻُ نَہ ڏِئـــي، وَرُ وِڏائِين وَنـــجهَہ کـــي،
رَهَہ اَچوکِي راتڙي، لالَنَ مـــــــــوُن لائِي،
وَڃُ مَ ڦـــوڙائـــي، اَيـــڏي سَفَرِ سُپَرِيـــن.

(٢٢)

جيکُسِ نِبَرُ نِينهُن سَندومِ، جِيئَن مُون اُيي هُنَ تِيلهِيو،
سَعـيـو سـامـونـڊِيـنِ سـين، اِڳهِمِ کونَہ کَيـومِ،
وِڄهَڻُ مـنـجهِـــہ هُئـومِ، پـاڻَ وَراکـي رَسِ کـي.

(٢٣)

ٻَيـــڙيءَ جي ٻُوٽَنِ، نـيـهـــہ نَہ کَجي تَنِ سِين،
اُپِيُون ڏَنـيِ ڏِسَنِ، جُہ سِڙَهـہَ ڏيـئـي سِيـوَ تِيـا.

(٢٤)

هِنـيَڙو ٻـيـڙيءَ جان، ڏُتَڙ پَئـي ڏِيـنـهَن تِيـا،
پُڇِيـــو تـان نـہ پِرِيـان، کَرَ لاهُوتِي کَڏَهـين.

(٢٥)

تَنِ جَنـين جِي تـانـگَ، سـي سَجَڻَ سَفـرِ هَلِيـا،
لَئَنج لاتِ لَطِيفُ چَئي، کَڏَهن ايندَمِ کـانگَ،
کـنهن سِتـاڻي سـانگَ،، پِرِيـن پَرڏيهي کَيـا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حقيقي محبوب کي هلڻ نٿي ڏني. اکيون بند ڪري چنبڙي پئي ته منهنجي ڪري اڄوڪي رات رَهه. منهن جا پرين مونکي جدائي ڏئي وڏي سفر تي نه وڃ.

حقيقي محبوب سان منهن جو نينهن شايد پختو نه هئو. جيئن مان بيٺي رهيس ته مونکي زوريءَ ڌڪي هليا ويا. مون حقي محبوب سان اڳ ۾ اهڙو پيار نه ڪيو هو. نه ته مونکي ايئن ڪرڻو هئو جو محبوب جي سواريءَ کي پاڻ سان ويڙهي ٻڌي ڇڏيان ها.

حقيقي محبوب عاشق جي اکين تي ٻيڙي ڪري سفر ڪندو آهي، تنهن ڪري اهڙي محبوب سان نينهن نه ڪجي، ڇو جو حقي محبوب عاشق جي اکين تان پنهن جي صورت سڙهه وانگر اڏايون هليو ويو.

جيئن ٻيڙي درياءَ ۾ هوا ڪانسواءِ تڙ تي نه پهچندي آهي تيئن دل کي به ڏولاون ۾ گذاريندي گهڻا ڏينهن گذري ويا. پر محبوب ڪڏهن حال پائي تي نه اچي پڇيو آهي.

منهن جي دل کي جنهن جي سڪ آهي، اهي پرين وڏي سفر تي ويا آهن. اي ڪانگ لطيف تو چئي ته اهڙي ٻولي ڪر ته ڪڏهن منهنجو سڄڻ ايندو. ڪنهن سبب سان اهو سانگ ڪيو اٿن، پرديس جو، مونسان ناراض ته نه آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۲٦)

تانِ ڪِي لَئنج ڪانگَ، ڪَڏَهِن ايندا مان ڳَري،
سِيٽـنِ ڪارَڻِ سانگَ، مـونتان گـهٽيئي ڪَيا.

(۲۷)

سَرَ نِسرِيا پانـدَ، اُتَرِ لـڳا آءُ پِريـنِ،
مون تو ڪارڻ ڪانڌَ، سَهسين سُڪائون ڪَيون.

(۲۸)

سَرَ لـوهِيـڙا ڳِپِيـا، ڪُسَرَ نِسـريـا،
تـو ڪِيـئَن وِسِريـا، ڏَولِيـا ڏِيـنـهَن اَچَڻَ جا.

(۲۹)

جيـڪَرِ اَچن هاڻِ، تـہَ ڪَرِيان رُوحَ رَچَنـديون،
آيل ڍُولِئي ساڻُ، هُندَ ڳَرِ لَڳي ڳالِهَيون ڪَرِيان.

(۳۰)

آيَلِ، ڍولِئـي سـاڻُ، اَچي تـہَ جِهـيـڙِيـان،
لايَئي ڏِنهن گـهٽـا، مـون سِين ڪَيـئي تـورِڙا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي ڪانگ ڪجهہ تہ ڳالهاءِ تہ پرين ڪڏهن مون وٽ ايندا. مون پنهنجي پرينءَ لئہ ڪيترائي سانگ ڪيا آهن.

اڄ منهنجي اکين کي تنهنجي سار تي آهي جو اکين ۾ ڳوڙها ائين تري بيٺا آهن، جيئن سرَ جو ٻوڙو ڇيون سراڻ سان ڪيندو آهي. تنهن ڪري پرين تون اڄ.مون تنهن جي اچڻ لاءِ ڏاڍيون سڪائون باسيون آهن.

اي محبوب منهن جون اکيون پاڻي هارڻ يا روئڻ جون تياريون پيون ڪن، جيئن سرَ ۾ لوهيڙا ڳپ ڪندا آهن. ڪُسرَ نسرندا آهن. انهن وانگر منهنجي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا آهن. مونکي تنهنجي ياد ستائي ٿي، تو کان الائي ڇو اچڻ جا ڏينهن وسري ويا آهن.

منهنجو محبوب جيڪڏهن هينئر اچي وڃي تہ جيڪر روح منهنجو راضي ٿي وڃي، اي آئي! جي منهنجو محبوب هت هجي تہ ڳلِ لڳي پيار ونڊيون.

جڏهن روح کي حڪم ٿيو تہ هن بوتي انسان ۾ وڃ تہ مان اتي جلد ايندس. اي آئي! منهن جو پرين اچي تہ انهيءَ سان جهيڙو ڪريان تہ ڇو گهٽا ڏينهن لائي آيو آهين. مونسان تہ تورن ڏينهن جو وعدو ڪيو هيئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٣١)

ڏولِئـــو وِٽَڙو ڏورِ، تـــي تِي سِيءَ گذارِيـــان،
مـادر، مـون مَ چورِ، نـاتـہ پَدَرِ پونـدِي پرينءَ رِيءَ.

(٣٢)

لاهِيـنـدا ئـي ڪَنِ، ڳالِهــيُون هَلَڻَ سَنـدِيُون،
ڏيــنــدا مُون ڏکَنِ، وَهِہ وِجهــنـــدا جِنـدڙو.

(٣٣)

مُونـڪـي جِيـارِئـو، پِرَين جي ڳالِهــہ ڪَري،
ڏِنــو اَچُ اَڏِيـو، هِنـيَڙو ڪـوٽَ بُرِجَ جِيـــئَن.

(٣٤)

وانءُ وَجي وائُٽِ، هِنــيَڙا، مــــاڳُ پِرِينِ جو،
چُمِيـــو چُمِ چائُٽِ، هـوءِ جا سنـدي سـجڻـين.

(٣٥)

آءُ جَنِ آســــــاري، مَٿــــي تَڙِ گذارِيـــــان،
مـــونـڪـــي وِســـاري، شـــالَ مَ وَڃَنِ اَوهَرِي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو محبوب پري پنهنجي ملڪ ويو آهي، تڏهن مون ۾ عشق ٽڏو لڳو پيو آهي. آمان مونکي نہ چور نہ تہ مان ظاهر ٿي پنهن جي محبوب کي سڏ ۽ واڪا ڪندس، تہ مان ٿيءُ تون آهيان پوءِ تو دير ڇو لاتي آهي.

منهنجو حقيقي محبوب اچڻ سان ٿي وچڻ جون ڳالهيون پيو ڪري، جڏهن ويندا تہ مونکي ڏکن جي وڏي وهڪري ۾ وجهي ويندا.

اي سهيليون پرينءَ جي ڳالهہ ڪري منهنجي مَنَ کي تسلي ڏيو. ڇو تہ فراق ۾ منهنجو هنئڙو ڪنهن واريءَ ڪوٽ جي ڪنگرن وانگر ڊهي پيو آهي. تنهن ڪري دلداري ڏئي سڏير ڪيو.

عاشق پنهنجي دل کي چوي ٿو تہ پرينءَ جي ملڪ تي وڃي ۽ سڏ سماءُ ڪر ۽ محبوب جي دروازي جي چانئٺ چمجانءِ. تيئن عاشق جي اندر ۾ محبوب جو ماڳ آهي، تنهن جي جاچ لَهہُ تہ انهيءَ ۾ محبوب جي اچڻ لاءِ ڪيتري سڪ فڪر فراق آهي، پوءِ محبوب عاشق جي اکين مان اندر ايندو. جيڪي سڪ جو اظهار ڪندي رئنديون تن کي چميون پيو چمجانءِ.

آءُ جنهن حقيقي محبوب جي انتظار ۾ صفاتي محبوب جي تصور ۾ نظرون وجهي ويٺي آهيان. مونکي وساري پاڻ پري پنڌ تي هليا نہ وڃَنِ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٣٦)

سَنــــهـــي لَڪِ، نَڪِ سَئِين، ڪَجَلِ ڀَنِ نيـــڻَ،
سامُونڊِي، مونَ سينڻَ، ڪِ تو ڪاَلهَہ لَنگهائِيا.

(٣٧)

هـي سَجَڻَ سـيـئـي، جي مُون ڪـوڏِ نِهـارِيـا،
اِينـدَمِ جان پـيـهـي، تہ سَڀُ لاهـيـنـدَمِ ڏُکَڙا.

(٣٨)

چَمَڪِيـــون چوڏارَ، ڏَهُون ڏاريـچَنِ جِيـــون،
مـاءِ، سامـونڊي آئـيـا، سَهَسين ڪَري سِينگارَ،
اُنهِن جي پَچارَ، ڪـالـهـوڪَر ڪـانـگَ ڪَري.

داستان ٻيو

(١)

اَڄُ پُڻُ وايـــــــــون ڪَنِ، وَڻجارا وَڃَڻَ جُون،
اَئَــي پَهـــرَ اَتَنِ، ســعـــيـــو ڪَنـهِن سَفَرَ جو.

(٢)

اَڄُ پُڻُ وايُون ڪَنِ، وَڻـــــــجارا وَڃَڻَ جون،
مــــون اُيــــيـــئِي هَلِيــــا، بَنــدَرَ جَنِ تَڙَنِ،
سَرتـيـون سُورَ سَنَدَنِ، مـون مـاريـنـدو جِندڙو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي اکين مان منهنجو حقيقي محبوب جيڪو مون ڪالهہ ڏٺو هئو، تنهن جو نڪ چوپو، چيلهہ سنهي، اکيون ڪجل سان ڀنل ڏاڍو سهڻو هئو.

هي منهنجو محبوب اهو آهي. جنهن کي مون اڳي ستر هزار ورهہ تمام پيار مان ڏٺو هو، هاڻي منهنجي اکين ۾ پيهي ايندو تہ هِنَ هُنَ جهان جا ڏک لاهيندو.

چوڏاري سهڻن جون اکيون تجلا پيون ڏين. ماءُ، پاڻيءَ واريون اکيون حقيقي محبوب جون نوري تجلي سان سوين سينگار ڪري آيون. صفاتي محبوب انهن جي اچڻ جون واڌايون ڏئي، پيار سان وفاداريءَ ڪرڻ لاءِ چوي پيو.

حقيقي محبوب اڄ ئي اچي وڃڻ جون تياريون ڪري پيو. ڇڻ سندس ارادو سدائين سفر جو آهي. ڏينهن رات ۾ اٺ پَهَرَ آهن، مگر هڪ پهر بہ ويهي نٿو رهي، اٺئي پهر سفر ۾ تو رهي.

حقيقي محبوب اڄ ئي اچي وڃڻ جون تياريون پيو ڪري. محبوب صفاتي جي تصور واري تڙ تي ويٺو ئي رهيس تہ هو هليو ويو. سرتيون! منهن جي جان کي سندس سڪ فراق ئي ماريندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٣)

اَجُ پُڻَ وايـــــون ڪَنِ، وَڻِجارا وَڃَڻَ جون،
هَلَڻَ هــارا سُپَريــن، رُئــان تــان نـــَ رَهَنِ،
آءُ جَهـلـيـنـدِي ڪـيـتِـرو، آيَل ســامُونـدِنِ،
پِکَهَ چوڙي جَنِ، وِڏا ٻــيــــــڙا ٻـــار ۾.

(٤)

لاهِيــــان جي نــــَ چِتــــان، اَنِ مَ وِسِران،
مَڙِهيو مَنجهـاران، جيءُ منهنجو جَنِ سِين.

(٥)

چِتــــــاءَ جي نــــَ چُرَنِ، اَلا اَنَ مَ وِسِرانَ،
مون مَنُ آهي تَنِ، مـڙهيو مَنُجهَاران هنئين.

(٦)

تَڙِينِ تَنـوارِيـنِ، مــاءِ، ســامــونـدِي آئِيــا،
مــونـڪـي جِيــارِيـنِ، وايُون وَڻِجارَنِ جُون.

(٧)

اولا ڪِـتـي اوءِ، پِکَهــــ چوڙي پَنـدِ تِيـــا،
آيَلِ، ســامُنـدِينَ جِي، آهــِ آڙانــگـي جُوءِ،
ڪَڏهِن ڏِســنــدِيَسِ رُوءِ، وَري هِنَنِ اکِينِ سِين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حقيقي محبوب اڃ ٿي اچي ويڻ جون تياريون پيو ڪري، هو جڏهن منهن ورائي هلڻ جي ٿا ڪن تہ منتن تي بہ محبوب حقي نٿو رهي. آيل آءُ انهن حقيقي محبوب ڪي ڪيترو جهليندس، جن صفات جي تصور ڪان منهن موڙي پاڻ تار اونهي سمنڊ ۾ هليا ويا.

جيڪو حقيقي محبوب منهن جي دل تان لهڻ جهڙو ناهي، سو شل مونکي نہ وساري. جيڪي منهن جي اندر ۾ اچي ۽ ويا هليا تن سان اندر ۾ ٿي پيار تي وڃي ٿو.

جيڪڏهن غور سان ڏسان ٿو اندر ۾ تڏهن بہ نظر نٿا اچن. شل محبوب حق واري ڪان وسري نہ وڃان، ڇو جو هو منهنجي اکين ۾ اچي منهن جي دل پيار ۽ مِهَرِ سان قابو ڪري ويا آهن.

حقيقي محبوب ايندو ائين آهي ڄڻ پاڻ ڪي عاشق جي ملڻ جي ضرورت اٿس. وري ويندو ائين آهي ڄڻ عاشق ڪان بيزار آهي ۽ وري نہ موٽندو مگر انهيءَ تي تعزيت ڪرڻ ۾ منهن جو جياپو آهي.

صفاتي تصور جيڪو رويو ڪري مونکي اندر ۾ ديدار ڪرائي پوءِ اولو ڪٿي لاڳاپو ڇڏي ۽ هليا ويا. آيل! حقيقي محبوب جي جوءِ ڏاڍي اڙانگي يا ڏکي آهي. خبر نہ آهي تہ وري هنن اکين سان حقيقي محبوب جو ديدار ڪڏهن ٿيندو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٨)

لَڳي اُتَرَ هيرَ، ساموندِيَنِ سِڙَهَ سنباهِيا،
نَنگَرَ ڪَنِي نــاڪُئــا، ٿِيــا سَٽــاوا سِيــرَ،
هنئَڙي نِتَ اُڪيرَ، ڪــارَي ڪيــڙائُنِ جي.

(٩)

لَڳي اُتَرِ اُهَرِيـــــا، واهُنـــــــدي وَرَنِ،
آءُ گهَٽو ٿي گهورِيان، سودو ساموندِنِ،
اَڱڻِ جَنِ اَچَنِ، عِيـــــدَ وَرَتــي اُنَ ڪـــي.

(١٠)

اَڱڻَ آئيا جان، تہَ سَرَتِيون مون لک ٿِيا،
اَمُل پِريــنءِ مَتــان، ٻَرِ ڪِيــو ٻِيَنِ ڏِيـان.

(١١)

آئــي اُتَرَ مُنــدَ، هِنئــينِ اُڏَڪـو نــہَ لَهــي،
وَٽِينِ لاڄوبَنـدَ، ٻِيـــهَرَ مکيِن ٻيـــڙِيـون.

(١٢)

لاڄو ٽَــــا لَوَنِ، اَچَنِ، سِڙَهـــہ اُپَٽِيـــــا،
ڪـارڻ تَنِ پِرِينَ، ويـٺـي واٽَ نـهــاريـان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي روئڻ جي خبر پڌي حقيقي محبوب مون ڏي اچڻ جي
لاءِ صفاتي محبوب جي تصور کي سڙهه ڪري مونڏي اچڻ جو
رخ ڪيائون. اڪثريون ڪٽي سڌ منهنجي طرف ڪيائون. منهن
جي دل ۾ اکيون حقيقي محبوب جي ديدار جي انتظار ۾ آهن.

جڏهن منهنجي روئڻ جي خبر پين تہ تيار ٿيا. جو تہ جيڪو
سڪ فراق مان روئندو آهي، انهيءَ ڏي ويندا آهن. آءُ تہ حقيقي
محبوب تان، سر بہ گهورڻ لاءِ تيار آهيان. جڏهن راضي ٿي
جن وٽ اچن تہ انهن لاءِ عيد يا اهو وڏو ڏينهن هوندو آهي.

مرتيون، جيئن جو حقيقي محبوب مون وٽ ايندو تہ منهن جي
ءِ سک ٿيندا. روئي روئي املهہ ڳوڙها پرينءَ جي خوشيءَ ۾
ڻازي ماڻهن کي ڏيکاريان.

نهنجو فڪر فراق وڏي روئڻ جي منڊ اچي وئي آهي. منهن جي
ل جي ڏڙڪن بہ وڏي وئي آهي تہ اجهي ٿا اچن، تنهن ڪري
ڪيون اکهي وري اکين کي صاف ڪري انتظار ۾ وهان ٿي.

ت مون روئي ڳوڙها ٿي اکهيا، هوڏانهن حقيقي محبوب
نهنجي صفاتِ جي محبوب جي تصورن جو سڙهہ کولي اچن ٿا.
ن انهن پرين لاءِ واٽ وٺيون انتظار ۾ ويٺي آهيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٣)

سِڙهہ سُجاڻي چَوءِ، ، ماءِ سامونڊي آئيا،
مانَ مُنهنجو هوءِ، جاني هِنَ جهاز ۾.

(١۴)

سِڙَهہ تي سِبِيائون، بَندَرَ جَنِ تَڙَنِ تي،
سِڙَهہ سِبي ساڄا ڪَري، ڪوها ڪنيائُون،
بيرقون بَحَرَ ۾، ڇوڙي ڇَڏيائون،
لهريون لنگهيائون، لطف سانڻ لطيف چئي.

(١۵)

سِڙَهہ تي سِبيائون، بَندَرِ جَنِ تَڙَنِ تي،
مُلا مُعَلِمَ خَبِرون، پُڇي پُورِيائون،
سُتَڙُ سوٽائون، اَوَتَڙِ ڪنهن نہ اوليا.

(١٦)

بَندرُ دِيسان دِيسِ، مُلهہ نہ مِلِيَنِ وارِئين،
فقيراڻي ويسِ، اَمُلُ ڏِيَنِ اَنُ تُورِيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صفاتي محبوب جو تصور ڪري، مون سچاتو تہ اڳ بہ انهيءَ تصور مان ديدار ڪرايو هين. شايد اڄ بہ حقيقي محبوب اچي ويو. هاڻي بہ شل منهن جو حقيقي محبوب انهيءَ تصور واري جهاز ۾ هجي.

صفاتي محبوب وٽ جڏهن تصور پٺي ڪيائون تصور ڪري اڪيون ٻوٽي فراق مان حقيقي محبوب ڏي اکيون ڪنيائون. انهن اکين کي روئڻ لاءِ ڇڏي ڏنائون. لطيف تو چئي تہ پوءِ اهڙي مزي سان سڀ جذبا پار ڪرايائون.

صفاتي محبوب جي صورت ۾ جڏهن تصور پٺي ڪيائون. جيڪي عشق جو علم ڄاڻندا هئا، انهن ڪان پڇي اکيون ٻوٽي ڳولهڻ لڳا، تہ انهيءَ صفاتي محبوب جي تصور سان حقيقي محبوب ملين. ڪنهن ٻئي پاسي نہ ويا. (مولي چيو آهي قرآن شريف ۾ تہ مان سهڻو آهيان، مونکي سونهن ۾ ڳوليو.)

حسن هر جاءِ تي آهي پر مِلَنِ کي نصيب ناهي جو هو حسن کان نفرت ڪندا آهن. باقي ميٺاهينءَ وارا جيڪا هوندا ۽ انهن کي فقير جو لباس هوندو، تہ حسن وارا انهيءَ سان پيار ضرور ڪندا. جنهن جو ملهہ نہ هوندو آهي. پيار اَمُلَ شئي آهي جيڪا فقيرن کي گهٽي ملندي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٧)

پَتَڻَ پوءِ پَچارَ، آن کِي سِڙَهه ويندا گَڏِيا،
اَکُندَ مون اَپارَ، شالَ منهنجا موٽِيا.

(١٨)

اَيُون تَڙَ پُوڇِينِ، وَهون وِڻجارَنِ جون،
آٽيو اَکا ڏِيَنِ، کَتوري سمونڊَ کي.

(١٩)

جَنِين ڪارَڻِ مون، تي تَڙَ پُوڇارا پُوڇِيا،
پُنِيمِ اُميدون، سيئي سَڄَڻَ آئِيا.

(٢٠)

وَڻَنِيون تيون وَرَکَنِ، اَچا سِڙَهه نه پَڌِرا،
سيئِي تيون مَرَکَنِ، جَنِين سندا آئيا.

(٢١)

کُوهَنِ سِرِ وائِنتيونَ، وائُنتَين سِرِکَندَ،
کَيڙي کَيڙي کَندَ، ماءِ، سامونڊي آئِيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صفاتي محبوب وٽ ويهي عاشقن هڪبئي کان پڇيو تہ تنهن جي تصور ۾ حقيقي محبوب توسان مليو. مونکي فراق ڏاڍو وڏي ويو آهي.شال منهنجو محبوب مون ڏي موٽي اچي.

اهي عاشق جيڪي سر جو سودو پنهن جي مجازي محبوب کي ڏسڻ لاءِ کندا آهن، انهن جون اکيون صفاتي محبوب کي پيون ڏسن ۽ سجدا کن. اهي عاشق پنهنجي اندر سڀمنڊ ۾ روئي محبوب جي تعريف کن ٿا.

جيڪي محبوب سان پيار کندا هئا، انهن عشق وارن جي مون خدمت کئي. منهن جي بہ اميد پوري ٿي جو محبوب مون وٽ بہ آيو.

منهنجي اندر صفاتي محبوب جي تصور ۾ سندس اکيون پيون ٿيون چمکا کن، مگر حقيقي محبوب اڃان آيو ناهي. سي خوش ٿا ٿين، جن وٽ محبوب آيو آهي.

عاشق جي جڏهن مُوٽو قَبلل ٿيندي آهي تہ صفاتي محبوب جو تصور کندو آهي، جنهن مان حقيقي محبوب جو ديدار ٿيندو آهي. اهڙيءَ طرح ٻئي سر اهڙا ڳنڍيل هوندا آهن، جو هڪ نظر ايندو آهي. محبوب اهڙي نموني دنيا سڄيءَ جو سير کري پوءِ، ماءِ مون وٽ آئيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢٢)

جَرِ تَرِ ڏِيا ڏِي، وَڻ ٽِڻ ٻَڌي وائِنتيون،
الا ڪاندُ اَچي، آسائتي آهيان.

(٢٣)

جا جَر جا تون نہ ڏِئي، ڏيا نہ موهي،
سڌون ڪوهہ ڪري، سا پنهنجي ڪانڌ جون.

## داستان ٽيون

(١)

ٻُران مان نَہ ٻُڇان، بندَرَ مون ڏورِ ٿيا،
نہ مون هَڙَ نہ هنجَ ڪِي، جو آءُ چَئي چَڙهان،
اِئين ڪَج پاتِي، جنهن پَرِ پِريئڻ مِڙان،
ڪارُون ٿي ڪريان، تو دَرِ اُيي ناڪئا.

(٢)

هَڙَ ۾ ڪينَ هُئون، هنئين هُنَ نہ چاڙهيا،
سارو ڏينهن سَمُندَ تي، لَهي سجُ وَيون،
جڏهن سائينءَ سَبَبُ ڪَيون، تڏهن سُتَڙِ ٽِيا سَيد چَئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪو عاشق روئي مجازي محبوب کي روشن ڪري ۽ هر انسان ۾ محبوب ڏسڻ لاءِ اک اٿڪائي. تہ شل ان جو محبوب اچي جو هو سڪايل آهي.

جيڪا پنهنجي محبوب مجازيءَ لاءِ نہ روئي ان جو شان روشن نہ ڪري سا اجايون سڏون نہ ڪري تہ ڪو مونسان محبوب ملندو.

پيرن جو پنڌ ناهي جو مان پڇان، صفاتي محبوب بہ مونکان پري آهي، منهن جي ڪابہ زيارت عبادت عشق ۾ ناهي، جنهن ڪري آءٌ چڙهي پوان. مجازي محبوب تون مهرباني ڪر تہ جيئن حقيقي پرينءَ سان ملان. تنهن ڪري ٿي تنهنجي در محبت مان التجائون ٿي ڪريان.

عشق اهڙي شئي آهي، جنهن ۾ جيتري سڪ محبت فڪر فراق هوندو، اوترو ديدار ملندو. هن ۾ بغير سڪ جي تہ ڪجهہ بہ نہ ملندو. پوءِ پل ويني عمر گذري وڃي، پر جڏهن اکيون سوتي انهيءَ رات ۾ صفاتي محبوب جو تصور ڪبو تہ پوءِ محبوب راضي ٿيندو. تڏهن وڃي ميلو ٿيندو. سيد ٿو چئي جڏهن سبب ٿهيو، پوءِ وڃي حقيقي محبوب سان پهتا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٣)

آَســـــان اُڏارا، آٿـــي اَونـــڳَ، چاڙهـيـــا،
مُنـهـن ڏيـئـي مُون آئِيـا، سُهَمــان سِيـارا،
اُڀِرَنِ ســــيِڪـــارا، پَسِـيـــو وَرَ ڀِينِ جا.

(٤)

مُون اُيـــي تَرَّ وَٽِ، پِرِيَنِ پُڳَهـــــَ چوڙِيـا،
ڪا مُنهِين ۾ ڪهَٽِ، ناتہ سَڄَڻُ سَباجها ڳهٽو.

(٥)

مُون اُڀِي تَڙ هِيـٽِ، پِرِيَنِ پُڳَهـــــ چوڙِيـا،
ڪا مُنهِين ۾ ڏِيٽِ، ناتہ سَڄَڻَ سَباجها ڳهٽو.

(٦)

مُون اُيـــي تَڙَ جهَلَ، پِرِيَنِ پُڳَهـــــَ چوڙِيـا،
ڪا مُنهِين ۾ آلَ، ناتہ سَڄَڻَ سِباجها ڳهٽو.

(٧)

مُون اُڀِي تَڙَ پـاسِ، پِرِيَنِ پُڳَهـــــَ چوڙِيـا،
هو الله هارَ اُوهَرِيا، آءُ دمِدَمِ دُعا ڪنديـاس،
آهـَ نـَ لاهِينديـاسِ، مـوٽـي ايندا مـان ڳري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پين کي عشق ڪندي ڏسي، اسان به هڪ سهڻي ڪي وٺي آياسين، پر اسان جو عشق رهندو ماني تي ويو. جو چڻ سياري جي موسم اچي وئي، پوءِ جڏهن پين وٽ پنهنجو محبوب آيو، انهن انهيءَ سان پيار پئي ڪيو ته اسان ويٺا ويچار ڪيون ۽ ٺڏا شوڪارا ڀريون.

مون ڪوشش ڪري صفاتي محبوب جو تصور ڪري جان ڪٽي ڏسان ته حقيقي محبوب هليو ويو. مون کان اها گهٽتائي ٿي نه ته پاڻ ته وڏا مهربان آهن.

مان صفاتي محبوب جو تصور ڪري هيٺ وينس ته پرين حقيقت وارو اتان هليو ويو، مون سان نه مليو. پوءِ مون سمجهيو ته ڪا مون ۾ گهٽتائي ڏٺائين. نه ته محبوب ته تمام پيارو مهربان آهي.

مون صفاتي محبوب جو تصور ڪري ڪيس ڏٺو ته حقيقت وارو محبوب هليو ويو. هن مون ۾ ڪا گهٽتائي ڏٺي نه ته منهن جو محبوب ته تمام مهربان آهي.

مون صفاتي محبوب جو تصور ڪري اتي ويٺس ته حقيقي محبوب اتان هليو ويو. هو الله جي آسري هليا ته مان دمدم دعا ڪندس، اميد به نه لاهيندس ته موٽي مون وٽ ضرور ايندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٨)

ڪيڙائنِ ڪارو، سنجهيئِي سارِيو،
آيَلِ، اَمارو، آتَنِ پَرِيِين پارَ جو.

(٩)

ڪارِي ڪيڙائو، مَتي مِني موتِيا،
سودو ڪَنِ نہ سونَ جو، وَڏا وِهائو،
موتي جي مَهراڻ جا، تَنِ جا طاماعو،
سامونڊي سائو، لنڪا لوٽي آئيا.

(١٠)

لَنڪا لَنڪا ڪَنِ، لَئہِ لَنڪا جي اوهَرِئا،
سُٽي سونَ لَنِڪا جو، سُکِ نَہ سامونڊين،
پِرِهہَ پَڳهہَ چوڙِيا، ڪارِي ڪيڙائنِ،
وڏي ڀاڳِ ڀِڙَن، جي ڪَهِيا ڪارُنيارَ ڏي.

(١١)

وَٽِجارَنِ وَري، پِرَهہَ پَڳهہَ چوڙِيا،
اوليُون، پَسي اَنَ جون، پيڙَمِ ڳَچ ڳِرِي،
وِينديَسِ ماءِ مُرِي، سارِي سامُونڊِينِ کي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حبوب اڳيئي سمجهيو تہ هي عاشق جيڪو روئي نہ ٿو سو
چو ناهي، تنهن ڪري هن ارادو بدلائي ڇڏيو. آيل هن منهن
اسي ڪيو ۽ موتي ويا.

جيڪي ڪوڙي روئڻ واري عاشق جا ڪاوڙيل هئا سي سچي
ئڻ واري عاشق ڏي موتي آيا. جيڪي سر جا سودا ڪرڻ وارا
من. اُهي دولت جو سودو نہ ڪندا آهن. ڇو جو عاشق اهو
چو جيڪي فراق ۾ رئندو آهي، حقيقي محبوب انهن ڳوڙهن
ي موتين جي اهميت ڏئي قبول ڪندا آهن. جڻ تہ ڪنهن ڪي
ني اچي پنهنجون جهوليون پريندا آهن.

اشق جي سچائي، سچي عاشق جي طلب ڏسي حقيقي محبوب
ون اڪيون بيقرار ٿينديون آهن. انهيءَ ڪري روئڻ واري
اشق لاءِ سوير نڪري هليا. انهيءَ عاشق ڏي ايندا جيڪو
ڪيون ٻوٽيون اندر ڪارونيار ۾ رئندو رهي. انهيءَ جا وڏا ڀاڳ
هن، جي محبوب ملينَ.

نقيقي محبوب وري سچي عاشق لاءِ سوير ئي هليو آهي. جنهن
صور ۾ اچي ميلو ڪندو آهي، انهيءَ ڪي ڏسي مونڪي سڪ
ان ڳوڙها ڪري پيا. ماءُ مان انهيءَ حقيقي محبوب جي اڪڙين
ي ياد ڪري مري ويندس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٢)

وَٽجارَنِ واري، پِرِهہَ پَڳھہَ چوڙِيا،
ڪيڙائو ڪارِي، سَنِيوڙا، سيد چئي.

(١٣)

وَٽِجاري جِي ماءِ، وَٽِجارو نہ پَلَئين،
آيو ٻارهين ماهِ، پُڻِ تو سَفَرِ سَنبِهي.

(١٤)

وَٽجارِي ڪانداءِ، مون وَرَ ويٺي گهاريو،
لڳي اتر واءِ، ڏوليو هلڻ جون ڪري.

(١٥)

جي تون وٽجارو ڪانڌ، تہ مون هَڏمِ لائون لَڏِيون،
پَرڏيهہ متي سانگَ، آتِڀي پَهرَ جنهِن ڪَيو.

(١٦)

پَرڏيهہ پَوريائون، سامُوندِيَن سِڙهہ سَنباهِيا،
ماءُ تَنُ ماريائون، پاٹا وِجهي گوندَرِئين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حقيقي محبوب سچي عاشق سان سر جو سودو ڪرڻ لاءِ نڪتا آهن، سيد چئي ٿو تہ هو روئڻ مان پرکيندا آهن ۽ ان لاءِ سنبرندا آهن.

صفاتي محبوب تو وٽ حقيقي محبوب اچي ملي ٿو تہ تون هن کي انهيءَ فطرت کان جهَلِ، جيئن ڪيتري عرصي کانپوءِ اچي ٿو ۽ اچڻ سان پوئتي موٽڻ هن جو لازمي ٿي ٿو پوي.

حقيقي محبوب کي مان پنهنجو ڪانڌ سمجهي ويٺي گهاريو، جڏهن ڪنهن عاشق جو روئڻ ٻڌائين تہ مونکان هليو ويو.

مونکي جي اها خبر هجي تہ تون منهنجو پيار خريد ڪري هليو ويندين تہ مان شادي نہ ڪريان ها. ڇو جو تنهن جو انئي پهر پرڏيهہ وڃڻ جو ارادو آهي.

حقيقي محبوبَ مون کي مجازي محبوبَ جو تصور ڪندي ڏسي پنهنجي ڏيهہ تيار ٿي هليو ويو. تنهنڪري مان روئي پنهنجو حال تَنُ ماري ڇڏيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٧)

ڏٺي ڏيارِي، ساموندين سِڙهه سنباهِيا،
وِجهيو وَرَ وَنجهه کي، روئي وَڻِجارِي،
ماريندءِ ماري، پرهه سُورَ پرين جا.

(١٨)

ڏٺي ڏيارِي، ساموندين سِڙهه سنباهِيا،
اَنَ کي مُندَ اُتَرَ جي، اوچتو آئي،
وَڻجارنَ وائي، آهي پَريئين پارَ جي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حقيقي محبوب جي موٽڻ جي مند ڏسي مجازي محبوب جو تصور ڪٺي تيار ٿيا تہ مون روئي اکيون ڀوٽي صفاتي محبوب جو تصور ڪيو، پر پوءِ اهو محبوب جو سور توکي صبوح جو ماريندو.

حقيقي محبوب جي موٽڻ جي مند ڏسي، عاشق مجاز جو تصور ڪٺي تيار ٿيا. ڪنهن عاشق جي روئڻ جي مند بہ اوچتو اچي وئي. محبوب ڪي سدائين روئڻ واري عاشق ڏي هن پار وڃڻ جي تياري هوندي آهي. تنهن ڪري اوڏانهن هليا ويا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



## ڏيٺ

فقير يار محمد پيرزادو، غريب خاندان جو روشن ڏيئو، ڳوٺ فيٻر ضلعي لاڙڪاڻو (هاڻوڪو نوابشاهه) ۾ ۱۹۲۷ع ۾ جنم ورتو. پر جوانيءَ موهين جي دڙو لڳ ڳوٺ حاجي لال بخش شيخ، (ٻلهڙيجي) ۾ گذاريو.

تعليم سنڌي ڇهه درجا پاس ڪري ۱۹۴۲ع ۾ معلم ٿيو. ۱۹۴۸ع ۾ فائنل پاس ڪيائين پر ڪيس ماستريءَ ۾ نه رکيو ويو. ۱۹۵۲ع ۾ ڪيس داروغي جهڙي دل خوش ڪندڙ نوڪري ملي. ان نوڪريءَ سانگي درياهه ڪپ ۽ واهڙن جا وڏا سير ڪيائين. ماڻهن سان ميل ملاقاتون، ڪچهريون، ۽ انهن جي خيالن مان حاصلات ڪيائين. پر اها نوڪري به ڪيس راس نه آئي ته گهرو ڪم ڪار ۾ لڳي ويو. ان دوران عشق سنڌس در پيهي آيو ته سنڌس دنيا ئي مٽجي وئي. پوءِ جيڪي راز عيان ٿيس، انهن جي اُپٽار هن شاهه لطيف جي بيتن جي شرح لکندي ڪئي. ڪيس صحت وڌيڪ مهلت نه ڏني جو هي ڪتاب به ڏسي نه سگهيو ۽ پاڻ ۲۳ جولاءِ ۱۹۹۸ع تي هن جهان کي ترڪ ڪيائين.

جيسِينِ هُئي جِيئري، وِرچِي نَہ ويٺي،
وَڃِي پُونءِ پيٺِي، سارِيندي کَي سَڄڻين.

— ستار

شاهه جي شرح (فقيرانڻي انداز ۾) شارح - فقير يار محمد پيرزادو 9 سنڌ ادبي اڪيڊمي ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نَسُل . پ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، کُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاڙُو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻچاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)